# كليمنجارو جي برف

## ۽ ٻيون ڪهاڻيون



ارنيسٽ هيمنگوي

سنڌيڪار: رشيد ڀٽي

سنڌي ادبي بورڊ

# ڪليمنجارو جي برف

## (ڪهاڻيون)


ليکڪ

آرنيسٽ هيمنگوي

مترجم

رشيد ڀٽي/علي بخش ميمڻ



سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ

2005ع

چاپو پهريون مارچ 2005ع تعداد 500

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

قيمت: هڪ سؤ ٽيهه روپيا
[Price: Rs. 130-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
(فون نمبر 0221-633679)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

”ڪليمنجارو جي برف“ جڳ مشهور ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار آرنيسٽ هيمنگوي جي لکيل ڪهاڻين جو مجموعو آهي. هن مجموعي ۾ ڪل 10 ڪهاڻيون شامل آهن. آرنيسٽ هيمنگوي اهو واحد ليکڪ آهي، جنهن وٽ ڪان وٽ پنهنجن ذاتي تجربن ۽ مشاهدن کي لکڻين جو موضوع بڻايو آهي. ليکڪ پهرين عالمي جنگ دوران اٽليءَ ۾ هڪ ايمبولينس ڊرائيور طور ۽ ٻي عالمي جنگ دوران يورپي محاذ تي جنگي رپورٽر جا فرض سرانجام ڏنا. يقيناً هن ليکڪ ٻنهي جنگين دوران سپاهين کي زخمي ۽ مئل حالت ۾ ڏٺو هوندو ۽ ڪين ڪربناڪ حالت ۾ ايمبولينس ۾ کڻي اسپتال يا سندن وارثن تائين پهچايو هوندو. گڏوگڏ جنگين جون مختلف ڪيفيتون ۽ منظر سندس اکين اڳيان گذريا هوندا. انهن سڀني واقعن جي مشاهدي ۽ تجربي هيمنگوي جهڙي حساس ليکڪ کي متاثر ڪري ڪهاڻيون لکڻ لاءِ ذهني طرح اُتساهيو هوندو. هتي ڏنل تقريباً سموريون ڪهاڻيون انهيءَ سڄي ويڙهاند واري دور جو پسمنظر ظاهر ڪن ٿيون.

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ هڪ عظيم ليکڪ کي حالتن جو وڏو ادراڪ هوندو آهي. هو هڪ ئي وقت نہ رڳو وقت ۽ حالتن جي نبض شناسي ڪرڻ چاهيندو آهي بلڪ ان جي بروقت علاج ڪرڻ جو بہ ڪيس فڪر هوندو آهي. هنن ڪهاڻين جي ليکڪ جي مڃتا ڪرڻ کان پوءِ شاباس ڏجي جناب رشيد ڀٽي ۽ جناب علي بخش ميمڻ صاحبان کي، جن ڪهاڻين جي ترجمي ڪرڻ جو بار پاڻ مٿان کنيو ۽ اُهي نهايت سهڻي انداز ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب ۾ هن عالمي ادبي شهپاري جو اضافو ڪيو. ٻنهي صاحبن جي گڏيل پيار ڀرئي پورهئي سان تيار ٿيل هيءُ مسودو سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني جي الماريءَ ۾ ورهين کان نڌڻڪو پيل هو. اتان ڪڍي ڇنڊي ڦوڪي صاف ڪري اڳيرائي ڪرڻ جو اعزاز هن ناچيز بندي کي حاصل ٿيو آهي، نہ تہ ڪير ڄاڻي، تہ هيءُ ادبي خزانو آهن ڇپجي بہ ها الائي نہ.

بهرحال اڄ هيءَ ذميداري مون کي مليل آهي ۽ سڀاڻي ڪنهن ٻئي کي نصيب ٿيڻي آهي ۽ هر ماڻهو پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ضمير آڏو پاڻ تي رکيل

ذميدارين جو جوابده آهي. ان جو فيصلو ايندڙ وقت ئي ڪري ڇڏيندو تہ ڪنهن پنهنجي ذميوارين ڪي ڪيئن نڀايو. البت اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ ادارا پنهنجي ذميداريءَ ڪي ذميداري سمجهي نڀائڻ سان ئي هلندا آهن. ادارن ڪي بهتر طريقي سان هلائڻ وارو فقط اهو ئي هڪ سائنسي حل آهي، باقي رستا اجايا ۽ غير ضروري آهن.

سنڌي ادبي بورڊ هڪ نج تحقيقي ۽ علمي ادارو آهي، تنهنڪري هِتي ماڻهن جو جيڪو جيترو بہ ڪم ٿيل آهي، پوءِ ڇاهي اهو ماسو هجي يا مڻ، ظاهر ٿي بيهي ٿو. منهنجي بہ هر وقت اهائي ڪوشش آهي، تہ آءُ پنهنجي مُدي دوران سنڌي ٻولي، ادب ۽ تاريخ جي جيڪا خدمت ڪري سگهان، اها ماسن ۾ نہ پر مڻن ۾ ٽنن ۾ هجي. ان ڪم ۾ مون سان گڏ اداري جي پين ڪارڪُنن جو پورهيو پڻ شامل هجي، تہ جيئن اداري ۾ اجتماعي پورهيي جو تصور جُڙي سگهي. مون ڪي خوشي آهي تہ اداري جي ڪارڪنن ان ڏس ۾ پاڻ ملهايو آهي. اُميد اٿئون تہ پڙهندڙ بہ اهڙي پلي ڪم ۾ پاڳي پائيوار ٿيندا.

چام شورو، سنڌ
17 - مارچ 2005ع
بمطابق 06 صفر 1426 هہ

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست


| صفحو | عنوان |
|---|---|
| 1 | 1. ڪليمنجارو جي برف |
| 32 | 2. هڪ صاف، سني روشن جڳهه |
| 38 | 3. هڪ ڏينهن جو انتظار |
| 42 | 4. جواري، راهب ۽ ريڊيو |
| 64 | 5. پيءُ ۽ پُٽَ |
| 78 | 6. پرڏيهه ۾ |
| 85 | 7. خوني |
| 98 | 8. راهه، جا وري نه ملندي |
| 113 | 9. مقابلو، حرفت ۽ دولت |
| 144 | 10. فرئنسز ماڪومبر جي مختصر خوش زندگي |

# ڪليمنجارو جي برف

(ڪهاڻيون)

# "ڪليمنجارو" جي برف

"ڪليمنجارو"، برف سان ڍڪيل 19710 فوٽ اوچو پهاڙ آهي. چيو وڃي ٿو ته اهو آفريڪا جو سڀ کان مٿاهون پهاڙ آهي. هن جي الهندي چوٽيءَ جو نالو 'نڪاجي نڪائي' يعني 'ديوتائن جو گهر' آهي. الهندي چوٽيءَ جي ويجهو ئي ڪنهن چيتي جو هڪ سُڪل ۽ ڄميل مڙهه پيا آهي. ڪو به اهو سمجهائي نه سگهيو آهي ته ان ايڏي بلنديءَ تي چيتي ڇا پئي ڳولهيو!

"حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته ان ۾ سور ٿئي ئي نه". هن چيو: "اهائي ان جي شروع ٿيڻ جي نشاني آهي."

"سچي؟"

"بلڪل. ان جي ڌپ جو البت مون کي ڏاڍو ڏک آهي، اها توکي تنگ ڪندي هوندي."

"نه. نه. مهرباني ڪري ائين ته نه چئو."

"هنن ڏانهن نهار." هن چيو "هتي ڪين هن ڌپ آندو آهي يا سندن تيز نظر؟"

جنهن سفري کٽ تي مرد ستو پيو هو، سا گدامڙيءَ جي وڻ جي ڇانوري ۾ پئي هئي ۽ جيئن ئي هن جي نظر جرڪندڙ ڪليل ميدان تي پيئي، ته ٽي وڏا پکي بي حيائيءَ سان وينل ڏنائين ۽ درجن کن کان وڌيڪ مٿي آسمان ۾ لامارا ڏئي رهيا هئا ۽ زمين تي تڪڙا گهمندڙ پاڇولا پکيڙي رهيا هئا.

"جنهن ڏينهن کان ٽرڪ خراب ٿي آهي، تڏهن کان انهن پکين جا لامارا شروع آهن." هن چيو: "اڄ پهريون دفعو آهي جو هو پٽ تي لٿا آهن. پهريائين مان انهن کي ڏاڍو ڌيان سان اُڏامندي ۽ لامارا ڏيندي ڏسندو هوس، ڇو جو مان انهن جي اها ڪيفيت ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ ڪم آڻڻ پئي چاهي، پر هينئر ته اهو ڪجهه عجيب پيو لڳي!"

"مان ته چاهيان ٿي ته انهن ڏي خيال ئي نه ڏي." هُن چيس.

"مان ته رڳو توکي ٻڌايان ٿو." هن وراڻيو. "ٻڌائڻ ۾ مون کي ڪو اهنج نه

ٿو ٿئي، پر مان توکي پريشان ڪرڻ بہ نہ ٿو چاهيان."

"توکي خبر آهي تہ تنهنجي ڳالهين مان مون کي تڪليف ڪانہ ٿي ٿئي."

هن چيو "منهنجي پريشانيءَ جو ڪارڻ رڳو اهو آهي تہ مان بدحواس ٿي وئي آهيان ۽ تو لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهان. منهنجي خيال ۾ تہ پاڻ کي تيستائين وڌ ۾ وڌ خوش ۽ ڳالهين ۾ رڌل رکڻ گهرجي، جيستائين جهاز اچي."

"يا جيستائين جهاز اچي ئي ڪونہ!"

"قرب ڪري ٻڌاءِ تہ تولاءِ مان ڇا ڪري سگهان ٿي؟ آخر ڪجهہ تہ ڪري سگهنديس."

"تون منهنجي ٽنگ ڪٽي ڌار ڪري سگهين ٿي ۽ ائين ان عذاب جو خاتمو اچي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ مون کي پڪ نہ آهي. گولي هٽي ختم ڪري سگهين ٿي. تون هاڻي چڱي نشاني باز بڻجي وئي آهين. مون ئي تہ توکي نشانو وٺڻ جي مشق ڪرائي آهي. ائين نہ؟"

"جاني، اهڙيون ڳالهيون نہ ڪندو ڪر. ڀلا ڪجهہ پڙهي ٻڌايانءِ؟"

"پڙهي ٻڌائيندينءَ ڇا؟"

"ڪتابن جي ٿيلهي مان ڪوبہ، جو اسان نہ پڙهيو هجي."

"مان ٻڌي نہ ٿو سگهان، ڳالهائڻ سهنجو ٿو لڳيم." هن چيو، "ائين بحث تڪرار ۾ وقت سٺو گذريو وڃي."

"مان تہ تڪرار ڪونہ ٿي ڪريان. مان جهيڙو بہ نہ ٿي چاهيان. هاڻي اڳتي پاڻ کي جهيڙو جهٽو نہ ڪرڻ گهرجي، ڪيترا بہ ڪٽي نراس ۽ مايوس ڇو نہ ٿي وڃون. ٿي سگهي ٿو تہ هو ٻيو ٽرڪ ڪاهي اچ موٽي اچن. ٿي سگهي ٿو تہ جهاز ئي اچ اچي وڃي."

"مان هتان هلڻ نہ ٿو چاهيان". مرد چيو "هتان وڃڻ مان هاڻي ڪوبہ فائدو ڪونهي. البت توکي ڪو ان مان سک سهنج ملي تہ ٺيڪ آ."

"اها تہ بزدلي آهي."

"تون ڪنهن کي گارين ڏيڻ ڪانسواءِ آرام سان مرڻ بہ ڪونہ ڏيندينءَ؟ مون لاءِ اهڙا بي معنيٰ لفظ ڇو ٿي چوين؟"

"تون ڪونہ مرندين."

"اهو انصاف نہ آهي." هن وراڻيو. "اها تہ منهنجي بہ ايتري ئي هئي، جيتري تنهنجي. مون تہ تو لاءِ هرشيءِ ڇڏي ڏني. هرجاءِ تي تنهنجو ساٿ ڏنو ۽ هر اهو ڪم ڪيو جو تو چاهيو. پر جيڪر اسين هت نہ اچون ها."

"تو ئي تہ چيو هو تہ هيءَ جاءِ توکي وڻندي آهي."

"اهو تڏهن، جڏهن تون صفا چاڪ چڱو ڀلو هئين. پر هينئر مان هن جڳهہ کان نفرت ٿي ڪريان. مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ اهو سڀ ڪجهہ توسان ڇو ٿيو آهي. اسان کي ڪهڙي ڪئي جي سزا ملي رهي آهي."

"منهنجي خيال ۾ مون کان غلطي اها ٿي جو جڏهن پهريون ڀيرو رهڻ آئي تہ آيوڊين نہ لڳايم. پوءِ بہ مون ان طرف ڌيان نہ ڏنو ڇو جو مون کي پڪريز ٿيو ئي ڪين. پوءِ بعد ۾ جڏهن ان جي حالت خراب ٿي ويئي، شايد ان سادي ڪاربولڪ استعمال ڪرڻ سبب، ڇو جو ٻيون جيوڙا مار دوائون ختم ٿي چڪيون هيون. رت جون سنهيون ناليون مفلوج ٿي ويون ۽ ناسور شروع ٿيو." هن ڏانهس نهاريو. "ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي."

"منهنجو اهو مطلب نہ آهي."

"جيڪڏهن اسان جڏي ديسي ڊرائيور بجاءِ ڪو سٺو تجربيڪار ڊرائيور ڪٽون ها تہ هو تيل وغيره جي چڪاس ۽ جاچ ڪندو رهي ها، ۽ ٽرڪ جو بيئرنگ ائين نہ سڙي وڃي ها."

"منهنجو اهو بہ مطلب نہ آهي."

"جيڪڏهن تون پنهنجي ماڻهن کي نہ ڇڏين ها، خدا جي مار پوين ويسٽبري، ساراتوگا، ۽ پام بيچ وارن ماڻهن کي نہ ڇڏين ها. منهنجي خاطر....."

"ائين ڇو ٿو چوين؟ مون تہ توکي چاهيو آهي. اهو چوڻ مناسب نہ آهي. مان هاڻي بہ تو سان پيار ڪريان ٿي. سدائين توسان پيار ڪندي رهنديس. ڇا تنهنجو مون سان پيار ڪونهي؟"

"نہ" مرد چيو. "مان نہ ٿو سمجهان. نہ ئي مون ڪڏهن توکي چاهيو آهي."

"هيري، ڇا پيو چئين؟ تون نشي ۾ هوش وڃائي ويٺو آهين."

"نہ، مون کي هوش عقل آهي ئي ڪونہ جو وڃايان."

"نہ پيءُ" هن چيس. "پيارا! قرب ڪر، اهو نہ پيءُ، اسين جو ڪجهہ ڪري

سگهون سو اوس ڪرڻ گهرجي."

"تون ڪرين ته ڪر." مرد، عورت کي ڪاوڙ ۾ چيو. "مان ٿڪجي پيو آهيان."

هن جي تصور ۾ 'ڪاراگاچا' جي ريلوي اسٽيشن اچي ويئي. هو پنهنجي سامان سوڙو اتي بيٺو هو. سمپلن اوريئنٽ ريل جي انجڻ جي روشني اونده کي چيريندي وڌي رهي هئي. فوج جي پاڇ کان پوءِ هو ٽريس کان واپس وري رهيو هو. اها ڳالهه به انهن مان هڪ هئي جي هن لکڻ لاءِ رکي ڇڏيون هيون. بلغاريا ۾ صبح جو نيرن تي درين کان ٻاهر نهاريندي پهاڙن تي برف جو نظر اچڻ ۽ نانسين جي سيڪريٽريءَ جو هڪ پوڙهي کان پڇڻ ته اها برف هئي يا ٻيو ڪجهه ۽ پوڙهي جو ان کي ڏسڻ ۽ چوڻ ته اها برف نه هئي ۽ اجا برف ۾ دير هئي ۽ سيڪريٽريءَ جو ٻين ڇوڪرين کي ورجائڻ ته، نه اها برف نه آهي ۽ پوءِ سيني جو هڪ ٻئي کي ٻڌائڻ ته اها برف نه هئي ۽ هو سڀ ڀليل هيون، پر حقيقت ۾ اها برف ئي هئي ۽ جڏهن آباديءَ جو تبادلو ٿيو ته هن انهن سيني کي ان ئي رستي سان اماڻيو. اها ساري برف ئي برف هئي، جنهن تي هلندي هلندي هو سڀ مري ويون.

ان سال گڏائرٽل ۾ به ناتال وارو سارو هفتو برف پئي هئي. ان سال هو هڪ ڪانير جي گهر ۾ رهيا هئا، جنهن جو اڌ ڪمرو ته چينيءَ جي بخاري والاريو هو. هو رات جو ڪاٺ جي گاديلن تي پٽ تي سمهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ اتي هڪ ڀڳوڙو فوجي به آيو هو جنهن جا پير برف تي پنڌ ڪري ڪري ڦٽجي ويا هيا ۽ منجهانئن رت ڳڙي رهيو هو. هنن کيس پشم جا جوراب ڏنا. سندس پويان پوليس لڳل هئي. هنن کيس روانو ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن پوليس پيڇو ڪندي اتي اچي پهتي ته هن کين ڳالهين ۾ ريجهائي ويهاريو. جيستائين ڀڳوڙو فوجي پري نڪري ويو ۽ سندس پيرن جا نشان به برف پوڻ سان ڍڪجي ويا.

ناتال واري هفتي جي پوئين ڏينهن شرنز ۾ايتري برف پئي جو دريءَ مان ٻاهر نهارڻ سان ئي اکيون چمڪ کان چنجهيون پئي ٿي ويون ۽ سڀ ماڻهو ڇنيءَ طرح نظر اچي رهيا هئا جي گرجا کان گهرن ڏانهن موٽي رهيا هئا. اتي ئي هو گهميا ڦريا هئا، ان ئي زردي مائل رستي تي جو برفاني گاڏين جي هلڻ

ڪري لسو ٿي ويو هو ۽ جو نديءَ جي ڪناري سان چيل جي وڻن سان ڍڪيل پهاڙن تي هليو پئي ويو. ڪلهن تي ڳريون اسڪيز (برف تي ترڪڻ جون لوهي جتيون) ڪٽي هو مٿي چڙهيا هيا ۽ مئڊليزهاس نالي برفاني ڇپ تان هو هيٺ ترڪندا ڊوڙيا هيا. برف، جا چميل ڪيڪ جيان ڪونئري ۽ دز جيان هلڪي هئي ۽ هن کي ڇپ چاپ بي آواز تڪڙي ڳهٽ ياد هئي، جيئن ڪو وڏو پکي هيٺ لهندو هجي.

مئڊليزهاس ۾ هو هڪ هفتي تائين برف پوڻ ڪري ڦاسي پيا. ٻاهر برفاني هوائون گهلي رهيون هيون ۽ هو اندر لالٽين جي دونهاٽيل روشنيءَ ۾ تاش کيڏندا رهيا. جيئن جيئن مسٽر لينٽ وڌيڪ هارايو پئي، تيئن تيئن هن وڌو داءُ پئي لڳايو. آخرڪار هو سڀ ڪجهه هارائي ويٺو. اسڪيز جي، رانديگرن کان ڪمايل رقم، سڄي سال جو نفعو ۽ آخر ۾ پنهنجي ساري موڙي بہ. هن جي اکين اڳيان هن جو مُهاندرو اچا چڱيءَ طرح بيٺو هو، جڏهن هو پتا ڏسي چال پئي هليو. اتي سدائين جوا ٿيندي هئي. برف پئي يا نہ پئي. هن جي خيال ۾ هن ساري زندگي جوا ۾ گذاري ڇڏي هئي.

پر ان بابت هن ڪڏهن هڪ سٽ بہ نہ لکي هئي ۽ نہ ئي ان ٿڌي روشن ناتال جي ڏينهن بابت ئي ڪجهه لکيو هئائين، جڏهن پهاڙ اڪري ميدان مٿان اڏام ڪري 'بارڪر' جي جهاز موڪل تي ويندڙ آسٽريائي فوجين جي ريل گاڏيءَ تي بمباري ڪئي هئي، ۽ جڏهن هو ريل مان لهي ڇڙوڇڙ ٿي ڀڳا تہ مٿانئن مشين گن سان گوليون هلايون ويون. هن کي چڱيءَ ريت ياد هو تہ ان حملي کان پوءِ بارڪس ميس ۾ آيو ۽ واقعي جو تفصيل ٻڌائڻ لڳو. ڪيئن نہ سانت ڇانئجي ويئي هئي ۽ پوءِ ڪنهن چيو هو "او خوني! قاتل، حرامزادا!"

هي اهي ئي آسٽرياواسي هيا، جن کي هن نشانو بڻايو هو ۽ انهن سان هينئر اسڪيز راند کيڏي رهيو هو. نہ، اهي ساڳيا تہ نہ هيا. هو جنهن سان سڄو سال برف تي کيڏندو رهيو، سو مسٽر هئن هن وقت قيصر جاگرس ۾ هو. جڏهن هو آرامشين جي ڪجهه مفاصلي تي مٿانهين ماٿريءَ ۾ گڏجي سيهڙن جي شڪار تي ويا هئا تہ هنن پاسوبيا جي لڙائيءَ، پرٽيڪا ۽ اسلوني تي حملن بابت ڳالهايو. پر هن ان بابت بہ هڪ سٽ نہ لکي هئي. نہ ئي مانٽي ڪارنو، نہ ئي سٽي ڪاهر ۽ نہ ئي آرسيڊو بابت.

"پر تير تہ ڪمان مان نڪري چڪو آهي."

"ٺيڪ آ. تہ پوءِ مان توکي ڏکوئيندو رهندس. ان ۾ وڏيڪ مزو آهي. جو ڪجهہ مون تو سان ڪڏهن بہ ڪرڻ چاهيو پئي، سو مان هينئر نہ ٿو ڪري سگهان."

"نہ، اهو سچ نہ آهي. تو جو ڪجهہ ڪرڻ پئي چاهيو، مون بہ اهو ئي پئي ڪيو آهي."

"اف! مسيح جو واسطو اٿئي. ٻڪواس هٽڻ بند ڪر؟"

هن ڏانهس نهاريو. هوءِ روئي رهي هئي.

"ٻڌ،" هن چيس "ڇا تون سمجهين ٿي تہ مان هي سڀ ڪجهہ مزي خاطر ٿو ڪريان؟ يقين ڪر مون کي خود خبر نہ آهي تہ ائين ڇو پيو ڪريان. اها پاڻ کي مارڻ ۾ توکي زندهہ رکڻ جي ڪوشش آهي. مان تہ ائين ٿو سمجهان. جڏهن پاڻ ڳالهائڻ شروع ڪيو هيوسين تہ مان بلڪل ٺيڪ هوس. مون اهڙين ڳالهين جي شروعات ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ پئي چاهي. هينئر مان ٽنيهر جيان خبطي ٿي پيو آهيان ۽ توسان انتهائي بي رحميءَ وارو ورتاءُ ڪري رهيو آهيان. پياري، مان جو ڪجهہ چوان، اهو دل ۾ نہ ڪر. مان توسان پيار ڪريان ٿو، سچ پچ. توکي خبر بہ آ تہ مان توسان پيار ڪريان ٿو. ڪنهن سان بہ ايترو پيار نہ ڪيو اٿم جيترو توسان ڪريان ٿو."

هن روايتي ڪوڙ ڳالهايو، اُن سان هو خوشامد ڪري روزي ڪمائيندو هو.

"تون مون کي ڏاڍو پيارو آهين."

"او ڪُتي" هن رڙ ڪئي. "او مالدار ڪُتي، اها شاعري آهي، هينئر شاعريءَ مان منهنجي دل ڀرجي چڪي آهي. بي عقلي ۽ شاعري، ڪني شاعري."

"هاٽي بس ڪر، هئري! هينئر شيطان ڇو پيو ٿيندو وڃين؟"

"مان پويان ڪجهہ بہ نٿو ڇڏڻ چاهيان،" مرد وراڻيو. "مان پويان ڪا بہ شيءِ ڇڏڻ نٿو چاهيان."

شام ٿي وئي هئي، هو ننڊ مان جاڳيو هُيو. سج ٽڪرين جي پويان هليو ويو هو ۽ ميدان تي هوريان هوريان ڇانو اچي رهي هئي. ننڍڙا جانور ڪئمپ جي ويجهو چري پُري رهيا هئا. هو تڪڙو تڪڙو ڪنڌ هيٺ ڪري ڪائي بہ رهيا هئا

۽ پيچ بہ لوڏي رهيا هيا. هو هاٿي هنن کي ہوٽن ۽ جهڳٽن کان گهڻو پري ڏسي رهيو هو. پکي پٽ تي نہ رهيا هُئا. هو سڀ اڏامي وڻن تي وڃي ويٺا هئا.

هينئر انهن جو تعداد وڌي ويو هو. سندس نوڪر بہ پر وٺي ويهي چڪو هيو.

"مير صاحب شڪار تي ويٺي آهي،" چوڪري چيو. " اوهان کي ڪجهہ کپي چا؟"

"ڪجهہ بہ نہ." هُن وراڻيو.

ڪجهہ گوشت هٿ ڪرڻ لاءِ هوءَ شڪار تي ويٺي هئي. اهو چاٺندي تہ هئريءَ کي شڪار جو شوق هو، هوءَ گهڻو پري هلي ويٺي، تہ جيئن هوءَ سندس آڏو نندڙي ميداني نظاري جي لطف ۾ خلل نہ پيدا ڪري. هوءَ هر ڳالهہ جو خيال رکندي هئي. هئريءَ سوچيو. هر شيءِ جو، جا هن کي معلوم هجي، يا پڙهي هجي، يا ڪٿي ٻڌي هجي. هوءَ هر طرح هن جو خيال ڪندي هئي.

ان ۾ سندس ڪو قصور نہ هو. جڏهن هوءَ هئريءَ سان ملي تہ ختم ٿي وئي هئي. ڀلا ڪا عورت ڪيئن ٿي سمجهي سگهي تہ تون جو ڪجهہ چئين ٿو اهو سچ نہ آهي؟ تہ تون عادت موجب رڳو سک ۽ آسائش لاءِ ڳالهائين ٿو؟ جڏهن هو سڀ ڪجهہ سچ ۽ ساڀيان ۾ نہ ڳالهائيندو هو، تہ سندس ڪوڙ سچ ڳالهائڻ کان وڌيڪ اثرانداز ٿيندو هو.

هن لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪو مسئلو ئي نہ هو، چو جو وٽس سچ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ هيو ئي ڪين. هن پنهنجي ڀرپور زندگي گذاري هئي ۽ سڀ خواهشون پوريون ڪيون هيون ۽ پوءِ هن وري پنهنجي زندگي وڌيڪ واسطن ۽ دولت سان شروع ڪئي، ساڳين ئي خوبصورت جاين ۽ ڪن نين جڳهين تي پڻ.

"تون سوچ ۽ فڪر کان پري رهين، اها عجيب ڳالهہ هئي. تنهنجو اندر مضبوط ۽ سگهارو هو ان ڪري تون پڇي پورا ٿيڻ کان بچي وئين. تون جيڪو ڪجهہ ڪندو هئين ان جي توکي ڪا پرواهہ نہ هوندي هئي، اهو تنهنجو رويو هيو زندگيءَ ڏانهن. هاڻي جڏهن ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهين، تڏهن بہ تنهنجو ساڳيو بيپرواهيءَ وارو رويو آهي. پر تو پنهنجي ليکي ٿي چيو تہ تون انهن ماڻهن بابت لکندين، وڏن دولتمندن جي باري ۾، تہ تون درحقيقت انهن مان نہ هئين، پر انهن جي ملڪ ۾ هڪ جاسوس هئين، تہ تون اهو ملڪ ڇڏي ويندين

۽ ان بابت لکندين ۽ ائين لکندين جيئن ڪو گهر جو پيدي لکندو هجي." پر هن ايئن ڪڏهن بہ نہ ڪيو. ڇو جو نہ لکڻ واري هر ڏينهن، آسائش، عيش ۽ آرام جي هر ڏينهن، هن جي اهليت کي موڳو ۽ ماٺو ڪري ڇڏيو هو ۽ هن جي ڪم ڪرڻ جي ارادي کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. آخر نتيجو اهو نڪتو جو هن مورڳو لکڻ ئي بند ڪري ڇڏيو. آفريڪا ئي اهڙو علائقو هو جتي هن زندگيءَ جا پرلطف ۽ خوشگوار پل گُذاريا هئا. ان ڪري هو وري اتي موٽي آيو. جيئن بيهر لکڻ شروع ڪري سگهي. هتي هنن هڪ آرامده سفري ڪئمپ قائم ڪئي هئي. اتي ڪا تڪليف تہ نہ هئي، پر گڏوگڏ عيش ۽ آرام بہ مُيسر ڪونہ هو. هن سوچيو هو تہ اهڙيءَ ريت هو وري لکڻ طرف موٽي سگهندو. سندس روح تي ڇميل دز لهي ويندي، جهڙي ريت شڪاري بدن جي ڇرٻي ڳارڻ لاءِ جبلن تي شڪار لاءِ هليا ويندا آهن.

هن بہ هن جي ان خيال کي پسند ڪيو هو. هن ڇيو تہ ڪيس اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي پئي. هوءَ تہ هر ان ڳالهہ کي پسند ڪندي هئي، جا اتساهہ ڏيارينڙ هوندي هئي، جنهن ۾ نظارن ۽ جاين جي تبديلي هوندي هئي، جتي نوان نوان ماڻهو هجن ۽ وڻندڙ ڳالهيون هجن. هن گمان پئي ڪيو تہ شايد منجهس ڪم ڪرڻ جي ارادي جي سگهہ وري موٽي اچي. هاڻي جڏهن ان جو انت ائين ٿيو ۽ هن کي خبر هئي تہ ائين ٿيو آهي، تہ هن کي ان نانگ جيان نہ ٿيڻ گهرجي جو پاڻ کي ئي ڏنگي ڇو جو هُن جي ڇيلهہ ڀڃي پئي هئي. پر ان ۾ هن عورت جو تہ ڪو قصور ڪونہ هو.جيڪڏهن اها نہ هجي ها تہ ڪا ٻي هجي ها. جيڪڏهن هو ڪوڙ جي سهاري زندهہ رهيو پئي تہ مرڻ بہ ان سان گڏ گهربو هوس. هن ٽڪريءَ جي پويان گوليءَ جي ڇٽڻ جو آواز ٻڌو.

هوءَ سٺي نشاني باز هئي. هوءَ دولتمند ڪتي، مهربان سارسنڀار لهندڙ ۽ سندس ڏات جي دشمن. ڪهڙو نہ بيهودو خيال هو. هن پنهنجي ڏات تہ پاڻ ختم ڪئي هئي. هو ان عورت تي ڏوهہ ڇو ڏئي؟ ڇو جو هن تہ ڪيس خوش ۽ سکيو رکيو هو؟ هن پنهنجي ڏات کي استعمال نہ ڪري پاڻ ئي ختم ڪيو هو. پاڻ کي ۽ پنهنجي ويساهہ کي دوکو ڏئي، ايترو پي ڪري جو سندس فهم ۽ ادراڪ جي ڌار ئي مڏي ٿي وئي. سستيءَ سان، ڪاهليءَ سان، ڊاڙ هڻا ڪـُـن سان، وڏائيءَ ۽ بدنيتيءَ سان، مطلب تہ هر طرح سان. اهو سڀ ڇا هيو؟ پراڻن

ڪتابن جي هڪ فهرست؟ آخرڪار هن جي ذات هئي ڇا؟ اها ذات تہ برابر هئي، پر ان ڪي ڪتب آڻڻ بجاءِ هن وڪر ڪري ڇڪيو. اهو سڀ ڪجهہ اهو نہ هو جو هن ڪيو، پر اهو ڪجهہ هو جو هو ڪري پئي سگهيو. هن اهو پسند ڪيو تہ گذر سفر جو وسيلو پين يا پينسل بجاءِ ڪنهن ٻئي نموني حاصل ڪري. اها بہ عجيب ڳالهہ هئي، تہ جڏهن بہ هو ڪنهن ٻي عورت سان پيار ڪندو هو تہ اها عورت اڳينءَ کان وڌيڪ دولتمند هوندي هئي؟ پر جڏهن هو ڪنهن سان بہ پيار نہ ڪندو هو، رڳو ڪوڙ ڳالهائيندو هو، جيئن هينئر هن عورت سان، جنهن وٽ اڳين سڀني عورتن کان وڌيڪ دولت هئي، مڙس بہ هو، ٻار بہ هُئا، جنهن ڪيترائي عشق بہ ڪيا پر انهن مان ڪيس دلي سڪون نہ رهيو، ۽ جنهن هن سان هڪ ليکڪ، هڪ مرد، هڪ ساٿيءَ ۽ هڪ فخريہ حاصلات طور ڏاڍو پيار پئي ڪيو، اهو عجيب پئي لڳو تہ جڏهن هن ان سان پيار نہ پئي ڪيو ۽ ڪوڙ پئي ڳالهايو، تڏهن هو ان کي سندس دولت جي عيوض انهن کان وڌيڪ پيار ڏيئي رهيو هو، جن سان هن کي سچ پچ پيار هو.

"اسان سڀني کي ان لاءِ تنقيد جو نشانو بنائڻ گهرجي، جو ڪجهہ اسان ڪريون ٿا." هن کي خيال آيو. "بهرحال تون پنهنجو گذر پنهنجي ذات تي ڪرين ٿو. هن پنهنجي سگهہ ۽ صلاحيت ڪپائي ڇڏي هئي. هڪ نہ ٻي شڪل ۾ ۽ سڄي عمر لاءِ، جڏهن تون ڪنهن سان عشق ۾ قاتل ڪونہ آهين، تہ تون دولت جو معاوضو هونءَ کان بهتر نموني واپس ڪري سگهين ٿو." هن اهو سڀ ڪجهہ معلوم ۽ محسوس ڪيو هو، پر هو ان بابت بہ هينئر ڪونہ لکندو. نہ، هو ان بابت ڪڏهن بہ نہ لکندو، حالانڪہ اهو چڱو خاصو لکڻ جوڳو مواد هو.

هينئر هوءَ ڏسڻ ۾ پئي آئي، ميدان مان هلندي ڪئمپ طرف اچي رهي هئي. هن کي جوڌپوري برجيس پهريل هئي ۽ ڪلهي تي رائيفل. ٻن ڇوڪرن کي ڪلهن تي ڪانيءَ ۾ لڙڪيل جهنگلي ٻڪر هو ۽ هُو سندس پويان پويان اچي رهيا هئا. هوءَ اڃان بہ خوش نظر عورت هئي، هن سوچيو ۽ سندس جسم وڻندڙ ۽ دلڪش هو. هوءَ ڏاڍو پڙهندي هئي، سواري ۽ شڪار پسند ڪندي هئي ۽ يقينن پيئندي بہ گهڻو هئي. هوءَ اڃا جوان ئي هئي جو سندس مڙس مري ويو ۽ ڪو وقت هن پاڻ کي ٻن ٻارن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، جن کي سندس ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي ۽ ايترا وڏا تي ڇڪا هيا جو هن جي گهوڙن جي ڪڙهہ،

زائل ٿي وڃي، جو هن کي ٿي رهيو هو. ڪيئن نہ هر عورت، جنهن سان بہ هن ملاقات ڪئي، ڪيس هن جي غيرموجودگيءَ جو، تهان ئـي وڌيـڪ احسـاس ڏياريو. هوءَ جو ڪجهہ هن سان ڪري چڪي هئي، ان جي هن کي ڪا پرواهہ ڪانہ هئي، ڇو جو هن ڄاتو پئي تہ هو سندس محبت مان جـان ڇـڏائي نـہ سگهندو. هن ڪلب ۾ ويهي، ٽـڏو ٽانيڪو ٽي اهو خط لکي نيويارڪ روانو ڪيو ۽ ڪيس لکيو تہ جواب سندس پئرس واري آفيس تـي موڪلي ڇـو تـہ اهو پتو وڌيڪ محفوظ ٿي لڳو. ان رات هن جي غيرموجودگيءَ ۾ هو پاڻ کي خـالي خالي ۽ ويڳاڻو محسوس ڪرڻ لڳو. هو ٽاڪزم هوٽل تائين رلندو رهيـو. اتـي ڪيس هڪ ڇوڪري ملي وئي ان کي رات جي مـانيءَ تـي وٺـي ويـو. هـو سـاڻس ناچ ڪرڻ واري جاءِ تي ويو. هوءَ نهـايت ئي ٻـي ڍولـو نـاچ نچي، ان ڪـري هـن ڪيس ڇڏي هڪ آرمي عورت کي وٺي آيو، جنهن سان هـن ڪمپني ڪئي. هـن اها عورت هڪ انگريز سولجر کان کسي هئي، جنهـن تـي تلخ ڪلامي بہ ٿي. سولجر ڪيس ٻاهر سڏي للڪاريو ۽ هو ٻاهر گهٽيءَ ۾ آيو، اونده ۾ هو پـاڻ ۾ وڙهيا. هن ڪيس ٻہ زوردار ٺونشا ڄاڙيءَ هيٺان هنيا، ان بعـد بـہ جڏهن هو نـہ ڪريو تہ هن سمجهيـو تـہ مقـابلو ڳـرو آهـي. پوءِ سـولجر ڪيـس پيٽ ۾ اڪ جي هيٺان مڪون وهائي ڪڍيون. هن بـہ سـولجر تـي وار ڪيـو. پـر سـولجر هـن کي ڇـگي رنڊ ڪـڍي سڌ ڏئي، ڪوٽ جي هڪ ٻانهن بـہ ڦاڙي ڇڏيائين. هـن سـولجر جي ڪن پٺيان ٻہ زوردار ٺونشا هڻي پاڻ آجو ڪرايو. سولجر وڃي هيٺ ڪـريـو ۽ سندس مٿـو فـرش سـان ٽڪريـو. هـو ڇـوڪـريءَ کـي هـٿ کـان وٺـي ڀڳـو. هـو ٽئڪسيءَ ۾ چڙهيا ۽ باسفورس ڏانهن "رملي حصا" جا چـڪـر ڏيـڻ لڳـا. رات ٺري تہ هو موٽيا. هوءَ ايئن نظر پئي آئي ڄڻ ڪو پـڪل ميوو.

ساڳيءَ ئي رات هو اناطوليہ هليو ويو ۽ هن کي ان سفر جون بہ يـادگيريون اچڻ لڳيون. سارو ڏينهن پوست جي پوڪن وچان هلڻ. پوست جا هـو آفيـم نـاهڻ لاءِ پوکيندا هئا. ڪيڏو نـہ عجيب نظارو هيـو. آخرڪـار سـڀ پنڌ پيچرا غلط ثابت ٿيا. جتي هنن کي حملو ڪرڻو هو، اتي نئين آيل آفيسر سبب، جنهن کـي ڪا ذرو بہ خبر ڪانہ هئي، هنـن پنهنجي ئـي پيـادل فـوج مٿـان انڌاڌنڌ گوليـون هلايون هيون. ساڻن گڏ برطانوي مبصر ٻارن جيان رنو هو.

ان ڏينهن هن پهريون پيـرو مثل مـاڻهو ڏٺـا هئـا جن کي نـاچ وارا گهگها

پاتل هئا ۽ پيرن ۾ وڪڙدار ڇهنب سان ڦندڻن لڳل جتيون پيل هيون. ترڪ باقاعدگيءَ سان هوريان هوريان استقلال سان اڳي رهيا هيا ۽ هن گهڪهن وارن ماڻهن کي ڀڄندي ڏٺو ۽ آفيسر انهن تي گوليون بہ هلائي رهيا هئا ۽ پاڻ ڀڄندا بہ پئي ويا. هو ۽ برطانوي مبصر بہ وٽي پيا. جيستائين سندن ڦڦڙ هوا سان پرجي سور نہ ڪرڻ لڳا ۽ وات جو سواد ڪسارو نہ ٿي ويو. ترڪ ساڳي ئي ارادي سان وڌندا پئي آيا. هنن ڪن ٽڪرين پويان ترسي ساهي پٽي. پوءِ هن اهو ڪجهہ ڏٺو جنهن جو ڪڏهن هن سوچيو ئي ڪين هو ۽ بعد ۾ تہ ان ڪان بہ خراب حالت ۽ منظر ڏٺا. سو، ان پيري جڏهن هو واپس پئرس ويو، تہ هو ان بابت ڳالهائي نہ سگهيو ۽ نہ ئي ان جي ذڪر ڪرڻ جي همت ساري سگهيو. اتي هڪ هوٽل ۾ هن هڪ آمريڪي شاعر ڏٺو، جنهن جي اڳيان رڪيبن جو ڍير رکيل هو ۽ پٽاٽي جهڙي منهن تي حماقت پئي وسي. هو هڪ رومانيا جي رهواسيءَ سان، جنهن پنهنجو نالو رستان زارا پئي ٻڌايو. دادا تحريڪ تي ڳالهائي رهيو هو. زارا سدائين هڪ شيشي واري عينڪ لڳائيندو هو ۽ هردم متي جي سور جي دانهن ڪندو هو. اتان هو پنهنجي گهر زال وٽ موٽي آيو، جنهن سان هو هينئر وري محبت ڪرڻ لڳو هو. جهڳڙو ختم ڪري ڇڏيو هئائين. متس آيل ڇريائپ جو دورو ختم ٿي چڪو هو ۽ گهر اچي خوشي محسوس ڪري رهيو هو. آفيس وارن سندس ٽپال فلئٽ تي ڏياري موڪلي. اهڙيءَ ريت هڪ صبح جو ٽپال ۾ ان خط جو جواب بہ اچي پهتو جو هن لکيو هو. هن جڏهن هٿ اکر سڃاتا تہ سندس سرير مان سيءَ جا سيسراٽ نڪري ويا. هن ان کي خطن جي ٿهي هيٺان لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس زال پڇيو: "اهو خط ڪنهن وٽان آيو آهي پيارا؟" تہ اها ان نئين زندگيءَ جي شروعات جي پڄاڻي هئي.

هن کي هن سان گهاريل سڀ گهڙيون ۽ جهڳڙا ياد آيا. جهيڙي جهٽي لاءِ هو هميشہ خوبصورت جايون پسند ڪندا هئا. اهي جهيڙا جهٽا تنهن وقت ڇو ٿيندا هئا، جنهن وقت هن جو مزاج بهتر هوندو هو. هن انهن مان ڪنهن تي بہ ڪڏهن نہ لکيو، ڇاڪاڻ جو هڪ تہ هن ڪنهن جي بہ دل آزاري ڪرڻ نہ پئي چاهي، ۽ ٻيو تہ ان کان سواءِ ٻيو گهڻو ڪجهہ لکڻ لاءِ بہ هن وٽ موجود هو. پر هو هميشہ سوچيندو هو تہ آخرڪار هن کي اهو سڀڪجهہ لکڻو ئي پوندو. لکڻ

لاءِ گهڻو ڪجهه ٿي هو. هن دنيا ڪي تبديل ٿيندي ڏٺو هو. رڳو واقعا ۽ حادثا نه. حالانڪ هن ڪيترائي واقعا ۽ حادثا ڏٺا، ماڻهن کي به جاچيو ۽ پرکيو هو. هن باريڪ ۽ مائيون تبديليون به ڏٺيون هيون ۽ هن کي چڱيءَ ريت ياد هو ته ڌار ڌار وقتن تي ماڻهو ڪيئن نه نرالا ۽ نيارا ٿيندا هئا. هو انهن حالتن مان لنگهيو هو. انهن کي جاچيو هئائين. ۽ اهو هن جو فرض هو ته اُن تي لکي، پر هينئر هو ڪڏهن به ائين نه ڪري سگهندو.

"ڪيئن پيو ڀانئين؟" هن پڇيو. جا وهنجڻ ڪان پوءِ تنبوءَ مان ٻاهر نڪري آئي هئي.

"بهتر".

"ڪجهه کائيندين؟" هن مولوءَ کي بند ٿيندڙ (فولڊنگ) ميز هٿ ۾ کنيون بيٺل ڏٺو ۽ ٻي ڇوڪري کي طعام جا خونچا هٿن ۾ هئا.

"مان لکڻ ٿو چاهيان." هن چيو.

"ڪجهه قوت ۽ سگهه حاصل ڪرڻ لاءِ توکي شوروو، ٿورو کي گهڻو، وٺڻ گهرجي."

"مان اڄ رات مري رهيو آهيان." هن چيو "مون کي ڪنهن به ٻل يا قوت جي ضرورت نه آهي."

"هئڙي پيارا، مهرباني ڪري اهي ناٽڪي ڳالهيون نه ڪر." هن چيو.

"تنهنجي سنگهڻ جي صلاحيت ختم ٿي ويئي آهي ڇا؟ اڌ سٽر ڪان مٿي تائين مان ڳري سڙي ڇڪو آهيان. شوروي پيئڻ جي حماقت ڪرڻ معان ڇا ورندو؟ مولو! وسڪي ۽ سوڊا کڻي اچ."

"مٺا! ٿورو شوروو پيءُ." هن نرمائيءَ سان چيو.

"ٺيڪ آ."

شوروو گرم هو. هو تيستائين ڪوپ هٿ ۾ جهليون ويٺو رهيو، جيستائين اهو پيئڻ جهڙو ٿڌو نه ٿيو. پوءِ هڪ ڳيت سان ٺي پي ويو.

"تون ڏاڍي سٺي عورت آهين." هن چيو "منهنجيون ڳالهيون دل ۾ نه ڪندي ڪر."

هن پنهنجو چڱيءَ پر ڄاتل ۽ پيار ڪيل منهن مٿي کٽي ڏانهس نهاريو. ميڪ اپ ٿيل نقلي چهرو ڪجهه شهري ته ڪجهه ڳوٺاٺو. شراب نوشيءَ ڪي قدر

بگاڙي ڇڏيو هو. پر شهر يا ڳوٺن ۾ اهڙي سهٽي عورت ٿڌڙا ڪيندڙ نرم هٿ ڪٿي هوندا آهن! جيئن "هـِن هـُن ڏانهن ڏٺو ۽ سندس موهيندڙ مرڪ ڏٺي". هن هڪ ڀيرو وري موت کي ايندو محسوس ڪيو. هن دفعي هو ڌوڪيندو ڇوهي جيان ڪونہ پئي آيو، پر هڪ ڦوڪ جيان، هوا جي هڪ هلڪي جهوٽي جيان، جنهن سان ٻرندڙ شمع ڦڙ ڦڙ ڪئي ۽ ان جي لاٽ گهڙيءَ لاءِ ڌِگهي ۽ تيز ٿي وئي.

"هنن کي چئو تہ پوءِ منهنجي چاري کٽي اچي وڻ ۾ لڙڪائين ۽ باهہ مچائين. اڄ رات مان تنبوءَ ۾ اندر نہ سمهندس. هاٿي هتان ڇـُرڻ پرڻ اجايو آهي. اڄ رات صاف آهي. برسات جا بہ ڪي آثار ڪونہ آهن."

"سو اهڙيءَ طرح تون مري وئين. پڻ پڻ ڪندي، جا تو پاڻ بہ نہ ٻڌي، نهيو. هاڻ وڌيڪ جهيڙو جهٽو ڪونہ ٿيندو." هو اهڙو وچن ڏيئي پئي سگهيو. هڪ اهڙو تجربو جو هن کي اڳ ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. اهڙو تجربو هن هاڻ ضايع ڪرڻ نہ پئي چاهيو. يا هو شايد وري ائين ڪري وجائي. تو هر شيءِ وڃائي چٽ ڪري ڇڏي. پرهاڻ هو شايد ائين نہ ڪري.

"مان جيڪي چوان سو تون لکي تہ ڪونہ سگهندينءَ؟ يا لکي وينديِنءَ؟"

"مان تہ ڪڏهن اهو سکيو ئي نہ آهي."

"ٺيڪ آهي."

خير هاڻ تہ وقت بہ ڪونہ بچيو هو، جيتوڻيڪ دوربين جيان سڀ ڪجهہ هن جي آڏو اچي بيٺو هو ۽ جي ڪو چڱيءَ طرح لکي سگهي ها تہ هو انهن کي هڪ مختصر ٽڪري ۾ سمائي پئي سگهيو.

ڍنڍ جي ڪناري تي، هڪ ٽڪريءَ تي ڪاٺ جو جڙيل گهر هو، جنهن تي اڇو رنگ ٿيل هو. در جي ٻاهران هڪ سنهي ڪانيءَ جي ننڍي ٽنيي تي هڪ گهنڊ لڙڪيل هو، جو مانيءَ تي ماڻهن کي اندر ڪوٺڻ لاءِ وڄايو ويندو هو. گهر جي پوئتان آباد زمينون هيون ۽ انهن ٻنين جي پويان ٻيلي جو ڪاٺ پيل هو. گهر کان پتڻ تائين ٻهڻ جي وڻن جي گهاٽي قطار پئي وئي. ان سان گڏ ٻيا ننڍڙا ٻهڻ جا وڻ بہ بيٺا هئا. هڪ رستو ڪانئين ڪان ٻهاڙيءَ تائين پئي ويو ۽ ان رستي تان هو ڪارا ٻير پٽيندو هو. پوءِ اهو ڪاٺ جو گهر ساڙيو ويو ۽ جيڪي بہ بندوقون باهہ ٻارڻ واري ڪليل جڳهہ مٿان پيت ۾ لڳل هرڻن جي منڍين مٿان رکيل هيون، سي سڀ سڙي ويون ۽ بعد ۾ انهن جون ناليون جي شيهي

هئي. جتي پوڙها مرد ۽ عورتون سستو شراب پيئندا هيا. جتي ٻارن جا نڪ سرديءَ ۾ زڪام کان وهندا هيا. ڪيفي. ڊي. اميچوئر (الهڙن جو شراب خانو) ۾ هر وقت گندي ڀڳهر. غربت ۽ شراب جي ڊپ هوندي هئي ۽ مٿي وئشائون رهنديون هيون ۽ انهن جي محافظ عورت ريپبليڪن گارڊ جي هڪ فوجيءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ وندرائيندي هئي. هن جي ڪمري ٻاهران هال ۾ سندس نوڪرياڻي رهندي هئي، جنهن جو مڙس سائيڪلن جي ڊوڙ ۾ حصو وٺندو هو. ان ڏينهن صبح جو سندس خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي هئي، جڏهن هن اخبار "لا - آلو" کولي ته خبر پيس ته سندس مڙس پئرس واري ڊوڙ ۾ ٽيون نمبر آيو هو. اها هن جي پهرين وڏي ڊوڙ هئي. خوشيءَ کان هن جي ڳلن تي ڳاڙهاڻ اچي ويئي ۽ ازخود کلڻ لڳي ۽ پوءِ هٽ ۾ راندين واري هيڊي رنگ جي اخبار کڻي ڊوڙندي مٿي چڙهي وئي. جيڪا عورت بالمسيئيءَ جو اهو وئشا گهر هلائيندي هئي، ان جو مڙس ٽئڪسي هلائيندو هو، ۽ جڏهن هن کي (هئريءَ) صبح جو سوير جهاز ۾ وڃڻو هوندو هو ته هو درڪڙڪائي کيس اٿاريندو هو، ۽ هئي سفر شروع ڪرڻ کان اڳ بار تي هڪ هڪ گلاس اڇي شراب جو پيئندا هيا. هو انهن ڏينهن ۾ پنهنجي سيني پاڙيسرين کي سڃاڻندو هو، ڇو جو هو سڀ غريب هيا.

ان جڳهه جي آسپاس ٻن قسمن جا ماڻهو رهندا هيا. هڪڙا شرابي ۽ ٻيا رانديگر. شرابي ان ريت پنهنجي غربت کي مات ڪندا هيا ۽ رانديگر ان کي ورزش سان. اهي باغين (پئرس ڪميون ۾ حصو وٺندڙ) جي نسل مان هيا ۽ کين پنهنجي سياست سمجهڻ ۾ ڪا جاکوڙ نه ڪرڻي پوندي هئي. هنن کي خبر هئي ته ڪنهن سندن والدين، سندن عزيزن، سندن ڀائرن ۽ سندن دوستن کي گوليءَ جو نشانو بڻايو هو. جڏهن ورسيلز جون فوجون آيون ۽ شهر تي قبضو ڪيو ته هر ان ماڻهوءَ کي ماريو ويو، جنهن جا هٿ پورهئي ڪرڻ سبب کهرا هيا. يا جنهن کي ٽوپي پهريل هوندي هئي، يا ڪا به اهڙي سڃاڻپ هئي، جنهن مان هو پورهيت پئي لڳو. ان غربت ۾، ان علائقي ۾ ئي، بوشيري شيوالائن جي پار هڪ گهٽيءَ ۾ شراب جي سهڪاري دڪان سامهون، هن ان لکڻيءَ جي شروعات ڪئي هئي، جيڪو هو اڳتي هلي سڀ ڪجهه ڪرڻ وارو هو. پئرس جو ٻيو ڪو به حصو اهڙو نه هو، جنهن سان هن کي ان حصي جهڙو لڳاءُ هجي.

چوڌاري وڻ، اڇو ليپو لڳل پراڻا گھر، جن جي بنيادن وٽ هلڪو ناسي رنگ لڳل هوندو هو. گول چوڪ ۾ ڏکڻي سائي رنگ جي بس. فرش تي گلن جو واڱڻائي رنگ پکڙيل. ريوڪارڊينل لموئني جي پهاڙيءَ جو نديءَ طرف اوچتو لاهه. ۽ ٻي پاسي مئو فينارڊ جي سوڙهي ۽ ماٺهن سان ڳتيل دنيا. پئنٿن پهاڙيءَ ڏانهن مٿي ويندڙ گهٽي ۽ جنهن مان هو هميشه سائيڪل تي لنگهندو هو. ساري علائقي ۾ اهائي هڪ ڏامر واري گهٽي هوندي هئي، جا سائيڪل جي ٽائرن لاءِ لسي ۽ نرم هئي. جنهن جي پاسن کان سوڙها گهر ۽ سستو بلند هوٽل هو، جتي پال ورليني زندگيءَ جا آخري پساهه پورا ڪيا. جنهن جاءِ ۾ هو رهندا هيا، ان ۾ رڳو ٻه ڪمرا هيا. هن ان هوٽل جي آخري منزل تي هڪ ڪمرو مسواڙ تي ورتو هو، جنهن جي مسواڙ سٺ فرئنڪ ماهوار هئي ۽ اتي هو لکندو هو ۽ اتان هو پئرس جون سڀ ڇتيون ۽ دونهي جا منگهه ۽ پريون ٽڪريون ڏسي سگهندو هو.

باقي جڳهه مان تہ رڳو پيلو ۽ ڪوئلي جي واپاريءَ جو گهر ئي نظر ايندو هو. هو شراب بہ وڪڻندو هو، گندو شراب. بوشيري شيو لائن جي دروازي تي هڪ سونهري رنگ جي گهوڙي جي منڍي لڳل هوندي هئي، جنهن جي زرد رنگ جي درين مٿان زرد سونهري ۽ ڳاڙهي رنگ جون ڪوندبيون لڙڪنديون هيون. سائي رنگ جو سهڪاري جماعت جو دڪان بہ هو جتان هو شراب خريد ڪندا هيا. سٺو ۽ سستو شراب. باقي ليپي لڳل پتيون ۽ پاڙيسرين جون دريون نظر اينديون هيون. پاڙيسري جيڪي رات جي وقت، جڏهن ڪو شرابي ٽڙندو ٽاپڙندو، اڇي گهٽيءَ ۾ ڪرندو هو ۽ روايتي فرانسيسي انداز ۾ ڪنجهندو هو ۽ ڪرڪندو هو، تڏهن دريون کوليندا هيا ۽ پڻ پڻ شروع ڪندا هيا.

"پوليس وارو ڪٿي آهي؟ ضرورت نہ هوندي تہ پيو حرامي ڏڪا کائيندو هت، ڪنهن سان مٿي سمهيو پيو هوندو. گماشتي کي سڏي وٺو." جيسٽائين ڪو دريءَ مان پاڻيءَ جي بالٽي نہ هاريندو تہ ڪنجهڻ ڪرڪڻ بند نہ ٿيندو هو. "اهو ڇا آهي؟ ها ها، پاڻي. ڪنهن عقلندي ڏيکاري آهي." ۽ پوءِ دريون بند ٿي وينديون هيون. ميري، هن جي نوڪرياڻي روزانو اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ خلاف پنڪو پنيندي چوندي هئي. "جي ڪو مڙس ڇهين بجي تائين ڪم ٿو ڪري تہ گهر ايندي واٽ تي گهٽ پيئندو آهي ۽ گهڻو پئسو نہ وڃائيندو آهي ۽ جي هو

ويندو آهي. پر ان رات وارو وليئم سن هن کي هردم ياد هوندو هو. وليئم سن جي تڪليف ڪنهن به صورت ۾ نه گهٽي، جيتوڻيڪ هن ڪيس اهي سڀ مارفيا جون گوريون ڏئي ڇڏيون، جي هو سدائين پنهنجي لاءِ اهڙن وقتن واسطي بچائي رکندو هو. پر انهن ايڏين گورين به ڪو اثر نه ڏيکاريو.

هينئر به جا هن جي حالت هئي سا ڪا گهٽي تڪليف ڏيندڙ نه هئي. جي حالت ان کان وڌيڪ خراب نه ٿي ته ڳڻتيءَ جهڙي ڪا ڳالهه نه هئي، سواءِ ان جي ته هن سٺي ساٿ ۽ سنگت جي خواهش پئي ڪئي.

هن جهٽ لاءِ ان سنگت ساٿ لاءِ سوچيو، جن کي هن پاڻ وٽ ڏسڻ پئي چاهيو. نه، هن سوچيو، تون جڏهن به ڪجهه ڪندو آهين ته ان کي چنبڙي پوندو آهين ۽ گهڻي اوير ڪندو آهين. هينئر انهن ماڻهن جي اميد ۽ آس تي هو تـولاءِ ترسيا ويٺا هوندا. سڀ ماڻهو وڃي چڪا آهن. پارٽي پوري ٿي چڪي آهي، هينئر صرف تون اڪيلو پنهنجي ميزبان سان رهجي ويو آهين.

هينئر مان موت کان به ڪک ۽ بيزار ٿي چڪو آهيان. جيئن ٻئي سڀ ڪجهه کان. هن سوچيو. "ڏاڍو بيزار ٿيو آهيان". هن زور سان چيو.

"وري ڇا ٿيو، جاني، ڪنهن بيزار ڪيو اٿئي؟"

"ڪو به ڪم جو مسلسل ڪندو رهجي."

هن سندس چهري کي، پنهنجي ۽ باهه جي روشنيءَ جي وچ ۾ ڏٺو. هوءَ ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيو ويٺي هئي ۽ باهه جي روشني سندس خوبصورت چهري کي تـهان ٿي وڌيڪ چمڪائي رهي هئي ۽ هن محسوس ڪيو ته هوءَ ننداکڙي ٿي لڳي. هن وري چراخ جو آواز ٻڌو، پر اهو گوليءَ جي پهچ کان ٻاهر هو.

"مان لکندو رهيو آهيان،" هن چيو "پر مان هينئر ٿڪجي پيو آهيان."

"سمجهين ٿو ته ننڊ اچي ويندئي؟"

"بلڪل. تون اندر ڇو نٿي وڃين؟"

"مان هت توسان ويهڻ ٿي چاهيان."

"ڪجهه عجيب عجيب نٿي محسوس ڪرين؟" هن عورت کان پڇيو.

"نه، رڳو ڪجهه ننڊ پئي محسوس ڪريان."

"مون کي ڪجهه عجيب عجيب لڳي پيو."

هن وري محسوس ڪيو ته موت وري اچي رهيو هو.

سندس ڇاتيءَ تان بار لهي ويو.

ان مهل صبح هو. سج کي اڀرئي ڪافي وقت ٿيو ۽ هن هوائي جهاز جو آواز ٻڌو. اهو تمام ننڍو ڏيکارجي رهيو هو ۽ پوءِ هن وڏو چڪر ڪاٽيو. چوڪرن ڊڪي ٻاهه ٻاري. ڪانئين مٿان رکيل گاهه تي گاسليٽ وجهي، هنن ٻاهه دکائي ۽ اهڙيءَ ريت ميدان جي ٻنهي ڇيڙن تي ٻه وڏا نشان ٺي بيٺا ۽ صبح جي هيرن انهن جي دونهي کي ڪئمپ طرف ڌڪي رهي هئي. جهاز ٻه ٻيا چڪر ڪاٽيا ۽ گولائي ڪاٽي ڪجهه هيٺ لٿو ۽ سڌو ٿي آرام سان اچي زمين تي بيٺو. پتلون، ٿونڊ جي جئڪيٽ ۽ ناسي فيلٽ هئٽ پايون ٻڌو ڪامپٽن هن ڏانهن آيو.

"ڇا ٿيو آ، جهونا؟ ڪامپٽن پڇيس.

"ٽنگهه خراب ٿي پئي آهي"، هن جواب ڏنس "ڪو نيرن پاڻي ڪندين؟"

"مهرباني. رڳو چانهه جي ضرورت آهي.هي پس هاٿ (هوائي جهاز جو نالو) آهي، توکي ته خبر آهي. ميم صاحب کي ڪٽي نه وجي سگهندس. رڳو هڪ ڄڻي جي جاءِ آهي. توهان جي لاري به دڳ ۾ آهي.

هيلن، ڪامپٽن کي پاسيرو وٺي هن سان ڪجهه ڳالهائڻ لڳي، ڪامپٽن اڳ کان به وڌيڪ خوش نظر پئي آيو.

"ٺيڪ آ، توکي مان ڪٽي ٿو هلان." هن چيو "ميم لاءِ وري موٽي ايندس. هينئر شايد اروشا ۾ رڪڻو پوي. ٻارڻ وٺڻ لاءِ. چڱو ته هاڻي هلون."

"چانهه جو ڇا ٿيو؟"

"عادت ته ڪونهي، خبر ٿئي، ڇڏينس!"

ڇوڪرن ڪٽ کڻئي ۽ ساون تنبن کان ڦري ٽڪر تان هيٺ لهي، ميدان ۾ اڳتي وڌيا. ٻاهه جي مچن وٽان لنگهيا، جي ڀڙڪي رهيا هئا. گاهه سارو ختم ٿي چڪو هو ۽ هوا ٻاهه کي ڀڙڪائي رهي هئي. هو ننڍڙي جهاز وٽ پهتا. هن کي ڏکيائي سان اندر نيو ويو. اندر ٿيڻ سان ئي هو چمڙي جي ڪرسيءَ تي ليٽي پيو ۽ ٽنگهه هڪ طرف سڌي ڪري رکيائين. سندس سيٽ جي ان پاسي کان جنهن کان ڪامپٽن ويٺو هو. ڪامپٽن انجڻ چالو ڪري اندر گهڙي ويو. هن هيلن ۽ ڇوڪرن کي هٿ لوڏي موڪلايو. جهاز پنهنجي گوڙ شور سان چريو. ڪامپيءَ ٻن ٻاهين جي وچ مان سڌ ڪري جهاز کي زمين تي ڊوڙائڻ شروع

اُس ۾ چمڪندڙ ”ڪليمنجارو“ جي چورس چوٽي هئي، تڏهن هن کي خبر پئي تہ هيءُ ئي اها جاءِ هئي جتي هو وڃي رهيا هيا.

ٺيڪ ان مهل، چراغ رات جي اونداهي ۾ رڙيون ڪرڻ بند ڪيون ۽ عجيب، صفا انسان جيان روئڻ جو آواز ڪڍڻ لڳو. عورت آواز ٻڌو ۽ بي چينيءَ مان پاسو بدلايو. هوءَ جاڳي ڪانہ. هوءَ سپني ۾ پنهنجي وڏي گهر ۾ هئي، جو هڪ ٻيٽ تي هو. اها سندس ڌيءُ جي سامائجڻ جي دعوت کان هڪ ڏينهن اڳ جي رات هئي. ڪنهن ريت ان جو پيءُ بہ اتي اچي نڪتو هو ۽ هُن ڏاڍي ڪٺورتا وارو ورتاءُ ڪيو هو. پوءِ چراغ جو آواز ايترو وڏي ويو، جو هوءَ جاڳي پيئي ۽ جهٽ پل لاءِ سمجهي نہ سگهي تہ هوءَ ڪٿي آهي. هوءَ ڏاڍي ڊنل هئي. پوءِ هن ٽارچ کڻي ٻيءَ کٽ تي روشني وڌي، جا هنن تڏهن کڻي اندر ڪئي هئي، جڏهن هئريءَ کي ننڊ اچي ويئي هئي. هن کي سندس سرير مڇردانيءَ جي اندران نظر آيو، پر الائجي ڪيئن سندس ڄنگهہ ٻاهر هئي ۽ کٽ تان هيٺ لڙڪي رهي هئي. پٽي ساري لهي چڪي هئي، ۽ هوءَ ان کي وڌيڪ ڏسي نہ سگهي.

”مولو“ هن سڏ ڪيو. ”مولو! مولو!“

پوءِ هن چيو ”هئري، هئري!“ سندس آواز ڳورو ٿي ويو ”هئري، پيارا، او، هئري!“

پر ڪوبہ جواب نہ مليو نہ ئي هن جي ساهہ کڻڻ جو ڪو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

تنبوءَ جي ٻاهران چراغ وري ساڳيو ئي عجيب آواز ڪيو، جنهن ڪيس جاڳايو هو، پر هوءَ پنهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي وڃڻ سبب اهو آواز بہ ٻڌي نہ سگهي.

---

# هڪ صاف، سٺي روشن جڳهه

دير گهڻي ٿي ويئي هئي ۽ هرڪو ڪيفي مان هليو ويو هو. سواءِ هڪ ٻڍي جي، جو پاڇي ۾ ويٺو وڻ جي پنن مٿان بجليءَ جي روشني ڪرڻ تي سوچي رهيو هو. ڏينهن جو گهٽيءَ ۾ ڌوڙ پٽي اڏامندي هئي، پر رات جي وقت ماڪ، مٽيءَ کي آنرائي ڇڏيندي هئي. جنهن ڪري ٻڍو دير تائين ويهڻ پسند ڪندو هو. ڇو جو هو ٻوڙو هو. رات جو اتي ماٺ هوندي هئي ۽ هن کي گوڙ ۽ خاموشيءَ ۾ فرق محسوس ٿيندو هو. ڪيفي ۾ ڪم ڪندڙ ٻن خادمن کي سُڌ هئي ته پوڙهو نشي ۾ هو. جيئن ته هو انهن جو پراڻو ۽ سٺو گراهڪ هيو. سو ڄاڻائون پئي جي گهڻو پي ويو ته ڪين ادائگي ڪرڻ کانسواءِ ئي هليو ويندو. ان ڪري هنن سندس پيٺڻ تي نظر پئي رکي.

"گذريل هفتي هن خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي." هڪ ويٽر چيو.

"ڇو؟"

"مايوسيءَ کان."

"ڇا کان مايوس هو؟"

"ڪابہ ڳالهہ نہ هئي."

"ڪيئن ٿو چئين تہ ڪابہ ڳالهہ نہ هئي؟"

"دولت بہ هن وٽ جام آهي."

هو ٻئي ان ٽيبل تي هڪ ٻئي جي پرسان ويٺا هيا. جا ڪيفي جي دروازي پرسان پٽ سان رکي هئي. هو ٻئي ٻاهر ٿلهي ڏانهن ڏسي رهيا هيا. جتي ان ٽيبل کان سواءِ، جنهن تي ٻڍو ويٺو هو. باقي سڀ ٽيبلون خالي هيون. جنهن وڻ جي پنن جي ڇانوري ۾ هو ويٺو هو سو هوا تي ڇُري پُري رهيو هو. هڪ فوجي، هڪ ڇوڪريءَ کي گهٽيءَ مان ورتوئن پئي ويو. گهٽيءَ واري بلب جي روشني، فوجيءَ جي ڪلهي تي لڳل بڪل کي چمڪائي رهي هئي. ڇوڪريءَ کي مٿي تي ڪجهہ بہ ويڙهيل ڪونہ هو ۽ فوجيءَ سان گڏ تڪڙيون وکون کڻندي وڃي رهي هئي.

"پوليس هن کي پڪڙيندي." هڪ ويٽر چيو.

"ڪير ٿو پرواهه ڪري ان جي، جنهن چيز جي پٺيان هو آهي، جي اها هن کي دڳ ويندي ملي وڃي."

"هن لاءِ چڱو آهي تہ اها گهڻي ڇڏي وڃي. پوليس ضرور ڪيس جهليندي. اڄهو هاڻي پنج منٽ ٿيا آهن جو هو ان گهٽيءَ سان ويا آهن."

ڇانوري هيٺان ويٺل پوڙهي، ساسر تي گلاس هڻي ٺڪ ٺڪ ڪئي. ننڍو ويٽر وڏي وٽس آيو.

"ڇا کپيوَ؟"

پوڙهي ڏانهس ڏٺو. "بي برانڊي." هن چيو.

"نشو ٿي ويندوَ" ويٽر چيس. پوڙهي ڏانهس گهور مان ڏٺو. ويٽر هليو ويو.

"هي سڄي رات ترسندو." هن پنهنجي ساٿيءَ کي چيو. "مون کي تہ هينئر ننڊ پئي اچي. ٽين وڳي کان اڳ تہ ڪڏهن بہ سمهڻ نصيب نہ ٿيو اٿم. چڱو ٿئي ها جو گذريل هفتي پاڻ کي ماري ڇڏي ها."

ويٽر ڪيفي ۾ اندر وڃي هڪ بي ساسر ۽ برانڊيءَ جي بوتل کڻي ۽ ٻاهر پوڙهي جي ٽيبل ڏانهن آيو. هن ساسر ٽيبل تي رکي، گلاس برانڊيءَ سان ڀريو.

"گذريل هفتي توکي پاڻ ماري ڇڏڻ کپندو هو." هن ٻوڙي گراهڪ کي چيو. پوڙهي آڱر سان اشارو ڪندي چيس، "ٿورو وڌيڪ." ويٽر گلاس ۾ وڌيڪ برانڊي اوتي، تان جو گلاس ڀُر ٿي ويو ۽ اها ٽيبل تي وهي هلي. "مهرباني." پوڙهي چيس. ويٽر بوتل واپس ڪيفي ۾ کڻي ويو. هو وري وڃي پنهنجي ساٿيءَ سان ٽيبل تي ويٺو.

"هاڻي مدهوش آ."

"اهو تہ هر رات ٿيندو آهي."

"هن پاڻ کي مارڻ جو ڇو پئي گهريو؟"

"مون کي ڪهڙي خبر؟"

"خودڪشي ڪيئن ٿي ڪيائين؟"

"پاڻ کي نوڙيءَ سان لٽڪايو هئائين."

"پوءِ، ڪنهن لاهي، بچايس؟"

"سندس ڀائٽي."

”چالاءِ بچايائونس؟“

”سندس روح کي عذاب کان بچائڻ خاطر.“

”دولت ڪيتري اٿس؟“

”ڪوڙ ساري اٿس.“

”اسي سالن جو ته ٿيندو؟“

”بلڪل، اسي سالن جو ضرور ٿيندو.“

”خدا ڪري گهر وڃي. ٽين وڳي کان اڳ ته ڪڏهن بسترو نصيب نه ٿيو اٿم. اهو به ڀلا ڪو سمهڻ جو وقت آ؟“

”هن کي هتي ويهڻ شايد ايڏو وڻي ٿو، جو وينو آهي.“

”هي ته ٿيو اڪيلو، مان ته اڪيلو نه آهيان. مون کي هڪ زال به آهي، جا منهنجو انتظار ڪندي هوندي.“

”ڪڏهن هن کي به زال هئي.“

”هاڻي هن لاءِ زال کهڙي ڪم جي.“

”ڪيئن ٿو چئي سگهين. ٿي سگهي ٿو ته زال سان وڌيڪ سک مليس ها.“

”ڀائٽي سار سنڀال لهيس پئي. تو ئي ته ٻڌايو ته ان نوڙي ڪٽي بچايس.“

”هائو، خبر اٿم.“

”مان ته ايترو پوڙهو ٿيڻ نه چاهيندس. پوڙهو ٿيڻ سو به ايترو، ڏاڍو بُرو آهي.“

”هي پوڙهو هميشه ڏاڍو صاف سٿرو رهندو آهي. پيئڻ وقت به، نه هي هاريندو آهي، نه گند ڪندو آهي. هاڻي به توڙي پيتل آهي، ته به ڏسينس.“

”مان هن ڏانهن ڏسڻ به نه ٿو گهران. مان ته چاهيان ٿو جيڪر هو گهر هليو وڃي. هن کي سارو ڏينهن ڪم ڪرڻ وارن جو به ڪجهه خيال رکڻ گهرجي.“

پوڙهي پنهنجي گلاس جي آرپار، چوڪ طرف نهاريو ۽ پوءِ ويٽرن ڏانهن ”بي براندي“ هن گلاس ڏانهن اشارو ڪندي چيو. جيڪو ويٽر تڪڙ ۾ هو، سو وڌي وٽس آيو.

”ختم.“ هن اهڙي انداز ۾ ڳالهائيندي چيو، جنهن ۾ احمق ماڻهو، نشي ۾ مست ماڻهوءَ سان ڳالهائيندا آهن يا ڪنهن پرديسيءَ سان جو مقامي زبان نه ڄاڻندو هجي.

"اڄ رات وڏيڪ نہ ملندو. بند ٿي ويو."
"ٻي ڪٿي اڃ." پوڙهي چيو.
"نہ، ختم." ويٽر ٽوال سان ٽيبل کي اگهندي چيو ۽ پنهنجو ڪنڌ ناڪاريءَ انداز ۾ ڌوڻيو.
پوڙهو اٿي بيٺو. هوريان هوريان بَسيون ڳڻيائين، چمڙي جو پئسن وارو ٻٽون ڪڍي شراب جي ادائگي ڪيائين. ڪُجهہ پيسا بخشش ۾ ٽيبل تي ڇڏيائين.
ويٽر، هن کي، هيٺ گهٽيءَ ۾ ويندو، ڏسندو رهيو. ايڏو پوڙهو ماڻهو، ٿڙندڙ قدمن سان پر وڏي مان شان سان وڃي رهيو هو.
"وڌيڪ پيئڻ ڇو نہ ڏنوسينس؟" جنهن ويٽر کي تکڙ هئي، تنهن چيو. هو دروازا ڏيئي رهيا هئا. "اڃا تہ ادائي بہ نہ ٿيا آهن."
"مان گهر وڃي سمهڻ ٿو چاهيان."
"ڪلاڪ اڌ ۾ ڇا ٿي پوي ها؟!"
"مون لاءِ ڪلاڪ، هن جي پيٽ ۾، گهڻو ڪجهہ آهي."
"ڪلاڪ ۾ ڪجهہ نہ ٿئي ها."
"تون پاڻ بہ هڪ پوڙهي جيان ڳالهائي رهيو آهين. هو بوتل خريد ڪري گهر ۾ بہ پي سگهي ٿو."
"گهر ۾ اها ساڳي ڳالهہ نہ آهي، جا هِت آهي."
"نيڪ آ. ساڳي نہ آهي." زال واري ويٽر اتفاق ڪيو. هن بي انصاف نہ ٿيڻ پئي چاهيو. هن کي رڳو تکڙ هئي.
"۽ تون؟ توکي پنهنجي مقرر وقت کان اڳ گهر پهچڻ ۾ ڪو ڊپ يا خوف ڪونہ ٿو ٿئي؟"
"تون منهنجي بي عزتي ڪرڻ ٿو چاهين؟"
"نہ يار، چرچو ٿو ڪيان."
"نہ." جنهن ويٽر کي تکڙ هئي، تنهن شٽر بند ڪندي چيو، "مون کي ڀروسو آهي، مون کي پورو پورو ڀروسو آهي."
"توکي جوڀن بہ آهي، ڀروسو بہ ۽ روزگار بہ." وڏيءَ عمر واري ويٽر چيو.
"تو وٽ تہ هر شيءِ آهي."

"تو وڻ کهڙيءَ شيءِ جي گهٽتائي آهي؟"
"روزگار کان سواءِ هر شيءِ جي."
"تو وٽ بہ تہ هر اها شيءِ آهي، جا مون وٽ آهي."
"نہ، مون کي ڪڏهن بہ پاڻ تي اعتماد نہ ٿيو آهي، ۽ مان هاڻ جوان بہ ڪونہ رهيو آهيان."
"ڇڏ هاڻي! بيوقوفيءَ جون ڳالهيون نہ ڪر ۽ تالا هڻ."
"مان انهن مان آهيان، جي رات جو دير تائين ڪيفي ۾ ترسڻ چاهيندا آهن." وڏيءَ عمر واري ويٽر چيو. "انهن سيني سان گڏجي سمهڻ نہ چاهيندا آهن ۽ انهن سان بہ جن کي رات جو روشنيءَ جي ضرورت ٿيندي آهي."
"مان تہ گهر وڃي، بستري ۾ سمهڻ چاهيان ٿو."
"اسان ٻئي ڌار ڌار طبعيتن جا آهيون." وڏيءَ عمر واري ويٽر چيو. جو هاڻي ڪپڙا مٽائي، گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي چڪو هو. "اهو رڳو جوانيءَ ۽ ويساهہ جو سوال ڪونہ آهي، حالانڪ اِهي ٻئي شيون سٺيون آهن. هر رات مان ڪيفي بند ڪرڻ کان ڪيٻائيندو آهيان، تہ متان ڪو اهڙو هجي جنهن کي هِت اچڻ جي ضرورت پوي."
"يار، ڪيترائي ڳتا تہ سڄي رات ڪليا پيا هوندا آهن."
"تون نہ ٿو سمجهين. هيءَ هڪ صاف سٿري ۽ وڻندڙ ڪيفي آهي. هيءَ چڱي ريت روشن آهي. روشني ڏاڍي سٺي آهي، ۽ هاڻي تہ، وڻن جا پاڇولا بہ پون ٿا."
"شب خير." ننڍيءَ وهيءَ واري ويٽر چيو.
"شب خير." ٻي ورائيو. بتيون وسائيندي هن پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ جاري رکيو. روشني تہ ضروري آهي ئي پر ان سان گڏ جڳهہ صاف ۽ دلڪش بہ هئڻ گهرجي. توکي موسيقي نہ ٿي وڻي. يقين سان تون راڳ کي نہ ٿو پسند ڪرين، نہ ئي تون بار اڳيان مان شان سان بيهي ٿو سگهين. جيتوڻيڪ وقت جي تقاضا موجب اهو ڪجهہ ئي ميسر ڪيو ويو آهي. هو ڇا کان ٿي ڊنو؟ اهو ڪو ڊپ يا پوءُ ڪونہ هو. اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ هئي ۽ هن کي ان جي سُڌ هئي. اهو سڀ ڪجهہ ڪي ڪين هو ۽ انسان بہ 'ڪين' ئي آهي. اها صرف روشني ئي هئي، جنهن جي انسان کي ضرورت هئي، ۽ ڪجهہ صفائي ۽ نظم

ضبط. ڪيترائي ان ۾ رهندا آهن پر هو محسوس نہ ڪندا آهن، پر هن ڄاتو پئي تہ اها روشني ۽ صفائي هئي، صفائي ۽ روشني، روشني ۽ صفائي. اسان جي روشني، ڪير آهن روشنيءَ ۾؟ تنهنجو نالو روشني ٿي سگهي ٿو، تنهنجي بادشاهي، روشني، تون روشن ٿيندين، تون روشنيءَ ۾ رهندين. اسان ڪي روشني ڏي، روز روشني، اسان کي روشنيءَ سان روشن ڪر، روشني ۽ صفائي. ٿاهہ سان ڀريل ناهہ ڪي جهنم ۾ وڃهہ، ان ۾ ڪجهہ نہ آهي. هو مرڪيو ۽ هڪ بار اڳيان اچي بيٺو جنهن تي اسٽيل جي چمڪندڙ ڪافي جي ٻاڦ واري مشين رکي هئي.

"توکي ڇا کپي؟" ڪائونٽر تي بيٺل بار واري هن کان پڇيو.

"روشني."

"هتي توکي اوندهہ تي نظر اچي." بار واري چيو ۽ ٻي گراهڪ ڏانهن ڌيان ڏنو.

"ننڍڙو ڪوپ ڪافيءَ جو." ويٽر چيو.

بار واري هن لاءِ ڪٽليءَ مان ڪافي اوتي.

"روشني تہ ڏاڍي چمڪندڙ ۽ وڻندڙ آهي، پر بار چمڪايل ۽ پالش ٿيل نہ آهي." ويٽر چيو.

بارمئن هن ڏانهن ڏٺو، پر جواب نہ ڏنو. رات جو گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ اهو ڪو سوال جواب جو وقت نہ هو.

"ٻيو ڪوپ کپئي ڇا؟" بار واري پڇيس.

"نہ، مهرباني." ويٽر چيس ۽ ٻاهر نڪري ويو. هن کي بار ۽ گتا نہ وڻندا هيا. هڪ صاف ۽ روشن ڪيفي جي تہ ڳالهہ ئي ٻي هئي. هينئر وڌيڪ ڪجهہ سوچڻ کان سواءِ هو گهر ويندو ۽ پنهنجو ڪمرو وسائيندو. هي هنڌ تي سمهندو ۽ آخرڪار، ڏينهن جي روشنيءَ سان ننڊ اچي ويندس. بهرحال، هن پاڻ کي چيو، اها شايد رڳو بي خوابيءَ يا اوجاڳي جي بيماري آهي، جا ڪيترن کي ٿي هوندي.

# هڪ ڏينهن جو انتظار

اسان اجا بسترن ۾ ئي هياسين، جو هو دريون بند ڪرڻ لاءِ ڪمري ۾ آيو. مون ڏٺو تہ هو بيمار پي لڳو. سندس جسم ڏڪي رهيو هو. ۽ چهرو پني جيان اڇو ٿي ويو هو. هوريان هوريان ايئن پي هليو، ڄڻ ڪيس هلڻ سان سور پئي ٿيو.

"ڇا ڳالهہ آهي، شاٽز؟"

"متي ۾ سور اٿم."

"چڱو! واپس وڃي سمهہ."

"نہ، مان بلڪل ٺيڪ آهيان."

"تون وڃي هنڌ تي آرامي ٿيءُ. مان ڪپڙا مٽائي، هيٺ اچي توکي ڏسان ٿو."

پر جڏهن مان هيٺ لهي آيس، تہ هو ڪپڙا پايون، باهہ جي پرسان ويٺو هو. هو ڏاڍو بيمار ۽ ڏڪويل پي لڳو. هن جي عمر مشڪل سان نَوَ سال هئي. جڏهن مون نرڙ تي هٿ رکيو مانس تہ خبر پيم تہ ڪيس بخار هو.

"تون هل هنڌ ۾ سمهہ." ڪيس چيم، "تون بيمار آهين."

"مان ٺيڪ آهيان؟" هن ورندي ڏني.

جڏهن ڊاڪٽر آيو تہ هن جو بخار ڏٺائين.

"گهڻو اٿس؟"

"هڪ سؤ ٻہ ڊگري."

هيٺ ڊاڪٽر ٽي مختلف دوائون، ڌار ڌار رنگن جي ڪئپسولن ۾ ڇڏي ويو. گڏوگڏ ان جي استعمال لاءِ هدايتون پڻ. هڪ بخار گهٽائڻ لاءِ، ٻيو پيٽ خلاصي ڪرڻ لاءِ، ۽ ٽيون تيزابيت کي ختم ڪرڻ لاءِ هيو. زڪام جا جيوڙا، رڳو تيزابيت جي حالت ۾ ئي وجود برقرار رکي سگهن ٿا. هن وضاحت ڪئي. لڳي پيو تہ هن کي زڪام بابت چڱي ڄاڻ هئي ۽ چيائين تہ جي بخار هڪ سؤ چار کان نہ وڌيو، تہ خطري يا پريشانيءَ جي ڪا ڳالهہ ڪانهي. هي هلڪو ۽ وچڙندڙ فلوءَ جو مرض آهي ۽ جي توهان پاڻ کي نمونيا کان بچايو تہ ڪابہ خطري جي ڳالهہ ڪانهي.

ڪمري ۾ اچي مون ڇوڪري جي بخار جو درجو نوٽ ڪيو ۽ مختلف دوائن ڏيڻ جا وقت بہ نوٽ ڪيم.

"ڇئين تہ ڪجهہ پڙهي ٻڌايانءِ؟"

"ٺيڪ آ. جي توهان جي مرضي هجي تہ." ڇوڪري چيو. هن جو منهن وڌيڪ اڇو ٿي ويو هو ۽ اکين هيٺان ڪارا داغ ظاهر ٿي پيا هيس. هو بستري تي ماٺ ڪيو ستو پيو هو، ۽ جو ڪجهہ ٿي رهيو هو، تنهن کان بي پرواهہ ۽ لاتعلق پئي لڳو.

مون هاؤورڊ پائل جي ڪتاب "قزاق" (دريائي ڌاڙيل) مان، هن لاءِ پڙهڻ شروع ڪيو، پر مون ڏٺو پئي تہ مان جيڪي ڪجهہ پڙهي رهيو هوس ان طرف هن جو ڪوبہ ڌيان ڪونہ هو.

"شاٽز، ڪيئن پيو محسوس ڪرين؟" مون ڪانئس پڇيو.

"اجا تہ ساڳيو ئي حال آهي." هن چيو.

مان پلنگ جي پيرانديءَ کان ٿي ويٺس ۽ پنهنجي ليکي ويهي پڙهڻ ۽ ٻئي ڪئپسول ڏيڻ جي وقت جو انتظار ڪرڻ لڳس. سياويڪ طور هن کي ننڊ اچي وڃڻ گهربي هئي، پر جڏهن مون ڪتاب مان منهن ڪڍي ڏانهس ڏٺو تہ هو پلنگ جي پيرانديءَ ڏانهن عجيب انداز ۾ ڏسي رهيو هو.

"سمهڻ جي ڪوشش ڇونہ ٿو ڪرين؟ دوا جو وقت ٿيو تہ اٿاريندومانءِ؟"

"مان جاڳڻ چاهيان ٿو."

ٿوري دير کان پوءِ هن مون کي چيو، "بابا! جي توهان کي تڪليف ٿيندي هجي تہ توهان جو هتي مون وٽ ويهڻ ۽ ترسڻ هرو ڀرو ضروري نہ آهي."

"مون کي ڪا تڪليف ڪانہ آهي."

"نہ، منهنجو مقصد آهي تہ جي ٿورو بہ بار محسوس ڪيو تہ منهنجي لاءِ ويهي نہ رهو."

مون سمجهيو بخار سبب شايد دماغ ٿورو خالي خالي ٿي ويو اٿس، يارنهن وڳي کيس ڪئپسول کارائي، مان جهٽ لاءِ ٻاهر نڪري ويس.

ٻاهر روشن ۽ ٿڌو ڏينهن هو. زمين برف سان ڍڪي پئي هئي، جا ايتري ڇميل هئي جو لڳو پئي تہ سڀ نوڙها وڻ، ٻهاڙيون، ڪٽيل گاهہ، گس ۽ خالي ميدان برفاني رنگ سان چمڪايا ويا هيا. مان ننڍڙو آئرش نسل جو ڪتو

ڪاهي سير تي نڪتس، ٿوري پنڌ ڪرڻ لاءِ رستي ڪان اڳي ڇمي ويل ڪاريءَ تائين، پر شيشي جهڙي شفاف ۽ ترڪڻي روڊ تي گهمڻ يا بيهڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ڳاڙهو ناسي ڪتو ترڪيو ترڪيو پئي ويو ۽ مان خود به پيرا ترڪي ڪري پيس. برف ڏاڍي سخت ڄميل هئي. هڪ پيرو ته بندوق هٿ مان ڇڏائجي ترڪندي پري هلي وئي.

هڪ هنڌ مٽيءَ جي ڇپ تي، ٻوٽن جي هيٺان اسان جي ٻنيرن جي ولر تي نظر پئي. هو اڏري ڇپ ڏانهن وڌيا ته مان به شڪار ڪري ورتا. انهن مان ڪي وچي وڻن تي سيڪ وٺڻ لاءِ ويٺا ۽ باقي گهٽا وچي ٻوٽن جي جهڳٽن ۾ ٽڙي پکڙجي ويا. انهن کي اتان ڪڍڻ لاءِ ٻوٽن جي جهڳٽن ۾ ڄميل برف تيَ ٽپڻ ۽ ڪين ٽاهي اڏارڻ ضروري هو. ترڪڻي برفاني فرش تي بيهي، ٻوٽن مان نڪري اڏامندڙ پکين کي مارڻ ڏکيو ڪم هو. ان ڪري مان به ماري سگهيس ۽ پنج گسي ويا. مان خوش خوش گهر موٽيس. گهر جي پرسان ئي ٻنيرن جو ولر مليو هوم. سياٽي جي شڪار جي به اميد هيم ڇو جو ڪيترا پڇي ويا هيا.

گهر پڌاياڻون ته چوڪري ڪنهن کي به ڪمري ۾ اچڻ نه پئي ڏنو.

"توهان اندر نه ٿا اچي سگهو." هن چيو. "متان منهنجو مرض توهان کي به لڳي وڃي. مان متي هن وٽ ويس ۽ ڪيس بلڪل ساڳيءَ ئي حالت ۾ ڏٺم، جنهن ۾ ڇڏي ويو هوم. منهن اڇو، پر سندس ڳل بخار جي ڪري ڳاڙها ٿي ويا هئا. چپ چاپ اڳي جيان، گهوري رهيو هو، هنڌ جي پيرانديءَ.

مون ٿرماميٽر سان سندس بخار ڏٺو.

"گهڻو آ؟"

"مڙيو ئي هڪ سؤ ڪن." مون چيو، پر اهو هڪ سؤ ۽ ڪان ٻه چار پوائنٽ متي هو.

"هڪ سؤ ۽ جو هيو." هن چيو.

"ڪنهن چيئي؟"

"ڊاڪٽر"

"تنهنجو تپ هاٺي نيڪ آهي." مون چيو. "ڳڻتيءَ جي ڪا ڳالهه نه آهي."

"مان ڳڻتي ڪونه ٿو ڪريان." هن چيو، "پر سوچڻ کان به نه ٿو رهي سگهان."

"سوچ نه". مون چيو، "رواجي ڳالهه ڪري سمجهه."

"مان ته معمولي ئي سمجهان ٿو." هن چيو ۽ سڌو سنئون سامهون ڏسڻ

لڳو. هو پنهنجي اندر ئي اندر ڪنهن ڳالهہ تي ضابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو پئي نظر آيو.

"پاڻيءَ سان هي ڪئسپول ڪائي وڃ."

"سمجهو ٿا تہ ان سان فائدو ٿيندو؟"

"بلڪل، فائدو ٿيندو."

مان ويهي رهيس، دريائي ڌاڙيلن جو ڪتاب ڪوليم ۽ پڙهڻ شروع ڪيم. پر مون ڏٺو پئي تہ هن جو ان طرف ڌيان نہ هو. ان ڪري مون پڙهڻ بند ڪيو.

"توهان جي خيال ۾ مان ڪهڙي وقت مرندس؟" هن مون کان پڇيو.

"ڇا ٿو چئين؟"

"منهنجي مرڻ ۾ اجا گهڻي دير آهي؟"

"تون ڪونہ مرندين. توکي ٿيو ڇا آهي؟"

"نہ، مان مران پيو. مون پاڻ ٻڌو تہ هن هڪ سؤ ٻہ پئي چيو."

"هڪ سؤ ٻہ درجا بخار ۾ ماڻهو نہ مرندا آهن. اهي بيوقوفيءَ جون ڳالهيون آهن."

"مون کي خبر آهي تہ اهي مرندا آهن. فرانس ۾ اسڪول ۾ ڇوڪرن مون کي ٻڌايو هو تہ چوئيتاليهہ ڊگري بخار سان تون بچي نہ سگهندين. مون کي تہ هڪ سؤ هڪ ۽ ٻہ آهي." هو سڄو ڏينهن موت جو انتظار ڪندو رهيو. اصل صبح جو نوين بجي کان وٺي.

"اڙي ڇريا شاٽز." مون چيو، "ڇريا ڇرهڻ شاٽز. اهو تہ ميلن ۽ ڪلوميٽرن جيان آهي. تون ڪونہ مرندين. اهو مختلف ٿرماميٽر آهي. ان ٿرماميٽر تي سٽنيهہ عام رواجي ۽ معمولي درجو آهي ۽ هن اسان واري تي اٺانوي عام رواجي ۽ معمولي درجو آهي."

"توهان کي پڪ آهي؟"

"بلڪل" مون چيو، "اهو ميلن ۽ ڪلوميٽرن جيان آهي. توکي خبر آهي تہ جڏهن اسين ڪار ۾ ستر ميل سفر ڪندا آهيون، تہ اهو ڪيترا ڪلوميٽر ٿيندو آهي؟"

"هان!" هن چيو.

پيرانديءَ تي ڪپيل سندس نظر هوريان هوريان ڍري ۽ نرم ٿيندي وئي. هو پاڻ بہ آخر آرام ۽ راحت محسوس ڪرڻ لڳو. ٻئي ڏينهن هن ۾ ڪابہ ڇڪتاڻ ۽ مونجهہ ڪانہ هئي، ۽ غير اهم ڳالهين تي بہ آرام سان ڳالهايائين پئي.

# جواري، راهب ۽ ريڊيو

هو ڪين اڌ رات ڌاري ڪٺي آيا. ۽ پوءِ، سڄي رات، دالان ۾ هرڪو روسي زبان جا فقرا ٻڌندو رهيو.

"ڪتي گولي لڳي اٿس؟" مسٽر فريزر رات واري نرس کان پڇيو.

"ستر ۾، منهنجي خيال موجب."

"ٻئي کي ڇا ٿيو آهي؟"

"اهو ويچارو! ڊپ ٿو ٿئي ته مري نه وڃي."

"گولي ڪٿي لڳي اٿس؟"

"ٻه گوليون لڳيون اٿس، پيٽ ۾. اجا ته رڳو هڪ گولي نڪتي اٿس."

هو ٻئي، بيٽن جا واپاري هيا، هڪ ميڪسيڪو جو ۽ ٻيو روسي هو. ٻئي هڪ رات هوٽل ۾ ڪافي پي رهيا هيا، جڏهن هڪ شخص دروازي وٽ آيو ۽ ميڪسيڪو جي رهواسيءَ تي گوليون هلائڻ شروع ڪيون. روسي ٽيبل هيٺان ڪرونڊڙو ٿي وڃي لڪو، پر هڪ گولي کيس به لڳي وئي. اها گولي ميڪسيڪو جي رهندڙ کان گسي وڃي کيس لڳي، ڇو جو ميڪسيڪو ئي پيٽ ۾ ٻن گولين لڳڻ سبب پٽ تي ڪري پيو هو. اخبار ۾ ايترو ڪجهه ئي ڇپيو هو.

ميڪسيڪوئيءَ پوليس کي ٻڌايو ته کيس ڪا خبر ڪانهي ۽ نه ڇٽي پئي سگهيو، ته ڪنهن کيس گوليون هنيون. هن ته ان کي رڳو هڪ حادثو پئي سمجهيو.

"ان کي حادثو ڇئبو جو هن توتي مسلسل اٺ گوليون هلايون، جن مان ٻه توکي لڳيون؟"

"هائو سائين." ميڪسيڪوئيءَ چيو، جنهن جو نالو ڪيتانو روز هو. "اهو حادثو ئي هو، جو هن مون کي گوليون هنيون، اهو محظ اتفاق هو." هن ترجمان کي چيو.

"ڇا چيائين؟" جاسوس سارجنٽ پڇيو ۽ بستري جي ٻي پاسي ويٺل ترجمان کي ڏسڻ لڳو.

”چوي ٿو تہ محظ اتفاق يا حادثو هو.“

”هن کي چئو تہ سچ ڳالهائي ۽ پڌائينس تہ هو مري رهيو آهي.“ جاسوس چيو.

”نہ“ کيتاني چيو. ”پر جيئن تہ مان ڏاڍو بيمار آهيان ۽ منهنجي لاءِ گهڻو ڳالهائڻ ٺيڪ نہ آهي.“

”هي چوي ٿو تہ اُهو سڀ سچ چئي رهيو آهي.“ ترجمان چيو. پوءِ جاسوس کي پراعتماد لهجي ۾ چيو. ”هن کي خبر نہ آهي تہ ڪنهن گولي هلائي، هن جي ان وقت پٺي هئي؟“

”ها.“ جاسوس چيو. ”مان سمجهان ٿو. پر اهو تہ پڌاءِ گوليون سڀ اڳيان ڪيئن لڳيون؟“

”ٿي سگهي ٿو. تہ هي ڦري گهري رهيو هجي.“ ترجمان چيو.

”پڌ.“ جاسوس چيو. هن پنهنجي آڱر وڌائي. ڪيتانو جي نڪ ڏانهن اشارو ڪيو. جو هيڊيءَ ميڻ جيان سندس منهن تي ڪجهہ وڌيڪ ٻاهر نڪري آيو هو. مرندڙ ماڻهوءَ جي چهري تي ٻہ اکيون. عقاب جي اکين جيان. چمڪي رهيون هيون. ”مون کي اها پرواهہ نہ آهي تہ توکي ڪنهن گولي هڻي. پر مون کي اها ڳالهہ صاف ڪري سلجهائڻي آهي. تون نہ ٿو چاهين ڇا تہ جنهن ماڻهوءَ توکي گولي هڻي، تنهن کي سزا ملڻ گهرجي؟ هن کي پڌاءِ.“ هن ترجمان کي چيو.

”هي چوي ٿو. پڌاءِ توکي گولي ڪنهن هڻي؟“

”مندارلو آل ڪاراجو.“ ڪيتاني چيو. جو ڏاڍو ٿڪل هو.

”هي چوي ٿو تہ هن ماڻهوءَ کي مورڳو ڏٺو ئي ڪين هو.“ ترجمان چيو. ”مون توکي اڳ ئي پڌايو آهي تہ هنن ڪيس پٺيان گوليون هنيون آهن.“

”پڇينس تہ روسيءَ کي ڪنهن گولي هڻي؟“

”ويچارو روسي.“ ڪيتاني چيو. ”هو فرش تي ليٽيو پيو هو ۽ منهن مٿو ٻانهن ۾ لڪل هوس. جڏهن هنن ڪيس گولي هڻي تہ هن رڙيون شروع ڪيون ۽ تڏهن کان پيو ٿو روئي ويچارو روسي!“

”هي چوي ٿو تہ ڪنهن اهڙي شخص هنيس. جنهن کي هن اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو. ٿي سگهي ٿو تہ ساڳيو ئي ماڻهو هجي جنهن هن کي گوليون هنيون.“

پڌ! جاسوس چيو. ”هي شڪاگو نہ آهي. نہ ئي تون ڪو غنڊو آهين.

توکي ناٽڪي انداز وارو ورتاءُ نہ ڪرڻ گھرجي. اهو سڻو ٿيندو جو ٻڌائين تہ توکي گولي ڪنهن هنئي. هتي هرڪو ٻڌائيندو آهي تہ هن کي ڪنهن گولي هنئين. ٺيڪ آهي، تون نہ ٻڌاءِ. سمجهہ تہ تون نہ ٿو ٻڌائين تہ اهو ڪير آهي، ۽ ڪنهن ٻئي کي گولي ٿو هڻي، فرض ڪر تہ ڪنهن عورت کي، ڪنهن ٻار کي. تون چاهيندين تہ ھو ائين ڪندو وتي؟ تون هن کي اهو ٻڌاءِ." هن مسٽر فريزر کي چيو، "مون کي هن بدمعاش مترجم تي اعتبار نہ آهي."

"مان بلڪل پروسي جهڙو آهيان." ترجمان چيو. ڪيتاني فريزر ڏانهن ڏٺو.

"ٻڌ، مسٽر." مسٽر فريزر چيو، "پوليس وارو چوي ٿو تہ اسين شڪاگو ۾ نہ آهيون، پر هيلي، مونٽانا ۾ آهيون. تون ڪو غنڊو نہ آهين ۽ نہ وري هي ڪو ڊرامو آهي."

"مان اهو مڃان ٿو تہ هيءَ سئنيما نہ آهي." ڪيتاني چيو.

"هت اسان وٽ، پنهنجي قاتل جو نالو ٻڌائڻ، ڪا گهٽتائي واري ڳالهہ نہ آهي. هتي هر ڪو ائين ڪندو آهي. هي چوي ٿو تہ جي توکي گولي هڻڻ کان پوءِ، اهو ماڻهو ڪنهن عورت يا ٻار کي گولي هڻي تہ ڇا ٿيندو؟"

"مان پرڻيل نہ آهيان." ڪيتاني چيو.

"هي چوي ٿو، تہ ڪوبہ ٻار، ڪابہ عورت."

"اهو ماڻهو ڪو خبطي يا ڇريو نہ آهي." ڪيتاني چيو.

"هي چوي ٿو تہ تون ان جو نالو ٻڌاءِ." فريزر ڳالهہ ختم ڪندي چيو.

"مهرباني." ڪيتاني چيو. "تون عظيم ترجمان آهين، مان انگريزي ڳالهائيندو آهيان، پر ڀڳل ٽٽل، مان اهو سڀ ڪجهہ سمجهان ٿو. تنهنجي ٽنگهہ ڪيئن ڀڳي؟"

"گهوڙي تان ڪري پيو هوس."

"هاءِ قسمت، ڏاڍو خراب ٿيو. سور ڏاڍو ٿو ٿئي ڇا؟"

"هاڻي تہ نہ. شروع ۾ ٿيندو هو."

"ٻڌ، مسٽر" ڪيتاني چيو. "مان، هڪ تہ ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهيان، ٻيو سور بہ ڏاڍو اٿم، برداشت کان گهڻو. اهو بہ ممڪن آهي تہ مان مري وڃان. مهرباني ڪري هن پوليس واري کي هتان ٻاهر ڪڍ، ڇو جو مان ڏاڍو ٿڪل

آهيان." هو ائين چريو ڇڻ پاسو ورائڻ چاهيندو هجي، پر وري ماٺ ٿي ويو.

"مون هن کي بلڪل اهو ڪجهه ٻڌايو، جو تو چيو، ۽ هن چيو ته توکي ٻڌايان ته سچ پچ هن کي خبر نه آهي ته ڪنهن هن کي گولي هنئين، هي ته ڏاڍو ڪمزور آهي ۽ چاهي ٿو ته ڪُنهن ٻي وقت اچي ڪائنس پڇا ڳاڇا ڪر." مسٽر فريزر چيو.

"تيستائين شايد هي مري به وڃي."

"اهو به ممڪن آهي."

"ان ڪري ئي مان ڪائنس هاڻي ئي پڇا ڳاڇا ڪرڻ ٿو چاهيان."

"هن کي ڪنهن پنيان گوليون هنيون آهن، مون ته توکي ٻڌايو." ترجمانُ چيو.

"اڙي ڪو خُدا جو خوف ڪر." جاسوس سارجنٽ چيو، ۽ پنهنجو نوٽ بڪ گيدي ۾ وڌائين.

ٻاهر دالان ۾ جاسوس سارجنٽ، ترجمان سان گڏ. فريزر جي ڦيٿن واري ڪرسيءَ وٽ بيٺو هو.

"منهنجي خيال ۾ تون پڻ ائين ٿو سمجهين ته هن کي، ڪنهن پنيان گوليون هنيون آهن؟"

"هائو." فريزر چيو. "ڪنهن هن کي پنيان گولي هنئي آ. تون ڪيئن ٿو سمجهين؟"

"دل ۾ نه ڪج." سارجنٽ چيو. "ڪاش، مان اسپيني زبان ڄاڻان ها."

"سکين ڇونه ٿو؟"

"توکي مٺيان نه لڳڻ گهرجي. مون کي صاف ۽ سڌي سوال ڪرڻ ۾ ڪو مزو نه ايندو آهي. جي اهڙي پڇا ڳاڇا ڪريان ها ته صورت ٻي هجي ها."

"توکي اسپيني ڳالهائڻ جي ضرورت ڪونه آهي." ترجمان چيو. "مان ڏاڍو ويساهه جوڳو مترجم آهيان."

"مسيح جو واسطو اٿئي، بس ڪر!" سارجنٽ چيو. "چڱو مان وڃان ٿو. مان وري ايندس ۽ توسان ملندس."

"مهرباني، مان سدائين هتي هوندو آهيان."

"مان سمجهان ٿو، تون هاڻي نيڪ آهين. اها مڙيو ئي بدقسمتي هئي، نياڳ."

"هڏي جي ڳنيجڻ کان پوءِ، مان بهتر ٿيندو پيو وڃان."
"پر اجا بہ گھڻو وقت گھرجي، تمام گھڻو عرصو."
"ڪنهن کي بہ پنيان گولي هڻڻ جو وجهہ نہ ڏيندو ڪر."
"تون ٺيڪ ٿو چئين." هن چيو، "ٺيڪ آ. مون کي خوشي آهي تہ تو دل ۾ نہ ڪيو آهي."
"چڱو موڪلاڻي." مسٽر فريزر چيو.

مسٽر فريزر وري ڪيتاني کي ڪافي وقت نہ ڏٺو. پر هر صبح جو نرس سيسيلا هن جي خبر ڪٺي ايندي هئي ۽ چوندي هئي تہ هن ڪڏهن بہ ڪا دانهن ڪوڪ ڪانہ ٿي ڪئي ۽ هاڻي تہ خراب حالت هيس. هينئر سندس پيٽ سڄي ويو آهي ۽ چون ٿا تہ هو بچي نہ سگهندو. ويچارو ڪيتانو. نرس چيو. هن جا هٿ ڪيڏا نہ خوبصورت آهن ۽ منهن ڪيڏو نہ پيارو. هن ڪڏهن بہ شڪايت نہ ڪئي آهي. هينئر تہ هن مان ڏاڍي خراب ڌپ ٿي اچي. هو هڪ آڱر سان پنهنجي نڪ ڏانهن اشارو ڪري مرڪندو آهي ۽ پنهنجو ڪنڌ لوڏيندو آهي. هوءَ چوي پئي. هن کي بدبوءِ جو احساس هوندو آهي ۽ هن کي ان ڳالهہ ڏاڍو منجهائي وڌو آهي ۽ هو لڄي بہ ڏاڍو ٿو ٿئي. نرس سيسيلا چيو پئي، الا! کھڙو نہ سٺو مريض آهي. هو هميشہ کلندو آهي. هو فادر وٽ باسڻ (Confession) لاءِ نہ ويندو، پر عبادت ڪرڻ جو انجام ڪيو اٿائين. جڏهن کان آيو آهي، ڪوبہ ميڪسيڪين کيس ڏسڻ بہ نہ آيو آهي. هفتي جي پڇاڙيءَ ڏاري روسي بہ هليو ويندو. مان ڪڏهن بہ روسيءَ لاءِ ڪا همدردي محسوس ڪري نہ سگهندي آهيان، سسٽر سيسيلا چيو، ويچارو، ان کي بہ تڪليف تہ رسي آهي. سٺيي ۽ گندي گولي هيس ۽ زخم بہ پڪريز ڪيو هيس، پر هو ڏاڍيون دانهون ڪندو هو. مان هميشہ ڪروڌي مريضن کي پسند ڪندي آهيان. هو ڪيتانو ڏس، ڏاڍو خراب ماڻهو آهي- اف! اهو سچ پچ بہ خراب هوندو. بلڪل خراب ماڻهو. هن کي ڏاڍي نزاڪت ۽ نفاست سان ٺاهيو ويو آهي. هن ڪوبہ ڪم ڪڏهن پنهنجن هٿن سان نہ ڪيو آهي. هو بيٺن جو واپاري آهي. هن جا هٿ ڏاڍا نرم آهن ۽ ذري بہ کهرائپ انهن ۾ ڪونہ آهي. مان سمجهان ٿي تہ هو ڏاڍو گنهگار انسان آهي. مان هيٺ ٿي وڃان ۽ هن لاءِ وڃي دعا ٿي گهريان. ويچارو ڪيتانو. ڏاڍي ڏکي مهل آئي اٿس، پر ڪابہ دانهن يا شڪايت ڪونہ

اٿس. هن کي ڇا لاءِ گولي هڻيَن اٿائون؟! ويچارو غريب ڪيتانو! مان هيئر جو هيئر وڃي هن لاءِ دعا ٿي گهران.

هوءَ ان مهل ئي هيٺ لهي وئي ۽ وڃي هن لاءِ دعا گهريائين.

ان اسپتال ۾ ايستائين ريڊيو چڱي طرح ڪم نہ ڪندو هو، جيستائين سنجها نہ ٿئي.

چوندا هيا تہ اتي زمين ۾ ڪچو لوهہ گهڻو هو، يا جبلن ۾ ڪجهہ هو، بهرحال اتي ريڊيو ڪم نہ ڪندو هو. جيستائين ٻاهر اوندهہ نہ ٿيندي هئي. پر رات ساري اهو چڱيءَ ريت واڄٽ ڪندو هو. جي هڪ اسٽيشن بند ٿيندي هئي تہ توهان سُئي ٻئي طرف گهمائي، ٻي هٽ ڪري پئي سگهيا. آخري اسٽيشن جا توهان ٻڌي پئي سگهيا، سا سيٽل واشنگٽن هئي. ٽائيم جي فرق ڪري جڏهن واشنگٽن ۾ چئين بجي صبح وقت اسٽيشن هلندي هئي، ان وقت اسپتال ۾ صبح جا پنج ٿيندا هيا. ڇهين بجي صبح جو توهان ميناپولس ٻُڌي پئي سگهيا. اهو سڀ ڪجهہ وقت جي فرق ڪري هو. مسٽر فريزر اهو سوچڻ ۾ لطف وٺندو هو تہ صبح جو ايڏو سوير، سازندا ڪيئن ريڊيو اسٽيشن تي پهچندا هوندا. هن جي تصور ۾ تصوير ٺهي ويندي هئي ڪيئن اهي صبح ويل ڪار مان گهٽيءَ ۾ لهندا هوندا ۽ ڪلهن يا ٻانهن تي ساز هوندن، يا تي سگهي ٿو تہ هو پنهنجا ساز اسٽوڊيو ۾ ئي رکي ڇڏيندا هجن. پر هن جي تصور واري چِٽر ۾ هنن کي سدائين ساز ساڻ هوندا هيا. هو ڪڏهن بہ ميناپولس ڪونہ ويو هو. ۽ پڪ هيس تہ شايد ڪڏهن اوڏانهن وڃي بہ نہ سگهي. پر هن ڄاتو پئي تہ اُهو صبح ويل ڪيئن لڳندو هو.

اسپتال جي دريءَ مان توهان برف مان ڍڪيل ڦاٽي نڪرندڙ گاهہ ۽ ٻوٽا ڏسي ٿي سگهيا ۽ ويران مٽيءَ جي ڇپ بہ. هڪ ڏينهن صبح جو ڊاڪٽر مسٽر فريزر کي بہ چڪور ڏيکارڻ پئي چاهيا جي دريءَ مان ٻاهر برف تي نظر پئي آيا. ان لاءِ هنڌ کي دريءَ طرف گهليندي، پڙهڻ واري بتي، لوهي ٽيبل تان ڪري پئي ۽ مسٽر فريزر کي مٿي ۾ لڳي. هاڻي تہ اهو واقعو مزيدار نہ لڳندو هو، پر ان مهل اهو ڏاڍو مزيدار واقعو هو. هرڪو دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو هو ۽ ڊاڪٽر جو ماهر ڊاڪٽر هو، تنهن چڪورن ڏانهن اشارو بہ پئي ڪيو ۽ دريءَ پاسي پلنگ کي بہ پئي گهليو. پوءِ بلڪل ائين جيئن مزاحيہ ڊرامن ۾ ٿيندو

آهي، مسٽر فريزر ڪري پيو، ڇو جو ميڻ بتيءَ وارو شيشي سان پريل ڳورو حصو اڃي، سندس مٿي ۾ لڳو هو. اهو ان ڪري مزيدار هو جو ماڻهو اسپتال ۾ ٺيڪ ٿيڻ ۽ زخم ڇٽائڻ لاءِ ايندا آهن، پر هتي ان جي برعڪس هن زخم کاڌو هو. هر ڪنهن کي ان تي ڪل آئي هئي. جڏهن مسٽر فريزر ۽ ڊاڪٽر سان هڪ چرچو ٿيو هو. اسپتال ۾ هر ڳالهه سولي ۽ سادي ٿيندي آهي ويندي مسخريءَ تائين.

جي هنڌ کي ڦيرايو وڃي ته ٻيءَ دريءَ مان، توهان شهر ڏسي پئي سگهيا، ان جي مٿان ڇانيل هلڪو دونهون، ۽ اصلي پهاڙ جو ڏيک ڏيندڙ برف سان ڍڪيل ڊاسن جبل به. ڦيٿن واري ڪرسيءَ ڪان اڳ، هن لاءِ اهي ٺي به نظارا هوندا هيا. واقعي جي اوهين اسپتال ۾ آهيو ته بستري تي هجڻ ئي بهتر آهي، ٻه نظارا هر هڪ جي ڏسڻ لاءِ ڌار ڌار وقت، اهڙي ڪمري مان جنهن جو گرميءَ جو درجو توهان پنهنجي وس ۾ رکي پئي سگهيا. اهو سڀ ڪجهه ان کان بهتر هو جو ڪنهن گرم ۽ خالي ڪمري مان، جو ڪنهن ٻئي جو منتظر هجي يا هينئر خالي ڪيو ويو هجي يا جنهن ۾ توهان ڦيٿن واري ڪرسيءَ ڪان ڪو ڪارج وٺي نه سگهو يا جتان ڪجهه منٽ وڌيڪ نظارا ڏسي سگهو. جي توهان ڪمري ۾ ڪافي ڊگهو عرصو رهو ٿا ته اهو نظارو ڪٽي کهڙو به هجي، وڏي قدر و قيمت حاصل ڪري ٿو وٺي ۽ ڏاڍو اهم ٿي ٿو پوي، توهان ان کي ڪڏهن به تبديل ڪرڻ نه چاهيندا. ايتري قدر جو ٻيءَ ڪنڌ يا زاويي کان ڏسڻ به نه چاهيندا. جهڙيءَ ريت ريڊيو جنهن تان ڪيترا اهڙا مستقل پروگرام نشر ٿيندا آهن، جو توهان انهن ۾ ڪا به تبديلي نه چاهيندا. اهي توهان پسند ڪندا آهيو ۽ ڪا به ڦيرڦار نه چاهيندا آهيو. ان سال سياري ۾ ريڊيو تي جي سنيون شيون پيش ٿيون، سي هيون: 'ڪا سادي شيءِ ڳاءِ'، 'راڳ الاپيندڙ چوڪري'، 'ننڍڙو سفيد ڪوڙ'. ٻيو ڪو به سر يا راڳ وڻندڙ نه هوندو هو. گهٽ ۾ گهٽ مسٽر فريزر ته ائين محسوس ڪندو هو. 'بيٽيءَ الا پيو'، به سٺي ڌن هئي، پر مسٽر فريزر جي ذهن ۾ اڳين ڌنين جا لفظ ايترو سمائجي ويا هيا، جو اها ڌن هن کي وڻي ئي ڪين. نيٺ ۾ هن اها ٻڌڻ ڇڏي ڏني، راندين بابت ٻڌڻ شروع ڪيو.

صبح جو اٽڪل نائين وڳي هو ايڪس- ري مشين هلائڻ شروع ڪندا هيا ۽ پوءِ ريڊيو، جو ان وقت رڳو هيلي جي اسٽيشن وٺندو هو، سو بيڪار ٿي ويندو هو. هيلي جا ڪيترائي رهواسي، جن وٽ ريڊيو هوندو هو، اسپتال جي

ايڪس- ري مشين تي، احتجاج ڪندا هيا. جا سندن صبح جي پروگرامن جو ستياناس ڪندي هئي، پر ان لاءِ ڪوبہ اپاءُ نہ ورتو ويو. جيتوڻيڪ ڪيترن محسوس پئي ڪيو تہ اها شرم جهڙي ڳالھہ هئي، جو اسپتال پنهنجي مشين اهڙي وقت استعمال نہ پئي ڪئي، جنهن وقت ماڻهو پنهنجو ريڊيو نہ وڄائيندا هجن.

جڏهن ريڊيو بند ڪرڻ جو وقت آيو تہ سسٽر سيسيلا اندر آئي،

"ڪيتانو ڪيئن آهي، سسٽر سيسيلا؟" مسٽر فريزر پڇيو.

"الله! ڏاڍي خراب حالت اٿس."

"دماغي طرح صحيح نہ آهي ڇا؟"

"نہ، پر مون کي ڊپ آ تہ مري نہ وڃي."

"تون ڪيئن آهين؟"

مان هن لاءِ ڏاڍي پريشان آهيان. توکي خبر آهي تہ هن مهل تائين ڪوبہ ڪيس ملڻ يا ڏسڻ ڪونہ آيو آهي "ڪنهن ميڪسيڪين کي سندس پرواھہ نہ آهي. ويچارو ننڍڙڪو. هڪ ڪتي جيان مري ويندو. ڏاڍا ڪي بي ترس آهن."

"اڄ شام ايندينءَ، راند ٻڌڻ لاءِ؟"

"نہ، بابا نہ. مان ڏاڍو جذبات ۾ ڳتي ۾ پئجي ويندس." هن چيو. "مان ديول ۾ وڃي دعا گهرندس.

تنهن شام جو اڃا هنن کي ڪيڏندي پنج منٽ مس ٿيا هيا، جو اسپتال جو سيڪڙاٽ ملازم ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ چيائين، "سسٽر سيسيلا پڇي پئي تہ راند ڪيئن پئي هلي؟"

"چئينس تہ سنو ڇمايو اٿن."

ٿوري دير کان پوءِ هو وري ٻيهر آيو.

"چئينس تہ هنن راند ۾ سندن پير اکوڙي ڇڏيا آهن." مسٽر فريزر چيو.

ٿوري دير کانپوءِ هن هيٺين منزل تي ڊيوٽي ڏيندڙ نرس لاءِ گهنٽي وڄائي، "مهرباني ڪري ڪنهن کي هيٺ ديول ڏي موڪل يا پاڻ وڃي، سسٽر سيسيلا کي اطلاع ڪر تہ نوٽريڊيم هنن کان چوڏهن ۽ ٻڙيءَ جي حد تائين اڳ پري آهي، راند جو پهريون ڳچ پاڱو پورو ٿي چڪو آهي، ۽ سڀ ڪجھہ نيڪ آهي، ان ڪري دعائون بند ڪري."

چند منٽن ۾ سسٽر سيسيلا ڪمري ۾ اچي پهتي. هوءَ ڏاڍي جوش ۾

هئي، "چوڏهن ۾ ٻڙي مان ڇا مراد آهي؟ مون کي ان راند بابت ڪابہ ڄاڻ ڪانہ آهي. بيس بال ۾ تہ اها سني ۾ محفوظ پيش قدمي آهي. پر مون کي فوٽ بال بابت ڪابہ خبر نہ آهي. ان جي ڇا معنيٰ آهي. مان وري وڃان ٿي ديول ۾ ۽ تيسين دعا پئي گهرنديس جيسين راند پوري نہ ٿي ٿئي."

"هو هنن کان کٽي ويندا." فريزر چيو، "منهنجو واعدو آ. تو سان. هتي ويهي ريڊيو تي راند ٻڌ."

"نہ، نہ، نہ، نہ، نہ" هن چيو، "مان سڌو هينئر جو هينئر ديول ۾ وڃي دعا ٿي گهران."

جڏهن بہ نوٽريڊيم کو اسڪور پئي ڪيو تہ فريزر هيٺ نياپو اماڻيو، ۽ آخرڪار، جڏهن ڪافي اونده ٿي وئي، تہ آخري نتيجو هيٺ اماڻيو.

"سسٽر سيسيلا ڪيئن آهي؟"

"سڀ ديول ۾ آهن." هن چيو.

ٻي ڏينهن صبح جو سسٽر سيسيلا اندر ڪمري ۾ آئي. هوءَ ڏاڍو خوش ۽ پر اعتماد هئي.

"مون کي پڪ هئي تہ هو اسان جي خاتون کي شڪست ڏئي نہ سگهندا."
هن چيو "اهي نہ ٿا ڏيئي سگهن. ڪيتانو بہ هاڻي بهتر آهي. هو اڳي کان گهڻو بهتر آهي. سندس ملاقاتي بہ اچڻ وارا آهن. اڃا تائين هو انهن سان ملي تہ ڪونہ سگهيو آهي. پر هاڻي هو ايندا ۽ هنن جو اچڻ، هن جي طبيعت کي بحال ڪري ڇڏيندو، ڇو جو هي سمجهندو تہ هن کي پنهنجي شهر واسين وساريو ڪين آهي. مان پاڻ پوليس هيڊ ڪوارٽر ويس، اتي ڇوڪرو اوبرين مليو، جنهن کي چيم تہ ڪن ميڪسيڪو جي رهواسين کي ڪيتاني سان ملڻ لاءِ موڪلي. هو ڪن ميڪسيڪو جي ماڻهن کي اڄ شام ضرور موڪليندو ۽ پوءِ هو ويچارو ڪجهہ ٺيڪ ۽ بهتر محسوس ڪندو. ڪيڏو ظلم آهي جو ڪيس، ڪوبہ ڏسڻ نہ آيو آهي!"

ان شام جو اٽڪل پنجين بجي ڏاري ٽي ميڪسيڪين ڪمري ۾ اندر آيا.

"اندر اچي ٿا سگهون؟" انهن مان ڍگهي چيو، جنهن جا چپ ٿلها هيا ۽ پاڻ بہ ٿلهو هو.

"ڇونہ." فريزر چيو، "ويهو، ويهو، مهرباني، ڪجهہ پيئندؤ؟"

"وڏي مهرباني." وڏڙي چيو.
"مهرباني." ڪاري بندري چيو.
سنهڙي چيو، "مون ڪي مهرباني مٿي ۾ سور وجهندي آهي." هن مٿي تي هٿ سان ٺڪ ٺڪ ڪئي.
نرس ڪجهه گلاس کڻي آئي. "مهرباني ڪري ڪين بوتل بہ ڏي." فريزر چيو. "ريفرلاج جي اٿو." هن وضاحت ڪئي.
"ريفر لاج جي آهي پوءِ تہ واهہ واهہ" وڏي ڏکهي چيو: "هي، بگ نمبر ڪان گهڻي چڱي آهي."
"ظاهر آ." ننڍي چيو، "ءِ مهانگي بہ آهي."
"ريفر لاج بہ ڏار ڏار قيمتن جون آهن." وڏي چيو.
"ريڊيو ۾ گهڻا والوَ آهن؟" جنهن نہ پئي پيتو، تنهن پڇيو.
"ست"
"ڏاڍو سهڻو آهي." هن چيو، "گهڻي تو ملي؟"
"مون کي خبر نہ آهي." مسٽر فريزر چيو، "مون ڪرائي تي ورتو آهي."
"توهان ڪيتاني جا دوست آهيو؟"
"نہ." وڏي چيو، "اسين ان جا دوست آهيون، جنهن هن کي زخمي ڪيو آهي."
"اسان هت پوليس پاران موڪليا ويا آهيون." ننڍڙي چيو.
"اسان کي ننڍڙي جڳهہ بہ آهي." وڏي چيو، "هن کي ءِ مون کي." هن ان ڏانهن اشارو ڪيو جنهن ڪونہ ٿي پيتو. "هن کي بہ جاءِ پنهنجي آهي." هن ننڍڙي ڪاري ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "پوليس اسان کي اچڻ لاءِ چيو، ان ڪري اسان آياسين."
"مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان جو اوهان آيا."
"اسان بہ." وڏي چيو.
"ٿيو بہ ننڍڙو گلاس پيئندؤ؟"
"ڀلي ٿاهيو." وڏي چيو.
"توهان جي اجازت سان." ننڍي ۾ ننڍي چيو.
"مان نہ پيئندس." سنهڙي چيو، "منهنجي مٿي تي چڙهي ويندي آهي."
"ڏاڍي سٺي اٿئي." ننڍڙي چيو.

"توري آزمائين چونه." فريزر چيو. "پل تہ دماغ تي تورا خمار چڙهن."
"پوءِ وري مٽي ۾ سور شروع ٿيندو." سنهڙي چيو.
"ڪيتانو جي دوستن کي ساٿس ملڻ لاءِ موڪلي نہ سگهندؤ؟" فريزر پڇيو.
"هن کي دوست آهن ئي ڪونہ."
"هر ماڻهو کي دوست هوندا آهن."
"هن کي ڪونہ آهن."
"هي ڇا ڪندو آهي؟"
"جواري آهي."
"سٺو رانديگر آ؟"
"منهنجي خيال ۾ تہ آهي."
"مون کان تہ." ننڍڙي چيو، "هي هڪ سؤ اسي ڊالر کٽي ويو. هينئر تہ اهي هڪ سؤ اسي ڊالر دنيا ۾ ئي ڪونہ هوندا."
"مون کان." سنهڙي چيو، "نہ هو ٻہ سؤ يارنهن ڊالر کٽي ويو. تون انگ نہ وڌائجانءِ."
"مان هن سان ڪڏهن ڪيڏيو ئي ڪين آهيان." وڏي چيو.
"وڏو دولتمند هوندو." فريزر چيو.
"اسان کان بہ غريب آهي." ننڍڙي ميڪسيڪين چيو، "اها جيڪا قميص پنيءَ تي ڏسينس ٿو، ان کان وڌيڪ ڪجهہ ڪين اٿس."
"هاڻ تہ اها قميص بہ ڪنهن قيمت جي ڪونہ رهي آهي." فريزر چيو.
"گولين جا ٽنگ تي ويا اٿس."
"بلڪل، ظاهر آ."
"جنهن ڪيس گولي هنئين، سو بہ جواري آهي؟"
"نہ، بيٺن جي زمين تي مزدوري ڪندو آهي. هن کي شهر ڇڏي وڃڻو پيو."
"ائين بہ آهي." ننڍڙي چيو، "پر هو سٺو گٽار وڄائيندڙ آهي، شهر ۾ سندس جهڙو ٻيو ڪونہ ٿيو آ، اصل بهترين گٽار نواز."
"ڏاڍي شرم جي ڳالهہ آ."
"مان مڃان ٿو، هاڻي تہ هو گٽار کي هٿ بہ لائي نہ سگهندو." وڏي چيو.
"هاڻي تہ شهر ۾ سٺا گٽار وڄائيندڙ ٻچيا ئي ڪونہ آهن."

"گٽار وڄائيندڙن جو پاڇو بہ نظر نہ ٿو اچي."
"هڪڙو هارمونيم وڄائيندڙ آهي. ان جو بہ ڏاڍو نالو آهي" سنهڙي شخص چيو.
"ٻيا بہ آهن، جيڪي ٻيا ساز وڄائيندا آهن." وڏي چيو. "توکي موسيقي وڻندي آهي؟"
"ڪيئن نہ وڻندي؟"
"ڪنهن رات اسين موسيقيءَ جي محفل مچائينداسين، سمجهين ٿو تہ سسٽر اجازت ڏيندي؟ هونءَ تہ ڏاڍي ڪل مک آهي."
"جڏهن ڪيتانو ٺيڪ ٿيڻ لائق ٿيو، تہ منهنجي خيال ۾ هوءَ اجازت ڏيندي."
"ڪجهہ سوداڻ آهي ڇا؟"
"ڪير؟"
"اها، سسٽر."
"نہ" مسٽر فريزر چيو. "ڏاڍي سٺي عورت آهي. ڏاڍي ذهين ۽ همدرد آهي."
"منهنجو سيني پادرين، راهبن ۽ سسٽرس ۾ ويساهہ نہ آهي." سنهڙي چيو.
"هي جڏهن ڇيرو هو تہ هن ڪي انهن جو ڏاڍو خراب تجربو ٿيو." ننڍڙي چيو.
"ننڍي هوندي مان هڪ گرجا ۾ پادريءَ جو خادم هيس." سنهڙي فخر سان چيو، "هاڻي منهنجو ڪنهن ۾ بہ ايمان ڪونہ آهي، ان حد تائين جو ڪڏهن گرجا ڏانهن منهن بہ نہ ڪيو اٿم."
"ڇو؟ اها بہ مٿي تي چڙهي ويندي اٿي ڇا؟"
"نہ،" سنهڙي چيو، "رڳو شراب ئي مٿي تي چڙهي ويندو اٿم. عقيدا ۽ قائدا رڳو غريبن جي لاءِ ئي هوندا آهن.
"مون سمجهيو هو تہ ماريجئانا، غريب جو آفيم آهي." فريزر چيو.
"تو ڪڏهن آفيم چکيو آهي؟" وڏي پڇيو.
"نہ."
"مون بہ نہ." هن چيو "لڳي ٿو تہ ڏاڍو خراب آهي، جو شروع ٿو ڪري سو ڇڏڻ جو نالو نہ ٿو وٺي. اها هڪ بڇڙائي آهي."
"پر هيءَ" ننڍڙي چيو، "وڏيڪ سگهارو آهي."
"ڪنهن بہ ٻي جي پيٽ ۾ سگهارو ٿيڻ ضروري آهي." فريزر نرم لهجي ۾ چيو.

"مون کي انهن لاءِ عزت آهي، جي ايمان رکن ٿا. پوءِ کٽي کين ڇاڻ ڪانہ آهي." سنهڙي چيو.

"ڏاڍو سٺو." مسٽر فريزر چيو.

"اسان تو لاءِ ڇا آڻيون؟" ميڪسيڪين چيو. "ڪنهن شيءِ جي ضرورت اٿي ڇا؟"

"مان بيئر وٺڻ پسند ڪندس، جي هتي سٺو ملي وڃي تہ."

"ٺيڪ آ، اسان بيئر آڻينداسين."

"وڃڻ ڪان اڳ، هڪ آخري پيگ؟"

"جيڪا تنهنجي مرضي."

"اسان توکي ڦري رهيا آهيون."

"مان وڏيڪ ڪونہ پي سگهندس. مٿو وجي ٿو ونبو ۽ پوءِ مٿي ۾ سور بہ پوي ۽ پيٽ بہ خراب ٿيو پوي."

"خدا حافظ، مهرباني."

"خدا حافظ ۽ مهرباني."

هو هليا ويا. پوءِ سنجها جي ماني ٿي ۽ ان بعد ريڊيو، جيتوڻيڪ ان جو آواز جهڪو ڪيو ويو هو، تہ بہ ٻڌڻ ۾ پئي آيو. هيٺينءَ ريت اسٽيشنون هلنديون رهيون. ڊينور سالٽ ليڪ سٽي، لاس اينجلسز ۽ سيٽل، مسٽر فريزر ڊينور جي تصوير، ريڊيو ۾ تہ ڏسي نہ پئي سگهيو، پر هو ڊينور، 'ڊينورپوسٽ' ۾ ڏسي پئي سگهيو ۽ تصور ۾ ڪڍيل شڪل، 'دي راڪي ماؤنٽينس نيوز' جي ذريعي صحيح ڪري پئي سگهيو. جو ڪجهہ هو سالٽ ليڪ سٽي ۽ لاس اينجلز مان ٻڌي رهيو هو، ان مان هو انهن شهرن جي ڪابہ تصوير ذهن ۾ ٺاهي نہ پئي سگهيو. سواءِ ان جي تہ سالٽ ليڪ سٽي صاف سٿرو تہ هيو، پر هو موڳو ۽ ويڳاڻو ۽ لاس اينجلز جي وڏن هوٽلن ۾ تہ ڪيترائي ناچ گهر هيا. هن کي ناچ گهر جي ڪابہ خبرچار ڪانہ هئي. سيٽل جي هن کي پلي پت خبر هئي. اڃين، ڪارين ٽئڪسي گاڏين جي ڪمپنيءَ (هر گاڏيءَ ۾ ريڊيو لڳل) جي هڪ وڏيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهي هو روز رات جو، ڪئناڊا طرف واري روڊ- هائوس ڏانهن نڪري ويندو هو، جتي هو انهن پارٽين ۾ شريڪ ٿيندو هو، جن ۾ ڪيس فون ڪري پسنديده موسيقارن آڻڻ لاءِ چيو ويندو هو. هر رات جو هو سيٽل ۾ ٻي

بجي ڪان پوءِ رهندو هو ۽ اهي موسيقيءَ جا شهپارا ٻڌندو هو، جي مختلف ماڻهو فرمائش ڪندا هيا ۽ اهو ائين لڳندو هو جيئن ميناپولس، جتي سازندا روز صبح جو پنهنجا هَنڌُ ڇڏي اسٽوڊيو روانا ٿيندا هيا. مسٽر فريزر ڪي سيٽل واشنگٽن ڏاڍو وڻڻ لڳو هو.

ميڪسيڪين آيا ۽ بيئر وٺي آيا، پر اهو سٺو نه هو. هن انهن ڪي ايندو ڏٺو پر هن جي دل ساڻن ڳالهائڻ نه چاهيو. جڏهن هو ويا ته هو سمجهي ويو ته هو وري نه ايندا. ڪڏهن ڪڏهن هن جي ذهن تي ڇڻ ته بار پئجي ويندو هو ۽ جڏهن به ان حالت ۾ هوندو هو ته ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ نه ايندو هو. پنجين هفتي جي پڇاڙيءَ ۾ هن کي وري اعصابي دورو پيو هو. مسٽر فريزر خوش هو ته هن جي بهتر حالت پنج هفتا هلي هئي، تنهن هوندي به هن کي زوري مزاحمت ڪرڻ جي باوجود تجربي لاءِ اتي آندو ويو هو. هن کي خبر هئي ته ٿيندو ڪجهه به نه. ان صورت حال مان مسٽر فريزر اڳ به گذريو هو. هن لاءِ ڪا جي نئين شيءِ هئي ته اهو ريڊيو ئي هو. جو سڄي رات اُهو وڄائيندو هو ۽ آواز ايترو جهڪو ڪندو هو، جو پاڻ به مشڪل سان ٻڌي سگهندو هو ۽ هينئر هو بنا سوچڻ جي، ان کي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ڏهين وڳي صبح ڌاري، سسٽر سيسيلا ڪمري ۾ آئي ۽ ان ڏينهن جي ٽپال به کنيو آئي. هوءَ ڏاڍي سهڻي هئي ۽ فريزر هن کي ڏسڻ ۽ سندس ڳالهين ٻڌڻ جو ڏاڍو شائق هو، پرٽپال، جا ڇڻ ٻيءَ دنيا مان آئي هئي، وڌيڪ اهم هئي. بهرحال ٽپال ۾ ڪا به دلچسپ شيءِ ڪانه هئي.

"تون هاڻي گهڻو نيڪ ٿي ويو آهين." هن چيو. "هاڻي جلد ئي اسان کي ڇڏي ويندين."

"هائو." مسٽر فريز چيو. "تون به اڄ صبح جو ڏاڍي خوش پئي لڳين."

"هون، واقعي، اڄ صبح جو مان محسوس ٿي ڪريان ته مان ديوي ٿي ويئي آهيان."

اهو ٻڌي مسٽر فريزر ٿورو ڇرڪ ڀري، وائڙو ٿي ويو.

"ها." سسٽر سيسيلا چيو. "اهائي مان ٿيڻ چاهيان ٿي. هڪ ديوي (Saint). پَنهنجي ٻالڪپڻ کان ئي مون ديوي ٿيڻ جي خواهش پئي ڪئي. مان جڏهن ڇوڪري هيس تڏهن سوچيو هوم، جي مان دنيا ترڪ ڪري ڪنهن

"تي سگهي ٿو تنت وري ڪم ڪرڻ شروع ڪري."
"مان تہ ان لاءِ دعا گھرندي آهيان." سسٽر سيسيلا چيو، "توکي ڪيس ڏسڻ گھرجي."
"پنهنجي دل ائين ٿي پئي آ جو ڪنهن سان ملڻ ٿي نہ ٿي چاهي."
"ڏس! توکي ان سان ملڻو پوندو." سسٽر چيو، "هو سندس ڦيٿن واري ڪرسي هيڏي گھلي ايندا."
"تنهنجي مرضي."
هو ڪيس ڪرسيءَ تي اندر ڇڪي آيا. هو بدن جو سنهڙو، چمڙي ڇڻ تہ شفاف هيس. سندس وار ڪارا ۽ حجامت جا گھرجائو هُيا. سندس اکين ۾ مرڪ هئي. ڪليو پئي تہ ڏند خراب پئي لڳس.
"هيلو دوست، ڪيئن آهين؟"
"جهڙو ڏسين ٿو." مسٽر فريزر وراڻيو، "۽ تون ڪيئن آهين؟"
"جيئرو آهيان، پر ڇنگهہ ويهجي ويئي اٿم."
"اهو تہ خراب ٿيو." مسٽر فريزر چيو، "پر تنت وري ڪم ڪرڻ شروع ڪري سگهي ٿي ۽ ائين جيئن نٿين."
"چون تہ هي بہ ائين ٿا."
"سور ڪيئن اٿئي؟"
"هاڻي تہ ڪونهي. پر ٿورو اڳ تہ اصل چريو ڪري ڇڏيو هيائين. پيٽ جو سور هو. مون تہ سمجهيو پئي تہ اهو سور ئي سر ڪٽندو."
سسٽر سيسيلا خوش خوش هنن کي پاڻ ۾ ڳالهائيندو ڏسي رهي هئي.
"هن مون کي ٻڌايو تہ تو ڪڏهن بہ دانهن ڪوڪ ڪانہ ڪئي." مسٽر فريزر چيو.
"وارڊ جا ڪيترائي ماڻهو چون پيا." ميڪسيڪوئيءَ چيو، "توکي ڪهڙي قسم جي تڪليف آهي؟"
"وڏي تڪليف آهي. ظاهر آ تہ تو جهڙي سخت نہ. جڏهن نرس ٻاهر نڪري ويندي آهي تہ ڪلاڪ ڪڏهن ٻہ ڪلاڪ روئندو آهيان. ان سان مون کي آرام ايندو آهي. منهنجن اعصابن تي اثر پئجي ويو آ."
"توکي ريڊيو آهي. مون کي جي ريڊيو ۽ خانگي ڪمرو هجي تہ جيڪر

سچي رات، روئان ۽ رڙان."
"مان نہ ٿو سمجهان."
"يار، ڏس روئڻ صحت آهي. پر گهٽن ماڻهن جي سامهون ائين ڪرڻ ڏکيو آ."
"بهرحال،" مسٽر فريزر چيو، "هٽ تہ اجا ٺيڪ ٺاڪ اٿئي، انهن چيو پئي تہ تنهنجي گذر سفر جو وسيلو هٽ ئي آهن."
"۽ دماغ بہ." هن لونڊڙيءَ تي آڱر رکندي چيو، "جيتوڻيڪ دماغ، هٽن جو مٽ نہ آهي."
"تنهنجي ملڪ جا ٽي ڇڻا هتي آيا هيا."
"پوليس مون کي ڏسڻ لاءِ موڪليا هيا."
"ڪجهہ بيئر ڪٽي آيا هيا."
"اهو شايد خراب هوندو."
"هائو، واقعي سٺو نہ هو."
"اڄ رات پوليس ڪين، مون کان ڪجهہ معلوم ڪرڻ لاءِ، وري موڪليو هو." هو ڪِليو ۽ پوءِ پيٽ تي هٿ هڻي چيائين، "مان اجا ڪلي نہ ٿو سگهان." ڏاڍا سٺا موسيقار آهن."
"۽ جنهن توکي گولي هنئين؟"
"اهو بہ هڪ بيوقوف هو. منهنجا هن ڏي ڪٽيل سٽيهہ ڊالر رهتو هيا. ان ڪري ڪو ماربو تہ نہ آهي."
"هنن ٽن ڇڻن پي چيو تہ تون سدائين ڪٽيندو آهين."
"۽ ان هوندي بہ ڪنگلو آهيان."
"ڇو؟"
"مان هڪ آدرشي انسان آهيان. مان خام خياليءَ ۽ فريب فڪر جو شڪار نہ آهيان." هو ڪِليو ۽ پوءِ پيٽ کي مهٽڻ ۽ ٽپڪيون هڻڻ لڳو، "مان هڪ ڏنڌوڙي جُواري آهيان، پر جُوا ڪرڻ منهنجو شغل بہ آهي. وڏي جُوا ڪرڻ، ٿوري جُوا تہ مڙيو ئي ڏچو آهي. وڏيءَ جوا لاءِ نصيب جي ضرورت هوندي آهي. منهنجو نصيب سٺو نہ آهي."
"ڪڏهن بہ نہ؟"

"ڪڏهن بہ نہ. مان بلڪل بدنصيب آهيان. ان ڳالهہ واسطي جنهن مون کي گوليون هيون، سو ڪنهن هاٿيءَ کي بہ ڇُٽي نہ سگهندو، پر نصيب. سندس پهرين گولي اجائي وئي، ٻي ويچاري روسيءَ کي لڳي، اهو بہ نصيب ڇٽبو. هن مون کي بہ پيرا پيٽ ۾ گولي هنئي. هو قسمت وارو شخص آهي. مون سان نصيبن نہ پڙايو. هو جو رڪيبن ۾ پير هوندي، گهوڙي کي ڇُٽي نہ سگهي، مون سُتل کي، بہ گوليون لڳن، قسمت جي ڳالهہ آهي نہ."

"مون کي تہ اها خبر آهي. هن پهريائين توکي گوليون هنيون ۽ پوءِ روسيءَ کي."

"نہ، روسي پهريائين، مان پوءِ. اخبار ۾ غلط آيو آهي."

"تو کيس گولي ڇونہ هنئي؟"

"مان هٿيار کڻان ئي ڪين. منهنجو ياڳ اهڙو آهي، جو بندوق ساڻ کڻان ها تہ هن مهل تائين هر سال ڏهہ پيرا ڦاسيءَ چڙهي چڪو هجان ها. مان رڳو هڪ معمولي جُواري آهيان، رڳو جُواري." هن ترسي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، "جڏهن مان ڪجهہ رقم کٽيندو آهيان، تہ وري جُوا کيڏندو آهيان ۽ اها بہ هارائي ڇڏيندو آهيان. ٽن هزار ڊالرن وارو داءُ هارائيندو آهيان ۽ ڇهن ڊالرن وارو کٽيندو آهيان."

"ڇو چپ ٿي وئين؟"

"جي گهٽو عرصو جيئرو رهيس تہ ياڳ شايد بدلجي. هاڻي تہ پندرهن سالن کان نياڳ اٿم. جي ڪڏهن بہ قسمت ساٿ ڏنو تہ مان امير ٿي ويندس." هو ٿورو کنجهيو، "مان سنو جُواري آهيان ۽ سچ پچ مان شاهوڪار ٿيڻ پسند ڪندس."

"هر راند ۾ توتي ڇريائپ سوار هوندي آهي؟"

"هر راند ۾ ۽ هر عورت سان، قسمت ساٿ ڏيندي آهي." هو ڪِليو ۽ سندس ڦِڪا ڏند ڏسڻ ۾ آيا.

"سچي؟"

"سچ."

"پوءِ، نيٺ ڇا ڪرڻ جو خيال اٿئي؟"

"جُوا جاري رکبي، هوريان هوريان، جيسين قسمت بدلجي."

"پر، عورتن سان؟"

"عورت جي معاملي ۾ ڪوبہ جواري خوش قسمت نہ هوندو آهي. هن جو

گهٽو توجهہ پٽن ڏانهن هوندو آهي. هو راتيون جون راتيون ان ۾ رڌل هوندو آهي. جڏهن تہ اهي راتيون هن کي ڪنهن عورت سان گهارڻ گهرجن. ڪوبہ مرد جو رات جو ڪم ڪري ٿو سو عورت تي وس رکي نہ سگهندو. خاص ڪري اهڙي عورت تي جا توجهہ جي لائق آهي."

"تون بہ فيلسوف آهين."

"نہ، يارا هڪ ننڍي شهر جو جُواري، تنهن کان پوءِ بيون، تنهن کان پوءِ ٽيون ۽ تنهن کان پوءِ وڏو شهر ۽ وري نئين سر شروعات."

"وري پيٽ ۾ گولي."

"پهريون دفعو." هن چيو. "ائين پهريون ڀيرو ٿيو آهي."

"مون ڳالهائي توکي ٿڪائي وڌو آهي؟" مسٽر فريزر چيو.

"نہ." هن چيو. "مون توکي ٿڪائي ڇڏيو هوندو."

"۽ ڄنگهہ؟"

"ڄنگهہ منهنجي لاءِ ڪا اهڙي ڪارائتي نہ آهي. ڄنگهہ هجي يا نہ، ڪم هلي ويندو. مان پٽي جي راند ڪري سگهندس."

"مان تنهنجي ڀلي ڀاڳ جي خواهش ڪريان ٿو. سچ پچ ۽ سچيءَ دل سان." فريزر چيو.

"تو لاءِ بہ مان ساڳي دعا ٿو ڪيان." هن چيو. "سور ختم ٿيڻ لاءِ بہ."

"اهو گهٽو نہ هلندو. پڪ ڄاڻ. اهو ڇڏي ويندو. اهو ڪو اهڙو اهم نہ آهي."

"ڀلا دعا ڪر تہ يڪدم ختم ٿي وڃي."

"دعا اٿئي."

ان رات ميڪسيڪين هارمونيم ۽ ٻيا ساز وڄايا. وارڊ ۾ خوشي ۽ مسرت هئي. هارمونيم جي ڌُن جو آواز، گهنڊٽيون، باجا ۽ نغارا بہ دالان ۾ ڌم لايون بيٺا هيا. ان وارڊ ۾ هڪ ڪاؤ بواءِ گهوڙي سوار بہ هيو، جنهن کي اڌ رات جو آندو ويو هو. جو شام جو ڪري، زخمي ٿي پيو هو. هو هينئر ڪرنگهي ڀڄڻ کان پوءِ، اسپتال مان ڇاڪ ٿي نڪرڻ بعد، ڪرسين تي بيد ۽ چمڙي جي ڪم ڪرڻ لاءِ سوچي رهيو هو. هڪ ڏکڻ بہ هيو، جو ڪوازو ٻڌندي ڪري پيو هو ۽ ٻئي مرا ۽ ويٽيون ڀڃائي ويٺو هو. هن جون اکيون ٻليءَ جيان هيون، پر ان جيان انهن ۾ گهٽجڻ وڌڻ ڪونہ هو. هن جا هڏا جڙي ويندا ۽ ڪم

ڪرڻ لائق ٿي ويندو. پر ان ۾ گهڻو وقت لڳندو. هڪ هاريءَ جو پار بہ هو. اٽڪل سورهن سالن جو. جنهن جي ڇنگهہ پڇي پيئي هئي، پر صحيح طرح نہ جڙي هئي، تنهن ڪري ان ڪي وري پڇي ٻيهر جوڙٽي هئي. ڪيتانو روز بہ هو، ننڍي شهر جو جواري، جنهن جي هڪ ڇنگهہ اڌ رنگ جو شڪار ٿي ويئي هئي.

مسٽر فريزر دالان جي هيٺان وارن کي بہ خوش ٿيندو ۽ ڪلندو ٻڌي رهيو هو. جي سڀ ان موسيقيءَ تي خوش هيا. ميڪسيڪين جو وقت سٺو گذريو پئي. هو مسٽر فريزر کي ڏسڻ لاءِ ڏاڍي اتساهہ سان آيا هيا ۽ ڇاڻڻ پئي گهريائون: تہ هن ڪانئن ڇا ٻڌڻ پئي چاهيو. هو بہ دفعا پوءِ بہ، پنهنجي پر ۾ موسيقيءَ جو مظاهرو ڪرڻ آيا.

آخري ڀيرو جڏهن راڳ ٿيو تہ ان مهل مسٽر فريزر، ڪمري جو در کوليو ستو پيو هو ۽ بي سري موسيقي ٻڌي رهيو هو. هُو سوچڻ بنا رهي نہ سگهيو. جڏهن هنن ڇاڻڻ چاهيو تہ هن ڇا ٻڌڻ پسند پئي ڪيو، تہ هن 'ڪڪارچا' لاءِ چيو، جنهن ۾ گوڙ بجاءِ سانت ۽ هلڪائپ هئي ۽ سازن جو ڪن پوڙا ڪندڙ گوڙ نہ هو. هنن گوڙ ۽ جوش سان پئي ڳايو. ڏن ڀين ڏنين کان بهتر هئي، پر مسٽر فريزر لاءِ ان ۾ بہ ڪو فرق نہ هو.

ان جذباتي شور واري راڳ جي باوجود مسٽر فريزر سوچيندو ئي رهيو. گهڻو ڪري هو سوچڻ کان نٽائيندو هو، سواءِ لکڻ وقت، پر هاڻي هو انهن بابت سوچي رهيو هو، جي ڳائي رهيا هيا ۽ ان بابت بہ، جو ڪجهہ ننڍڙي ميڪسيڪين چيو هو.

عقيدا ۽ قانون، ماڻهن لاءِ آفيم آهن. هن ننڍي سازندي تي اعتبار ڪيو. هائو، موسيقي بہ ماڻهن لاءِ آفيم آهي. ٻڌي اهو نہ سوچيو هو. هينئر اٽليءَ ۽ جرمنيءَ ۾ اقتصاديات سان گڏ وطن پرستي بہ ماڻهن لاءِ آفيم هئي. جنسي تعلقات بابت ڇا خيال آهي، اهو بہ ماڻهن لاءِ آفيم آهي؟ ڪجهہ ماڻهن لاءِ، بهترين ماڻهن لاءِ. پر شراب، اعليٰ ترين آفيم هو، ماڻهن لاءِ، واهہ، عجيب آفيم آهي. جيتوڻيڪ ڪي ريڊيو پسند ڪندا آهن، جو بہ ماڻهن لاءِ هڪ آفيم آهي. سستو بہ، ۽ هينئر بہ هو اهو استعمال ڪري رهيو هو. انهن سان گڏ ماڻهن لاءِ، هڪ ٻيو بہ آفيم هو، جُوا جو آفيم، پراڻن آفيمن مان هڪ. خواهش ۽ آرزو بہ هڪ آفيم هو ۽ ان سان گڏوگڏ ڪنهن نئين حڪومتي سرشتي ۾ ويساهہ.

اوهان کي اهڙو حڪومتي سرشتو ڪپندو هو، جنهن جي پڪڙ گهڻ ۾ گهڻ هجي. آزادي، جنهن ۾ اسان جو ايمان آهي ۽ جا هينئر مٿڪ فيڊبن جنهن اشاعت گهر جو نالو آهي، اسان جو ان ۾ بہ ويساهہ آهي، جنهن لاءِ اجا ڪو نئون نالو مقرر نہ ڪيو ويو آهي. پر سچو پچو آفيم ڪهڙو هو؟ ماڻهن لاءِ حقيقي ۽ صحيح آفيم ڪهڙو هو؟ هن کي ان جي چڱي طرح خبر هئي. هينئر هينئر هن جي دماغ جي روشن حصي ۾، ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ موجود هيو. هڪ ٻہ پيگ پيئڻ بعد، هن کي خبر هئي تہ اها شيءِ اتي موجود هئي. (اها حقيقت ۾ البت اتي موجود نہ هئي.) اها ڇا هئي؟ هن چڱيءَ ريت ڄاتو پئي. اها ڇا هئي؟ بيشڪ، ماني ماڻهن لاءِ آفيم هئي. ڏينهن جو هن کي اها ياد رهندي ۽ ڪا معنيٰ رکندي؟ ماني ئي ماڻهن لاءِ آفيم آهي.

"ٻڌ،" مسٽر فريزر نرس کي چيو، جڏهن هوءَ ڪمري ۾ آئي، "اهو ننڍڙو سنهڙو ميڪسيڪين هت اندر اچي سگهندو؟ مهرباني ڪندينءَ؟"

"وٺئي ٿو؟"

"ڏاڍو."

"اها هڪ تاريخي ڏن آهي." ميڪسيڪين چيو، "اها حقيقت انقلاب جي ڏُن آهي."

"ٻڌ،" فريزر چيو، "نشي ڏيڻ کان سواءِ ڪنهن جو آپريشن ڇونہ ٿو ڪيو وڃي؟"

"مون سمجهيو نہ!"

"جو، هي سڀئي آفيم ماڻهن لاءِ سٺا ڪين آهن؟ توهان ماڻهن کي ڇا ٿا ڪرڻ چاهيو؟"

"انهن کي جهالت کان بچائڻ گهرجي."

"بيوقوفيءَ جون ڳالهيون نہ ڪر. تعليم ماڻهن لاءِ آفيم آهي. توکي اها خبر هوندي، توکي بہ ٿوري گهڻي آهي."

"تنهنجو تعليم ۾ ويساهہ نہ آهي؟"

"نہ،" مسٽر فريزر چيو، "ڄاڻ ۾ البت آهي."

"مان سمجهي نہ سگهيس."

"ڪيترائي ڀيرا مان بہ پاڻ کي سمجهي نہ سگهيو آهيان."

”ڀيهر ’ڪڪارچا‘ ٻڌندين؟“ ميسيڪين ڳڻتيءَ وچان پڇيو.

”هائو“ مسٽر فريزر چيو، ”وري ’ڪڪارچا‘ وڄايو. اها ريڊيو کان بهتر آهي.“

انقلاب، مسٽر فريزر سوچيو، آفيم نہ آهي. انقلاب هڪ جوش، جنون ۽ وجد آهي، جنهن کي رڳو جبر ۽ ڏاڍ سان ئي طوالت ڏئي سگهجي ٿو. آفيم رڳو اڳ ۽ پوءِ لاءِ ئي آهي. هو هاڻ چڱيءَ ريت سوچي رهيو هو، ڪجهہ وڌيڪ بهتر نموني.

ٿوري دير کان پوءِ هو هليا ويندا، هن سوچيو ۽ هو ڪُڪارچا بہ پاڻ سان گڏ کنيون ويندا. پوءِ هن کي ٿورو فڪر يا خيال بشر ڪي مات ڪنڊڙ جو ٽيندو، ۽ هو ريڊيو وڄائيندو. توهان ريڊيو اهڙي نموني هلائي سگهو ٿا، جو مشڪل سان ٻڌي سگهوس.

# پيءُ ۽ پُٽ

شهر جي شاهي رستي جي وچ تي، مڙي وڃڻ جو هڪ بورڊ لڳل هو. پر ڪارون سڌو ٿي پئي ويون. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ اهو بورڊ ڪنهن مرمت هلندي هنيو ويو هو جا هينئر پوري ٿي چڪي هئي. نڪولاس ائڊمس، شهر جي فرش لڳل بند گهٽيءَ مان ڪار هلائيندو وڃي رهيو هو. آچر هئڻ ڪري اڄ وچ گهٽ هئڻ سبب گهٽي خالي خالي پئي لڳي. ڪڏهن ڪڏهن ٽريفڪ سگنل جي بتين ٻرڻ ۽ بند ٿيڻ سبب بيهڻو ٿي پيس. اهي بتيون بہ ڀي سال بند ٿي وينديون، جڏهن ان سرشتي لاءِ ادائگي نہ ڪئي ويندي. ننڍي شهر جي ان رستي تي وڏا وڻ هيا. جيڪڏهن توهان ان شهر جا رهواسي آهيو ۽ انهن وڻن جي ڇانو ۾ گهميا آهيو تہ اهي ڇڻ اوهان جي دل جو حصو آهن. اهي ڏاڍا گهاٽا آهن ۽ اس جي تپش کي گهٽائيندا آهن، ڏارين يا پرڏيهين کي گهرن ۾ گهمر محسوس ٿيندي آهي. آخري گهر ٽپي شاهراهہ تي ايندؤ جا سامهون ٽڪرين تي لاهيون ۽ چاڙهيون ٺاهيو پئي گذري، تنهن جي پاسن کان ڳاڙهي رنگ جي مٽيءَ جا ڪنارا سهڻي نموني ڪٽيا ويا هيا ۽ نوان وڻ ٻنهي پاسن کان پوکيا ويا هيا. اهو سندس ملڪ نہ هو. پر اها سرءُ جي موسم هئي، ۽ هي سارو ملڪ ڏسڻ ۽ گاڏيءَ تي گهمڻ جهڙو هو. ڪيتن مان ڪپهہ جو چونڊو ٿي چڪو هو ۽ صاف ٻنين ۾ ڪٿي ڪٿي اُن جي پوک پوکيل هُئي. ڪن جي چوڏاري ٻَني سان نشان ڪيل هيا. هو آرام سان گاڏي هلائي رهيو هو، ۽ هن جي پاسي واري سيٽ تي سندس ننڍڙو پٽ ستو پيو هو. هو سڄو ڏينهن سفر ڪندا رهيا هيا. هن کي خبر هئي تہ ڪهڙي شهر ۾ ڪين، رات، آرام ڪرڻو هو. نڪ ڏسندو پئي ويو تہ ڪهڙي زمين جي ٽڪر ۾ سورج مکي جو فصل لهرائي رهيو هو ۽ ڪهڙي ۾ مٽر. ڪٿي کليل ميدان هيا ۽ ڪٿي جهنگ ۽ ٻوٽا. زمين ۾ ڪٿي گهر، جهوپڙيون هيون ۽ ڪٿي گهاٽو جهنگ. هو ذهن ۾ سڄي ملڪ جو تيل شڪار ڪندو پئي ويو. هو داٿي چڳڻ جا ٽڪرا بہ تاڙيندو پئي ويو تہ اهي جهاڙيون ۽ لڪڻ جون جايون بہ، جتي ٻٽير هوندا. اهي طرف بہ جاچيندو ويو جيڏانهن پهريون ٺاهہ ڪائي،

"هائو." ٽڪرين جي ساوڪ تي اهي هڪ اچي چتيءَ جيان لڳي رهيون هيون.

"مان اهي هڪ هڪ ڪري ڳڻي سگهان ٿو." پٽس چيو هو.

سيني ماڻهن جيان، اهڙي لياقت هوندي بہ، جا انساني گهرجن کان اعليٰ ۽ اتم هئي، هن جو پيءُ بہ ڏاڍو بي همتو هو. هو جذباتي بہ هو، ۽ اڪثر جذباتي ماڻهن جيان، هو بي رحم بہ هيو ۽ تنهن ڪري ڏڪاريل بہ هو. هن جو پاڳ پڻ پلو نہ هو. ان ۾ سمورو ڏوهہ سندس ڪونہ هو. هو ڪنهن چار ۾ ڦاسي مئو هيو، جنهن چار کي وچائڻ ۾ هن رڳو ٿوري مدد ڪئي هئي. هن جا سيئي ساٿي سندس مرڻ کان اڳ، پنهنجي پنهنجي نموني هن سان دغا ڪري هليا ويا هيا. سيني جذباتي ماڻهن سان خيانت ۽ ڪوڙ تہ ٿيندي ئي آهي، نِڪ هن بابت اجا ڪجهہ لکي نہ سگهيو هو. جيتوڻيڪ اڳتي هلي هن کي لکڻ جو ارادو هو. نِڪ اجا ٻار هو ۽ ٻن ڳالهين ڪري سندس ٿورائتو هو. اها ياد ڪيس ٻيٽرن جي شڪار واري جوءِ ۾ پهچندي آئي هئي. اهي بہ ڳالهيون هيون، مڇيءَ ۽ بندوق سان شڪار. هن جو پيءُ هنن ٻنهي ڳالهين جو ماهر هو، ائين جيئن هو جنسي سڀنڌ جي معاملي ۾ اڻ ڄاڻ هو ۽ نڪ خوش هو تہ سندس پيءُ ان ڳالهہ ۾ ماهر نہ هو. ڪنهن نہ ڪنهن کي، ڪڏهن نہ ڪڏهن توهان کي هٿ ۾ بندوق ڏيڻي آهي ۽ ان کي استعمال جو موقعو پڻ، جي توهان کي اهو ڪجهہ سکڻو آهي تہ توهان لاءِ اتي رهڻ ضروري آهي، جتي شڪار ۽ مڇي هجي. هينئر اٺٽيهن سالن جي عمر ۾ بہ هن کي مڇي ۽ بندوق سان شڪار ڪرڻ ايترو وڻيو پئي، جيترو ان وقت جڏهن هو پهريون پيرو پيءُ سان شڪار تي ويو هو. اهو هڪ اهڙو شوق ۽ جذبو آهي جو ڪڏهن بہ ماٺو نہ ٿو ٿئي، جنهن سان واقفيت ڪرائڻ لاءِ هو پنهنجي پيءُ جو ٿورائتو هو.

ٻي ڳالهہ جنهن بابت پٽس ڄاڻ نہ رکندو هو، سا اهڙي هئي، جو جنهن کي بہ جو ڪجهہ ڄاڻڻ ضروري هوندو آهي، سو بنا ڪنهن مشوري جي پاڻ ئي معلوم ڪري وٺندو آهي ۽ اهڙي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوبہ فرق ڪونہ پوندو تہ اوهان ڪٿي ٿا رهو. هن کي بہ اهڙيون معلوماتي ڳالهيون ياد هيون، جي پٽس کيس ٻڌايون هيون. هڪ ڀيري جڏهن هو ٻئي شڪار تي گڏ ويل هيا، تہ نِڪ هڪ ڳاڙهي نوريئڙي کي شڪار ڪيو جو وڻ تان ڪري پيو. نوريئڙو زخمي ٿي پيو. جڏهن نِڪ ان کي کنيو تہ ان هن جي آڱوٺي جي چوٽيءَ تي چڪ پاتو.

”ذليل بـَگر.“ نک رڙ ڪئي ۽ نوريئڙي کي پڪڙي زور سان ان جو مٿو وڻ جي ٿڙ سان هنيو. ”ڏسو نہ هن ڪيئن نہ مون کي چڪ پاتو آهي.“ هن چيو.

هن جي پيءُ ڏنو ۽ چيائينس، ”ان کي چوسي صاف ڪر ۽ جڏهن گهر هلون تہ ان مٿان آيوڊين هڻي ڇڏجانءِ.“

”تنديو بگر“ نـک چيو.

”توکي خبر آ تہ بگر (Bagger) ڪنهن کي سڏبوآهي؟“ پٽس هن ڏانهن ڏسندي چيو.

”اسان تہ ڪنهن بہ شيءِ کي بگرُ سڏيندا آهيون.“

”بگر ان ماڻهوءَ کي چئبو آهي، جو ڪنهن جانور سان جنسي فعل ڪري.“

”ڇو؟“ نک چيو.

”مون کي خبر نہ آهي تہ ڇو.“ پٽس ورائيو، ”پر اهو وڏو سخت ڏوهہ آهي.“

نک جو ذهن ڏڏي ويو ۽ خوف ورائي ويس. هن ڪيترن ئي جانورن بابت سوچيو پر ڪوبہ اهڙو دلڪش ۽ قابل عمل جانور نہ سجهيس. اهوئـي ان جنسي معلومات جو تات پرج هو ۽ اهائي ڄاڻ سڏيءَ طرح پٽس کيس پهچائي هئي. هڪ ٻي ڄاڻ بہ پيءَ کيس ڏني هئي. هڪ ڏينهن صبح جو هن اخبار ۾ پڙهيو هو تہ اينريڪو ڪارسوکي زوريءَ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو.

”زوري ڇا آهي؟“

”اهو بہ سنگين ڏوهن مان هڪ آهي.“ هن جي پيءُ جواب ڏنو.

انهيءَ سڄي مامري تي ڳالهہ ٻولهہ جي پڄاڻي سندس پيءُ اهو چوندي ڪئي تہ هٿ سان اهو فعل ڪرڻ وارو انڌو ٿي پوندو آهي ۽ چريو پڻ، ڪڏهن تہ مري بہ پوندو آهي. جيڪو ماڻهو فاحش عورت سان اهو فعل ورجائيندو آهي، تنهن کي ڪئي خطرناڪ جنسي بيماريون ٿي پونديون آهن ۽ هر ڪنهن کي اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ انهن فعلن کان پري رهجي. ٻي طرف سندس پيءُ کي اکين جو بهترين ۽ سهڻو جوڙو هوندو هو. پيءَ جي اکين جهڙيون اکيون هن ڪڏهن نہ ڏٺيون هُيون. نـک ساڻس گهڻو ۽ ڪافي عرصو پيار ڪيو هو. هاڻي اهو ياد ڪري تہ اهو ڪجهہ ڪيئن ٿيو هو ۽ اهي گذريل ڳالهيون جي اڳ ٿي ُگذريون هيون، انهن جون يادگيريون بہ سٺيون نہ پئي لڳيون. جيڪڏهن هو اهي لکي تہ انهن مان جان ڇڏائي سگهندو. پر ان لاءِ اجان وقت نہ آيو هو. اجا

راھ پاندي ڪان گھر تائين ويندي هئي. ان گرمر ۾ وارياسي پيچري تي، جو ڪاري ٽپي ٻيلي تائين پئي ويو، هن پيري 'ٻليءَ جو پيچ' نالي ٻوٽو ڦٽو بيٺو آهي. جنهن کي گاسليٽ ۾ ٻوڙي، مشعل ٻڻائي سندس روشنيءَ ۾ رات جو نيزن سان مڇيءَ جو شڪار ڪيو ٿي ويو.

ان ڪان پوءِ وڏو رستو شروع ٿيندو هو، جو ڪبي طرف ٻيلي مان ٿيندو ٽڪرين تي چڙهندو ويندو هو. ٻيلي ۾ ويڪرو رستو هوندو هو. جنهن مٿان پٿر هوندا هيا، رستو وٽن هيٺان هجڻ ڪري ماحول ٿڌڪار وارو هوندو هو. اهو ڪافي ويڪرو هوندو هيو، جو تہ ريڊ انڊينس ان تان هيملاڪ وڻ جا ڪٽيل وڏا چوڏا گھليندا ويندا هيا. چوڏا ٿلهين جان ڏگهي قطار ۾ جمع ڪيا ويندا هيا ۽ انهن کي ٻين وڏيڪ چوڏن سان ڍڪيو ويندو هو. جيئن گهرن جي ڇت ٺاهبي آهي، وٽن جا پيلا ڪٽيل ٿڙ، جن تان هو چوڏا لاهيندا هيا، ائين ٿي پيا سڪندا سڙندا هيا. هو ٿڙن کي ائين سڪڻ سڙڻ لاءِ ڇڏي ويندا هيا ۽ انهن جون ٽاريون بہ ٻارڻ لاءِ ڪونہ ڪٽندا هيا. هنن کي رڳو چوڏو کپندو هو. سياري جو هو چوڏا، جميل ڍنڍ تان گھليندا، بوئاني شهر ڏانهن نيندا هيا. جتي اهي چمڙي صاف ڪرڻ جي ڪارخانن ۾ ڪم ايندا هيا. هر سال ٻيلو گهٽبو ۽ ڪليل ميدان وڌندو پئي ويو. گرمر ۾ چانوَ ڪان خالي، جنهن ۾ ڊپ ۾ ٻوڙا پئي ڦٽا.

پر ان وقت اتي اجا بہ ڪافي گهاٽو ٻيلو هو، جتي وڻ ڏگها ۽ سندن ٿُڙ ٿُلها پي ٿيندا ويا ۽ توهان وڏي، پوري، صاف ۽ چانگيل ميدان ۾ بنا ڪنهن ٿابي جي گهمي پئي سگهيا. جتي ڏاڍو گرمر ڏينهن بہ ٿڌو لڳندو هو. هو ٽئي هيملاڪ وڻ جي هيٺان ستا پيا هيا. چانورو ٻن ڪٽن جي ڊيگهہ ڪان بہ وڌيڪ هُيو. وڻ جون چوٽيون هوا ۾ لڏي لمي رهيون هيون ۽ ٿڌڙي هِير گهلي رهي هئي. جهڪي روشني پنن جي وٿين ڪان پٽ تي پئجي رهي هئي، ٻليءَ چيو:

"توکي ٻيو پيرو بہ ٽرودي کپي؟"

"تنهنجي مرضي آهي ڇا؟"

"هون، ها..."

"تہ اچ پلا."

"نہ، هيڏي اچ."

"پر هي ٻليءَ جو آهي..."

"بليءَ جو فڪر نہ ڪر. هو منهنجو ياءُ آهي."

تنهن ڪان پوءِ هو ٽيئي گڏجي ويٺا ۽ ڪاري نوريئڙي جو آواز ٻڌندا رهيا جو مٿين ٽاري تي ويٺو هو پر ڪين نظر نہ پئي آيو. هنن ان جي آواز جو انتظار پي ڪيو، ڇو جو هو آواز سان گڏ پيچ بہ لوڏي ها ۽ ٿوري چر پر تي ئي نڪ نشانو وٺي گولي هٽي وٺي ها. پٽس ڪيس رڳو ٽي ڪارتوس ڏيندو هو ۽ هن وٽ ويهين بور جي هڪ نالي بندوق هئي.

"ڪتي جو ڦر، چرندو ئي ڪونہ." بليءَ چيو.

"نِڪي تون گولي هلائي ڪيس ٽاهہ ڪاراءِ. جڏهن ٽپو ڏيندي ڏسينس تہ ٻي گوليءَ سان مارينس." ٽروڊيءَ چيو، هن لاءِ ايترو ڳالهائڻ بہ گهڻو هو.

"مون وٽ رڳو ٽي ڪارتوس آهن." نِڪ چيو.

"ڪتي جو ڦر." بليءَ چيو.

هو وڻ ڪي ٽيڪ ڏيئي خاموش ويٺا رهيا. نڪ پاڻ ڪي هلڪو ڦلڪو محسوس ڪري رهيو هو ۽ مطمئن پڻ.

"ايڊي چوي ٿو تہ ڪنهن رات اچي تنهنجي ڀيڻ ڊورٿيءَ ڪي تنگ ڪندس."

"ڇا؟!"

"هن ائين پئي چيو."

ٽروڊيءَ ڪنڌ ڌوڻيو.

"هو ائين ڪرڻ ٿو چاهي." هن چيو. ايڊي هنن جو وڏو ۽ ويڳو ياءُ هو. هو سترنهن سالن جو هو.

"جي ايڊي گلبي ڪڏهن بہ رات جو آيو ۽ رڳو ڊورٿيءَ سان ڳالهايائين بہ تہ توهان ڪي خبر آ مان ڇا ڪندس؟ مان هن ڪي هيئن ماريندس." نڪ بندوق جو گهوڙو چاڙهيو ۽ بنا ڪنهن نشاني وٺڻ جي گهوڙو دٻايو، ڄڻ ان ماٽيلي ايڊي گلبيءَ جي مٿي يا پيٽ ۾ مٺ جيڏو وڏو سوراخ ڪيو هئائين. "ائين، هن ڪي مان ائين ماريندس."

"پوءِ هن لاءِ چڱو اهو آهي تہ نہ اچي." ٽروڊي چيو ۽ نڪ جي پتلون جي کيسي ۾ هٿ وڌو.

"پوءِ تہ هن کي ڏاڍو خبردار رهڻ گهرجي." بليءَ چيو.

”هو ائين ئي بڪواس ڪندو آ.“ ٽروڊِي نِڪ جي ڪيسي مان هٿ ٽپائي، اندر ڪجهه هٿ ۾ ڪيو. ”پر تون ڪيس نہ مارجانءِ. اجايو پاڻ کي مصيبت ۾ وجهندين.“

”مان هن کي ائين ماريندس.“ هن خيال ۾ ايڊي گلبيءَ کي زخمي سيني سان پٽ تي ليٽيل ڏٺو. نِڪ فخر سان هن تي پنهنجي لت رکي.

”مان سندس ڪوپڙي لاهيندس.“ هن خوش ٿيندي چيو.

”نہ“، ٽروڊِيءَ چيو، ”اها غليظ حرڪت آهي.“

”هن جي ڪوپڙي لاهي ماڻس ڏي موڪليندس.“

”هن جي ماءُ مري ويئي آهي.“ ٽروڊِيءَ چيو، ”هن کي مارجانءِ نہ، نِڪي منهنجي ڪري ئي، هن کي مارجانءِ نہ.“

”هن جي ڪوپڙي لاهي پوءِ ڪتن اڳيان ڦٽو ڪندومانس.“

بلي ڏاڍو نراس ٿي ويو. ”هن کي خبردار رهڻ گهرجي.“ هن افسوس ڪندي چيو.

”ڪتا هن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندا.“ نِڪ تصور ۾ ڏسندي خوش ٿيندي چيو.

ويڳي ڀاءُ جي ڪوپڙي لاهڻ ۽ ڪتن آڏو پوئيون پوئيون ڪندو ڏسڻ بعد سندس ڇهري جي پاونائن ۾ ڪو فرق نہ آيو. وڻ جي پاسي تي هو پٺيءَ پر ڪري پيو. سندس ڳچي ۾ ٽروڊِيءَ جون ٻانهون پيون هيون، هوءَ هن کي گهُٽي رهي هئي ۽ رڙيون بہ ڪري رهي هئي، ”هن کي نہ مارجانءِ، نڪي! نہ مارجانس! نہ مارجانس! نہ، نہ، نہ، نڪي نڪي، نڪي!“

”توکي وري ڇا ٿي ويو؟“

”مارجانس نہ.“

”مون کي تہ هن کي مارڻو ئي آهي.“

”هو اجايو سجايو دم هڻندو آ.“

”ٺيڪ آ. جي ائين آ“، نِڪ چيو، ”تہ پوءِ مان هن کي تيسين نہ ماريندس جيسين اسان جي گهر جي ويجهو نٿو اچي. هاڻي تہ مون کي ڇڏ.“

”ائين ٺيڪ آ.“ ٽروڊِيءَ چيو، ”هاڻي جي وري ڪجهه ڪرڻ چاهين تہ مان تيار آهيان.“

"جي بلي وجي تہ". نک ايڊگلبيءَ کي ماري ڇڏيو هو ۽ پوءِ سندس جان بہ بخشي هئي ۽ هنيئر هو پاڻ کي مرد سمجهي رهيو هو.

"بلي، تون کيڏانهن وڃين ڇونہ ٿو. سارو وقت اسان جي ڪڍ آهين. وڃ!"

"ڪتي جو پٽ" بليءَ چيو "مان تہ توهان مان اڃي ڦاٿو آهيان. هت آيا ڇالاءِ هياسين؟ شڪار يا صرف....؟!"

"وٺئي تہ بندوق ڪٽي وڃ. هڪ ڪارتوس اڃا اٿئي."

"ٺيڪ آ، مان ڪو وڏو ڪارو نوريڙو شڪار ڪري وٺندس."

"مان بہ نعرو هڻي، مبارڪ ڏيندوسانءِ."

ڪجهہ پوءِ، ڪافي وقت ٿي ويو، پر بلي نہ موٽيو.

"تنهنجو ڇا خيال آ، اسان ڪو ٻار پيدا ڪنداسين؟" ٽروڊيءَ پنهنجون ڪٽڪ رنگيون چنگهون خوشيءَ وچان ٻيڪڙيون ۽ پنهنجو بدن هن سان ٽڪرايو. نک جي اندر مان ڇڻ ڪا چيز اڏامي ڪٿو پري هلي ويئي هئي.

"مان تہ ائين نہ ٿو سمجهان." هن چيو.

"جيترا ٻار وٺئي پيدا ڪر، پرواهہ نہ ڪر."

هنن بليءَ جي بندوق هلائڻ جو آواز ٻڌو.

"شايد ڪجهہ هٿ لڳس."

"نہ بہ لڳس، تہ ڇا آهي."

بلي وٺن مان ٻاهر نڪري آيو. ڪيس ڪلهي تي بندوق هئي ۽ هٿ ۾ وڏو ڪارو نوريڙو، جنهن کي هُو اڳين ڇنبن کان پڪڙيون ڪنيون پيئي آيو.

"ڏسو." هن چيو. "بليءَ کان بہ وڏو آهي. توهان جو ڪم ٿيو؟"

"ڪٿي مليئي؟"

"او، هتي، ٽپو ڏئي رهيو هو."

"هاڻي گهر هلڻ گهرجي."

"نہ." ٽروڊيءَ چيو.

"مون کي ڪيٽن بہ مانيءَ جي وقت تي پهچڻو آهي."

"تنهنجي مرضي."

"سڀاڻي شڪار ڪرڻ ايندينءَ؟"

"ٺيڪ، سڀاڻي."

"هي نوريڻڙو تون ڪنيو وڃ."

"چڱو."

"رات جو مانيءَ کان پوءِ ايندين؟"

"نہ."

"ڪيئن ٿي پائين؟"

"بلڪل ٺيڪ."

"چڱو، مان هلان ٿو."

هاڻي، جڏهن هو ان وڏي رستي تان گاڏي هلائي رهيو هو ۽ اوندهہ وڌي رهي هئي تہ نڪ پنهنجي پيءُ بابت سڀ ڪجهہ وساري چڪو هو. ڏينهن جي پڇاڙيءَ تي هن کي ڪڏهن بہ پيءُ ياد نہ آيو هو. ڏينهن جو انت هو رڳو پنهنجي لاءِ رکندو هو ڪڏهن بہ تنهائيءَ ۾ رهڻ دوران پنهنجي طبيعت درست نہ سمجهندو هو. هن کي پنهنجو پيءُ سدائين سال جي پڇاڙيءَ يا بهار جي شروع ۾ ياد ايندو هو. جڏهن آسمان ۾ هڪ خاص قسم جا پکي اڏامندي ڏسندو هو، يا مڪئي جا سنگ جڏهن جهومندي ڏسندو هو، ڪا ڍنڍ ڏسندو هو يا بگي گهوڙو ڏسندو هو، يا هنج، آڙيءَ جو آواز ٻڌندو هو، يا جڏهن ڪيس اهو وقت ياد ايندو هو، جڏهن هڪ عقاب، برف ڪرندي، تلهي ڪپڙي ۾ اچي ڦاٿو هو، سندس چنبا ڪپڙي مان اندر هليا ويا هيا ۽ ڦاسي پيا هيا، هُو ڪنپڙا ڪوهي پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن جو پيءُ اوچتو ساڻس اچي گڏجندو هو، يادگيرين ۾، غيرآباد زمين يا تازي ڪيڙيل ٻنين ۾، جهاڙين ۾ يا ننڍين ٽڪرين ۾، سڪل گاهہ تان هلندي، ڪاٺيون ڪندي يا پاڻي پريندي، جوءُ يا صوف جي شراب ٺاهيندڙ ڪارخانن يا ٻرندڙ مچن وٽ، جن شهرن ۾ هو رهيو، سي سندس پيءُ ڪڏهن ڏٺا بہ ڪونہ هيا. پندرنهن سالن جي عمر کان پوءِ، هن جي پنهنجي پيءُ سان ڪنهن بہ ڪم ۾ ڀائيواري نہ رهي هئي.

سندس پيءُ جي ڏاڙهيءَ ۾ سياري جو برف هوندي هئي ۽ اونهاري جو ڏاڍو پگهر. هو اس هوندي بہ ٻنين ۾ ڪم ڪرڻ پسند ڪندو هو. جيتوڻيڪ کيس اهڙي ضرورت ڪانہ هئي، پر هٿ جو پورهيو ڏاڍو پسند ڪندو هو، جو نڪ کي نہ وڻندو هو. نڪ پيءُ سان پيار ڪندو هو پر هن جي بدبوءِ کان پري ڀڄندو هو. هڪ ڀيرو جڏهن کيس پيءُ جو ڪڇو ۽ گنجي پائڻا پيا، جي پٽس

کي سوڙها ٿي پيا هيا. تہ ڪيس الٽي اچڻ لڳي هئي. هن اهي لاهي، ڊوري ۾ ٻن پٽرن هيٺان پوري ڇڏيا ۽ چيو هيو تہ گھر ٿي ويا آهن. پائڻ مهل هن پيءُ کي چيو هو تہ انهن ۾ ڏپ هئي، پر پٽس ڪيس چيو، اهي تہ تازا ڌوتل آهن. ۽ اهي هيا بہ. جڏهن نڪ ڪيس سنگهڻ لاءِ چيو هو تہ پٽس مٽس مچريو هو ۽ وري ورجايو هو تہ اهي تازو ڌوپي آيا آهن. جڏهن نـڪ مڇيءَ جي شڪار تان، انهن ڪان سواءِ موٽي آيو ۽ ٻڌايو تہ اهي وڃائجي ويا هيا، تہ ڪيس ڪوڙ ڳالهائڻ تي مار کائڻي پئي هُئي.

لڪڻ سان مار کائي هو ڪاٺ جي ورانڊي ۾ وڃي ويٺو، جنهن جو دروازو کليل هو. سندس بندوق پريل هئي. هو ٻاهر وڏاوڙي ۾ پيءُ کي ڏسي رهيو هو جو اخبار پڙهي رهيو هو. هن سوچيو "مان ڪيس دوزخ اماڻي سگهان ٿو. ڪيس ماري سگهان ٿو." آخر هن جو غصو گهٽجي ويو ۽ اهڙي سوچ بہ خراب لڳس، ڇو جو اها بندوق پٽس ئي ڪيس ونئي ڏني هئي. پوءِ هو اوندهہ ۾ گهمندو انڊينس جي ڪئمپ تي ويو هو تہ جيئن ان بدبوءِ مان جان ڇڏائي سگهي. سندس ڪٽنب ۾ هڪ ئي اهڙو ٻاتي هيو، جنهن جي بوءِ هن کي وڻندي هئي. ٻين سيني ٻاتين کان لنوائيندو يا پاسو ڪندو هو. هن جڏهن تماڪ واپرائڻ شروع ڪيو تہ سندس اها حس بہ ويندي رهي. اهو چڱو ٿيو. سنگهڻ وارا حواس شڪاري ڪتي لاءِ تہ سٺو هيو، پر ماڻهو لاءِ ڪنهن ڪم جو نہ آهي.

"بابا، ننڍي هوندي، ريڊ انڊينس سان شڪار ڪندي توهان ڪيئن ٻائيندا هيا؟"

"خبر نہ آهي." نڪ کان ڇرڪ نڪري ويو هو. هن کي خيال ئي نہ آيو هو تہ ڇوڪرو جاڳي چڪو هو. پنهنجي پر واري سيٽ تي ويٺل پٽ ڏانهن هن نهاريو. هن پاڻ کي بلڪل اڪيلو پئي محسوس ڪيو، پر هي ڇوڪرو ساڻس گڏ هو. هو ڪافي وقت حيران ۽ خاموش رهيو. "اسان سڄو ڏينهن ڪارا نوريئڙا ماريندا وتندا هياسين." هن چيو. "بابا روز مون کي صرف ٽي ڪارتوس ڏيندو هو. هو چوندو هو تہ ان سان شڪار ڪرڻ سکندس، ۽ ٻار لاءِ اهو چڱو نہ آهي تہ وتي ٺڪاءُ ڪيندو. مان هڪ ڇوڪري بلي گلبيءَ ۽ سندس ڀيڻ سان، جنهن جو نالو ٽروڊي هو، هليو ويندو هُئس. هڪ اونهاري ۾ تہ اسان روزانو هليا ويندا هياسين."

"انڊينس جا اهڙا نالا تہ عجيب ٿا لڳن."

”ها، ائين آهي نہ؟“ نڪ چيو.

”پر ٻڌايو تہ اهي هيا ڪيئن؟“

”اهي اجبويز قبيلي جا هيا،“ نڪ چيو. ”اهي ڏاڏا سٺا ماڻهو هيا.“

”پر انهن جي سنگت ڪيئن هُئي؟“

”ان جو بيان ڪرڻ ڏکيو آهي.“ نِڪ چيو. ڇا تون چئي سگهندين تہ هن ساڻس پهريون دفعي ئي ايڏي بهتر نموني اهو ڪجهہ ڪيو هو جو اڄ تائين ڪنهن نہ ڪيو آهي. پريل بت، ڪٽڪائون رنگ، سنهي لڪ، موڪري ڇاتي، ونگائون ٻانهون، ڪليل شفاف اکيون، منو ٻولينڊڙ، ادا ۽ نخري سان، پيار واري هن جي وٺ ۽ ٻوءِ سانت تي وجڻ. جيئن سنجها جي وڌنڊڙ اوندهہ ۾ ڪو پکي اوچتو ڦڙڪو ڏيئي اڏري گهر تي ويندو آهي. اهو سڀ ڪجهہ ٻيلي ۾ ڏينهن جي وقت جو ملاقاتون هيون. ۽ هيملاڪ وڻ جون ٽاريون ۽ ڪنڊا پيٽ ۽ ڇنگهن ۾ لڳندا هيا. ان ڪري جڏهن توهان ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي وڃو، جتي اندينس رهيا پيا هُجن، تہ توهان ڪي انهن جي ڪوچ جي بوءِ ايندي. اهي سڀ سور هٽائڻ جي گورين جون خالي بوتلون، مکين جي ڀون ڀون، منٺي گاهہ جي خوشبوءِ، دونهين جي ڌپ ۽ نور جي تازي ڪل ۾ پريل گاهہ جو ماڌل، انهن سيني مان نڪرنڊڙ بوءِ هنن جي خوشبوءِ کي مٺائي نہ سگهندي نہ ئي انهن بابت ڪو چرچو. پوڙ ۽ نہ پوڙهين زالن بابت جي ڪين وٺي ويون. نہ ئي منهن بوءِ جا هنن کي ايندي هئي. نہ ئي اهو ڪجهہ جو هنن آخر ۾ ڪيو. اهو ائين بہ نہ ٿيو جيئن ٿيندو هو. اهي سڀ، ٻين وانگر پنهنجي انجام تي پهتا. گهڻو وقت اڳ تہ اهي ڳالهيون چڱيون هيون. پر هينئر سٺيون نہ ڀاسنديون هيون.

۽ ٻيءَ ڳالهہ جڏهن توهان اڏامندڙ پکين مان هڪ پکي شڪار ڪري، هيٺ ڪيرائيندا آهيو تہ ڄڻ سارو ولر ئي توهان شڪار ڪيو. جيتوڻيڪ اهي پکي سڀ ڌار ڌار آهن ۽ جدا جدا طرفن ۽ ڏسن ۾ اڏري ويندا آهن. پر انهن کي شڪار ڪرڻ جو مزو ساڳيو ئي آهي، پويون بہ اهڙو ئي مزيدار آهي، جهڙو پهريون. ان لاءِ هن کي پنهنجي پيءُ جا ٿورا مڃڻ گهربا هيا.

”تون شايد انهن کي پسند نہ ڪرين.“ نِڪ ڇوڪري کي چيو، ”پر مان سمجهان ٿو تہ تون ڪندين.“

”منهنجو ڏاڏو بہ هنن سان رهيو هو. جڏهن ننڍو هيو، هائو نہ؟“

"ها، جڏهن مان ڪانٽس پڇيو تہ اهي ڪيئن هيا، تہ هن چيو هو تہ انهن مان گهڻا سندس دوست هيا."

"مان ڪڏهن انهن سان رهي سگهندس؟"

"مون کي ڪهڙي خبر." نڪ چيو. "اهو تہ توتي ڇڏيل آهي."

"ڪيتريءَ عمر ۾ مون کي بندوق ملندي ۽ پنهنجي ليکي شڪار ڪري سگهندس؟"

"ٻارنهن سالن جي عمر ۾، جڏهن توکي خبردار ڏٺم."

"ڪاش! مان هينئر ٻارنهن سالن جو هجان ها."

"تون جلد ئي ٿيندين."

"منهنجو ڏاڏو ڪيئن هو؟ مون کي چڱيءَ طرح ياد نہ آهي، البت ايترو سو ياد اٿم تہ جڏهن مان فرانس کان آيو هوم تہ ان پيري هن مون کي هڪ هوائي بندوق ۽ هڪ آمريڪي جهنڊو ڏنو هيو. هو ڪنهن وانگر هو؟"

"اهو بيان ڪرڻ ڏکيو آهي. هو مڇي مارڻ ۽ شڪار جو وڏو ماهر هو ۽ کيس عجيب اکيون هيون."

"هو توهان کان بہ عظيم هو؟"

"هو مون کان وڌيڪ بهتر نشاني باز هو، ۽ ان جو پيءُ تہ پڪيءَ جو بهترين شڪاري هو."

"مان نہ ٿو سمجهان تہ هُو ڪو توهان کان بهتر شڪاري هوندو."

"هائو، هو هيو. هو ڏاڍو تڪڙو ۽ سهڻو نشانو هڻندو هو. مان هن جهڙو نشانو ٻئي ڪنهن جو نہ ڏٺو آهي، هو منهنجي نشاني کان هميشہ نراس ۽ مايوس هوندو هو."

"اسين ڪڏهن بہ ڏاڏي جي قبر تي دعا گهرڻ ڇونہ هليا آهيون؟"

"اسين ملڪ جي مختلف حصي ۾ رهون ٿا، اهو هتان گهڻو پري آهي."

"فرانس ۾ تہ ان ڳالهہ تي ڪو ڌيان نہ ڏيندا هيا، تہ ويجهو آهي يا پري. اسان فرانس ۾ ويندا هياسين. مان سمجهان ٿو تہ مون کي ڏاڏي جي قبر تي دعا لاءِ وڃڻ گهرجي."

"ڪڏهن، هلنداسين."

"مون کي اميد آ تہ اسان ڪنهن اهڙي هنڌ تي رهنداسون، جو توهان جي

قبر تي دعا لاءِ حاضري به نه ڀري سگهنداسون."

"اسان اهڙو بندوبست ڪنداسين."

"توهان کي ڪيئن ٿو لڳي، جو اسين سڀ ڪنهن سهوليت ۽ سيهي واري جڳهه تي دفنايا وڃون؟ اسان سڀ فرانس ۾ دفنائجي سگهون ٿا ۽ اهو بهتر به ٿيندو."

"مان فرانس ۾ دفنائجڻ پسند نه ٿو ڪريان." نڪ چيو.

"ٺيڪ، ته پوءِ ڪا سيهي واري جڳهه آمريڪا ۾ هٿ ڪرڻي پوندي. ڇا اسين سڀ پنهنجي واڙ واري زمين ۾ دفن ٿي نه ٿا سگهون؟"

"اهو خيال سٺو آهي."

"پوءِ مان فارم تي وينديس، ڏاڏي جي قبر تي ترسي دعا گهري سگهنديس."

"تون ڏاڍو چالاڪ ماڻهو ٿو لڳين."

"ڇا ڪريان، اهو سوچي ته ڪڏهن ڏاڏي جي قبر تي حاضري نه ڀري اٿم، ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي."

"اسان کي هلڻو ئي پوندو." نِڪ چيو. "مان سمجهان ٿو ته اسان کي هلڻو ئي پوندو."

---

# پرڏيهہ ۾

سرءُ جي موسم ۾ بہ جنگ سدائين هلندي هئي. پر اسان محاذ تي وڃڻ ڇڏي ڏنو هو. اُن مند ۾، ملانِ ۾ ڏاڍي سردي هئي ۽ سوير ئي اوندهہ ٿي ويندي هئي. اوندهہ ۾ بجليءَ جي روشني هوندي گهٽيءَ مان، روشن درين اندر ڏسڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. دڪانن ٻاهران شڪار ٽيل ڪافي مال پيو لٽڪندو هو. برف، لومڙن جي ٻـجن مان ڀوري وانگر پئي ڪرندي هئي ۽ سندن پڇ هوا ۾ پيا لڏندا هيا. هرڻ سخت، ڳرا ۽ پيٽ خالي ٽنگيا پيا هوندا هيا. ۽ ننڍڙا پکي، هوا ۾ پيا لڏندا لمندا هيا. سندن ٻـُـجَ هوا ۾ پيا ڦڙڪندا هيا. اها سرءُ جي موسم ڏاڍي ٿڌي هئي ۽ هوا جبلن تان تيزيءَ سان هيٺ لهندي هئي.

اسان سڀ هر شام جو اسپتال ۾ ڪنا ٿيندا هياسين. سنجها ويل اسپتال وڃڻ لاءِ شهر مان ڪيترائي رستا هوندا هيا. ٻہ تہ واهن جي ڪنارن سان هوندا هيا، پر اهي ڊگها، ڪُـشادا رستا هيا. جيتوڻيڪ اسپتال ۾ پهچڻ لاءِ اوهان کي ڪانہ ڪا پل ٽپڻي ئي پوندي. ٽن پلين مان هڪ هڪ جي چونڊ ڪرڻي پوندي هُـئي. انهن مان هڪڙيءَ پل تي، هڪ عورت نيزا ڀُـجي وڪڻندي هئي. سرديءَ ۾ هن جي ڪوئلن واري باهہ اڳيان بيهندي مزو ايندو هو ۽ گرم نيزا جڏهن کيسي ۾ پوندا هيا تہ بدن ۾ گرمي محسوس ٿيندي هُـئي. اسپتال پراڻي هئي پر ڏاڍي سهڻي هئي. دروازي مان گهڙي، هڪ پڌر مان لنگهڻو پوندو هو. پٺين پاسي دروازي کان ٻاهر نڪربو هو. پڌر مان گهڻو ڪري جنازا کڄندا هيا. اسپتال جي پويان نئين سـرُن سان جوڙيل ڇپرو هيو. ۽ اتي ئي هر سنجها جو اسان سڀ گڏبا هياسين ۽ هڪ ٻئي سان همدردانہ انداز ۾ ڏک سور اورينداهياسين. اتي انهن مشينن ۾ ئي اسان ويهندا هياسين، جي اسان جي عضون کي درست ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيون هيون.

ڊاڪٽر ان مشين طرف آيو، جنهن تي مان ويٺو هوس ۽ پڇيائين: "جنگ کان اڳ تنهنجو دلپسند شغل ڪهڙو هو؟ ڪا راند وغيره ڪندو هئين؟"

"هائو، فٽ بال."

"سنو." هن چيو، "تون وري اڳ کان بہ بهتر فٽ بال کيڏڻ جي لائق ٿي ويندين."

منهنجو گوڏو ڦري نہ سگهندو هو، ۽ جنگهہ گوڏي کان پنيءَ تائين سڌي سنئين هئي. مشين ان کي موڙڻ لاءِ هئي ۽ گوڏي کي ائين موڙڻ لاءِ پئي کيائين، جيئن سائيڪل هلائڻ مهل گوڏو مڙندو آهي. پر اهو مڙيو نہ پئي، سو مشين موڙڻ واري نُڪتي تي اچي بيهي رهندي هئي. ڊاڪٽر چيو، "سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. تون خوش نصيب آهين. تون وري فٽ بال کيڏندين ۽ چئمپين ٿيندين."

منهنجي پاسي واري مشين تي هڪ ميجر هو، جنهن جو هڪ هٿ ٻار جي هٿ جيان ننڍڙو هو. جڏهن ڊاڪٽر هن جي هٿ جو معائنو ڪرڻ شروع ڪيو تہ هن مون کي اک جو اشارو ڪيو. سندس هٿ ٻن چمڙي جي پٽن جي وچ ۾ هيا، جي ان کي هيٺان مٿان ويڙهيل، مُڙيل آڱرين کي سڌو ڪري رهيا هيا. هن ڊاڪٽر کان پڇيو، "مان فٽ بال کيڏي سگهندس، ڊاڪٽر ڪئپٽن؟" هو وڏو تلوار باز هيو ۽ جنگ کان اڳ، اٽليءَ جو وڏي ۾ وڏو تلوار باز.

ڊاڪٽر پنين ڪمري ۾ پنهنجي آفيس ۾ ويو ۽ هڪ فوٽو کڻي آيو، جنهن ۾ هڪڙو هٿ ڏيکاريل هو جو مشين رستي ٺيڪ ٿيڻ کان اڳ، ميجر جي هٿ جيان ننڍڙو هو، ۽ بعد ۾ وڏو ٿي ويو هو. ميجر اهو فوٽو پنهنجي سالم هٿ ۾ جهليو ۽ خيال سان ڏسڻ لڳو، "ڦٽجي پيو هو؟" هن پڇيو.

"ڪارخاني ۾ حادثي جو شڪار ٿيو هو." ڊاڪٽر وراڻيو.

"ڏاڍو دلچسپ آ، دلچسپ." ميجر چيو، ۽ فوٽو ڊاڪٽر کي موٽائي ڏنو.

"توکي ويساهہ آيو؟"

"نہ." ميجر چيو.

هڪڙا ٽي ڇوڪرا بہ هوندا هيا، جي منهنجا هم عمر هيا ۽ روز ايندا هيا. اهي ٽيئي مِلان جا رهواسي هيا. هڪ وڪيل ٿيڻ پئي چاهيو، هڪ نقاش ۽ باقي هڪ سپاهي. مشينن مان واندي ٿيڻ بعد، ڪڏهن ڪڏهن اسان چارئي موٽندي ڪيف ڪووا ويندا هياسين، جو اسڪالا جي بلڪل لڳ هو. اسان ڪميونسٽن جي علائقي مان ننڍڙو رستو وٺندا هياسين. اسان جو چئن ڄڻن جو ٽولو هوندو هو ۽ ماڻهو اسان کان نفرت ڪندا هيا، ڇوجو اسين سڀ فوجي آفيسر هياسين. هڪ پيري شراب جي دڪان کان ڪنهن رڙ ڪئي، "گندن آفيسرن جو ٽولو." هڪ ٻيو ڇوڪرو بہ ڪڏهن اسان سان گڏجي ويندو هو ۽

ڇوڪرا شروع ۾ منهنجي وردي ۽ واري ٻلن ڏانهن ڏاڍي عقيدت سان ڏسندا هيا ۽ مون کان پڇندا هيا ته مون ڇا ڪيو هو جو اهي مليا هيم. مون کين ڪاغذ ڏيکاريا. جي انهن ڏاڍي ۽ سهڻي ٻولي ۾ تعريف ۽ ساراهه سان پڙهيا. حقيقت ۾ جي ان مان اهي صفتون ۽ مبالغي آميز جملا ڪڍيا وڃن ته اڻ سڌي ۽ طرح ڇاٽايل هو ته مون کي اهي ٻلا ان ڪري مليا هيا جو مان آمريڪي هُئس. ان بعد سندن روش ۾ ڪجهه تبديلي اچي ويئي، جيتوڻيڪ ڏارين جي خلاف مان سندن دوست ۽ اتحادي هئس. مان سندن دوست هئس، پر مان سچ پچ انهن مان نه هئس، خاص ڪري ڪاغذن پڙهڻ بعد ڇو جو انهن مون کي ڪانئن مختلف ڪري ڇڏيو هو. هنن ٻلن حاصل ڪرڻ لاءِ انوکا ۽ مختلف ڪارناما سرانجام ڏنا هئم. مان زخمي ٿيو هوس، اهو سچ هو، پر اسان سيني ڄاتو پئي ته جنگ ۾ زخمي ٿيڻ صرف هڪ حادثو آهي. مان انهن ٻلن ڪري شرمسار ڪونه هئس، حالانڪ ڪڏهن ڪڏهن شراب نوشي ۽ کان پوءِ، مان دل ئي دل ۾ خواهش ڪندو هُئس، ته ڪاش مان به اهڙا ڪم ڪيان ها جن ڪري انهن ٻلن جو واقعي مستحق ٿي پوان ها.

پر رات جو، بازار بند ٿيڻ پڇاڻان، خالي گهٽين ۾ سرد هوا ۾، گهر موٽندي، گهٽي ۽ جي بتين جي روشني ۽ هيٺان ايندي، مان سمجهندو هئس ته اهڙا ڪارناما ڪڏهن به نه ڪري سگهان ها. ان وقت مون کي موت کان ڏاڍو ڀؤ ٿيندو هو. اڪثر رات جو بستري تي اڪيلي ستي به ڏڄندو هئس، ۽ عجب لڳندو هئم ته جي وري محاذ تي ويس ته ڇا ٿيندو.

ٻلن وارا ٽيئي، شڪاري بازن جيان هيا ۽ مان باز نه هُئس، جيتوڻيڪ انهن کي مان باز لڳندو هُيم. جن ڪڏهن به شڪار نه ڪيو هجي. اهي ٽيئي وڌيڪ سمجهو هيا. ان ڪري اسان هڪ ٻئي کان ڌار ٿيندا وياسين. پر مان ان ڇوڪري سان دوستاڻا ناتا رکندو آيس، جو محاذ تي پهرين ڏينهن ئي ڦٽجي پيو هو، ڇو جو هن هاڻي، اهو نه پي ڄاتو ته اڳتي هلي ڇا ٿيندو ۽ نه ئي ٻين کي خبر هئي ته ڪهڙو عروج ماڻي ها. مان هن کي ان ڪري به پسند ڪندو هئس، جو سمجهيم پي ته مون وانگر شايد هو به ڪڏهن باز ٿي نه سگهي.

تلوار بازي ۽ جو عظيم ماهر، ميجر، بهادري ۾ گهڻو ويساهه نه رکندو هو ۽ اڪثر وقت جو اسين مشينن حوالي هوندا هياسين، منهنجو گرامر درست

ڪرڻ ۾ صرف ڪندو هو. هو منهنجي سٺي اطالوي زبان ڳالهائڻ تي داد ڏيندو هو ۽ اسين هڪ ٻئي سان آسانيءَ سان ڳالهائيندا هياسين. هڪ ڏينهن مون چيو: اطالوي مون کي ايتري سولي زبان ٿي لڳي، جو ان ۾ مان گهڻي دلچسپي نہ ٿو وٺي سگهان. رڳو ڳالهہ ڪري ڇڏڻ سولي ڳالهہ آهي. "او، ها." ميجر چيو، "تہ پوءِ گرامر سکڻ ڇونہ ٿو شروع ڪرين؟" سو اسان گرامر سکڻ شروع ڪيو، ترت ئي مون کي اطالوي ايتري ڏکي محسوس ٿيڻ لڳي جو هن سان گفتگو ڪندي ڊپ ٿيندو هئم، جيستائين اڳواٽ گرامر بابت سوچ ويچار نہ ڪري وٺان ها.

ميجر باقاعدگيءَ سان اسپتال ايندو هو. مان نہ ٿو سمجهان تہ هن ڪو ڏينهن گسايو هوندو، جيتوڻيڪ پڪ هيم تہ هن کي انهن مشينن تي ڀروسو ڪونہ هو. ڪو وقت هو جڏهن اسان مان ڪنهن جو بہ انهن مشينن ۾ اعتبار ڪونہ هو ۽ هڪ ڏينهن ميجر چيو: هي سڀ ڪجهہ بڪواس آهي. مشينون نيون ايجاد ٿيل هيون ۽ اسان کي انهن جي تجربي جو شڪار پئي بنايو ويو. اهو هڪ احمقاڻو خيال هو. هن چيو، "ٻين نظرين جيان هڪ نظريو." مان گرامر نہ سکيو هئس ۽ هن چيو هو تہ مان بيوقوف هُئس ۽ هو احمق هو جو مون سان مٿي ماري ڪري، وقت وڃايو هيائين. هو هڪ تہ قد جو ننڍو هو ۽ ٻيو ڪرسيءَ تي اپو ويٺو هو، سندس ساڄو هٿ مشين ۾ هو ۽ سامهون پٽ ڏانهن ڏٺائين پئي، پٽا سندس آڱرين جي وچ ۾ ڦري رهيا هيا.

"جنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ، تون ڇا ڪندين؟" هن مون کان پڇيو.

"صحيح گرامر ڳالهائجانءِ!"

"مان آمريڪا هليو ويندس."

"پرڻيل آهين؟"

"نہ، پر اميد اٿم."

"تون تہ ڪو وڏو بيوقوف آهين." هن چيو. هو ڏاڍو ڪاوڙيل پي نظر آيو.

"ماڻهوءَ کي شادي نہ ڪرڻ کپي."

"ڇو مسٽر ميجر؟"

"مون کي 'مسٽر ميجر' نہ چئہ."

"ماڻهوءَ کي شادي ڇونہ ڪرڻ گهرجي؟"

”هو شادي نٿو ڪري سگهي، نٿو ڪري سگهي.“ هن ڪاوڙ ڏيکاريندي چيو، ”جيڪڏهن هو اهو سڀ ڪجهه وڃائڻ وارو آهي، ته پاڻ کي هرويرو اهڙي حالت ۾ ڇو وجهي، جو اهو ڪجهه وڃائي ويهي. هن کي ڪجهه وڃائڻ واري صورت حال ۾ نه پوڻ گهرجي. هن کي اهڙيون شيون هٿ ڪرڻ گهرجن جي وڃائجي نه سگهن.“

هو ڪاوڙ ۾، تيز، رکو ۽ ڪڙو ڳالهائي رهيو هو ۽ ڳالهائڻ وقت سڌو سنئون سامهون ڏسي رهيو هو.

”پر اهو ضروري آهي ڇا ته هو اهو وڃائي ويهندو.“

”هو وڃائيندو.“ هو ڀت طرف نهاري رهيو هو. پوءِ هن هيٺ مشين ڏي ڏٺو، چڪ ڏئي پٽن مان پنهنجو ننڍڙو هٿ ڪڍي، پنهنجي سٿر تي زور سان هنيو. ”هو اهو وڃائي ويهندو.“ هن ذري گهٽ رڙ ڪئي. ”مون سان بحث نه ڪر!“ پوءِ هن ان خادم کي سڏيو جو مشين جي نگهباني ڪندو هو، ”هيڏي اچ! هن لعنت کي بند ڪر.“

هو هلڪي علاج ۽ مالش وغيره لاءِ ٻي ڪمري ۾ ويو. پوءِ مون ٻڌو هن ڊاڪٽر کان فون ڪرڻ جي موڪل گهري ۽ در بند ڪري ڇڏيو. جڏهن هو ڪمري مان نڪتو ته مان ٻيءَ مشين ۾ ويٺو هُئس. هن کي ڊگهو ڪوٽ پهريل هو ۽ مٿي تي ٽوپي هئس. هو سڌو منهنجي مشين ڏي آيو ۽ پنهنجي ٻانهن منهنجي ڪلهي تي رکي.

”مون کي افسوس آهي.“ هن چيو، ۽ پنهنجي سالم هٿ سان منهنجي ڪلهي تي ٿپ ٿپ ڪئي، ”مون کي، تو سان اُبهرو نه ڳالهائڻ کپندو هو. هينئر هينئر منهنجي زال گذاري ويئي آهي. مون کي معاف ڪجانءِ.“

”اوهه“ مون ڏکارو ٿيندي ساڻس همدردي جو اظهار ڪيو،”ڏاڍي افسوس جي ڳالهه آ.“

هو پنهنجو هيٺيون چپ ڏندن ۾ ڀيڪوڙي، چپ ٻيٺو رهيو. ”ڏاڍو ڏکيو آهي.“ هن چيو، ”پنهنجي مٿان ضابطو رکڻ ڏاڍو مشڪل اٿم. برداشت ڪئي ٿو ڪري سگهان.“ هن چيو ۽ نڙي گُهٽجڻ لڳس. پوءِ روئندي هن ڪنڌ مٿي ڪيو، خالي نگاهن سان، سڌو سپاهيءَ جيان هلندي، ٻنهي ڳلن تي ڳوڙهن جي قطار ۽ چپ ۾ چڪ پايون، مشينون ٽپي، در کان ٻاهر نڪري ويو.

ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو تہ ميجر جي زال، جا ڏاڍي حسين ۽ جوان هئي ۽ جنهن سان هن تيستائين شادي نہ ڪئي جيستائين هن کي جنگ مان نااهل ڪري نہ ڪڍيو ويو هو، هُوءَ نمونيا وگهي مري ويئي هئي. هوءَ ٿورن ڏينهن کان ئي بيمار هئي. ڪنهن کي ڪو وهم گمان بہ ڪونہ هو تہ ڪا ايئن مري ويندي. ميجر ٽي ڏينهن اسپتال نہ آيو. پوءِ هو مقرر وقت تي ايندو رهيو، سندس وردي‌ءَ جي ٻانهن تي ڪاري پٽي ٻڌل هئي. جڏهن هو موٽي آيو تہ چوڌاري ڀتين تي، مشين رستي ٺيڪ ٿيڻ کان اڳ ۽ پوءِ، سيني زخمن جون وڏيون شيشي ۾ مڙهيل تصويرون لڳل هيون، جنهن مشين تي ميجر ويهندو هو، ان جي سامهون ڀت تي، سندس هٿ جهڙن هٿن جون تصويرون لڳل هيون، جي ان مشين رستي ٺيڪ ڪيا ويا هيا. مون کي خبر ناهي تہ اهي تصويرون ڊاڪٽر ڪٿان آنديون. مان تہ سدائين سمجهيو پئي تہ انهن مشينن کي استعمال ڪرڻ وارا پهريان مريض اسان ئي هياسين. فوٽن جي ڪري ميجر تي ڪو اثر نہ ٿيو ۽ نہ ئي هن ۾ ڪو فرق آيو، ڇاڪاڻ تہ هو رڳو دري‌ءَ کان ٻاهر ئي تڪيندو رهندو هو.

---

# خوني

هينريءَ جي هوٽل جو دروازو کليو. ٻه ماڻهو اندر آيا. هو اچي ڪائونٽر تي ويهي رهيا.

"ڇا کائيندؤ؟" جارج پڇين.

"مون کي خبر نه آهي." انهن مان هڪ چيو. "تون ڇا کائيندين، ال؟"

"مون کي به خبر نه آهي." ال وراڻيو. "مون کي خبر نه آهي ته کائڻ ۾ ڇا پسند ڪندس."

اوندهه وڌي رهي هئي. درين مان ٻاهر گهٽيءَ ۾ بتين جي روشني اچي رهي هئي. ڪائونٽر تي ويٺل ٻن ماڻهن مينو (کاڌن جو ڇپيل ورجور) پڙهيو. ڪائونٽر جي ٻي ڇيڙي کان نِڪ ائڊمس ڏانهن تڪيو. هو جنهن وقت آيا، ته هو جارج سان ڳالهائي رهيو هو.

"مون کي پُڳل گوشت، صوف جي چٽڻي ۽ پٽاٽن جو مليدو کپي." پهرين ماڻهوءَ چيو.

"اهو اڃا تيار نه آهي."

"پوءِ هن ڪارڊ ۾ لکڻ جي ڪهڙي ضرورت پئي هيئي؟"

"اهو رات جي ماني لاءِ آهي." جارج سمجهايس. "اها شيءِ اوهان کي ڇهين وڳي ملي سگهندي."

جارج ڪائونٽر پويان لڳل پٽ واري گهڙيال ڏانهن ڏٺو.

"اڃا پنج ٿيا آهن."

"گهڙيال ۾ ته پنج وڄي ويهه منٽ ٿيا آهن." ٻئي ماڻهوءَ چيو.

"اهو ويهه منٽ اڳتي آهي."

"هون! ڪڏ ۾ پوي اهو گهڙيال." پهرين ماڻهوءَ چيو. "آخر کائڻ لاءِ ڇا اٿو؟"

"ڪنهن به قسم جا سئنڊوچ توهان کي ملي سگهن ٿا." جارج چيو. "تريل ران ۽ آنا، ڇَهرا ۽ تريل ڪَمر ۽ آنا، جيرا ۽ ڪمر، يا گوشت جا ٽڪا ملي سگهن ٿا."

"ڇگو ڀلا ساون مٽرن، ڪريم جي چٽڻي ۽ پٽاٽن جي مليدي سان پڳل

ڪڪڙ ڏي."

"اها بہ رات جي ڪاڏي ۾ آهي."

"جيڪا شيءِ اسان کي ڪپي ٿي سا رات جي ڪاڏي ۾ شامل آهي، توهان هوٽل ائين ٿا هلايو ڇا؟"

"توهان ڪمر ۽ آنا، تريل ران ۽ آنا ۽ آنا، جيرا يا..."

"مون کي آنا ۽ تريل ران ڏي." ٻي ماڻهوءَ چيو، جنهن کي ال ٿي سڏيو ويو. هن کي ڊربي ٽوپلو ۽ ڪارو اوورڪوٽ پهريل هو، جنهن جا بٽڻ سيني وٽان بند هيا. هن جو منهن ننڍو ۽ رنگ اڇو هو، چپ پيڪوڙيل. هن کي ڪارو ريشمي مفلر ۽ دستانا پهريل هيا. "مون کي ڪمر ۽ آنا آڻي ڏي." ٻي ماڻهوءَ چيو. هو بہ ال جي قد ڪاٺ جو هو رڳو سندن مهاندن ۾ فرق هو، پر پوشاڪ جاڙن ڀارن جيان هڪ جهڙي پهريل هين. ٻنهي جا اوور ڪوٽ سوڙها ٿي لڳا. هو ڪائونٽي تي ٽيڪ ڏيون، اڳيرو جهڪيا ويٺا هيا.

"پيئڻ لاءِ ڪا شيءِ آهي؟" ال پڇيو.

"سلور بيئر، شراب ۽ سنڌ مان نهيل شراب." جارج چيو.

"منهنجو مطلب آ تہ توهان وٽ پيئڻ جي ڪا شيءِ آهي؟"

"اهو ئي ڪجھ جيڪي ٻڌايم."

"هي شهر تہ گرم آهي." ٻئي چيو. "هن کي ڇا سڏيندا آهن؟"

"سمٽ"

"اهو نالو ڪڏهن ٻڌو اٿي؟" ال پنهنجي دوست کان پڇيو.

"نہ." دوست وراڻيس.

"هتي راتين جو اوهان ڇا ڪندا آهيو؟" ال پڇيو.

"هتي صرف ماني کائيندا آهن. هن جي دوست چيو." سڀ هتي ايندا آهن ۽ پيٽ ڀري ماني کائيندا آهن."

"ائين ئي صحيح آ." جارج چيو.

"تون بہ سمجهين ٿو تہ اهو ٺيڪ آهي؟" ال، جارج کي چيو.

"بلڪل" جارج چيو.

"پر تون مڙوئي ذهين ڇوڪرو ٿو لڳين، آهين نہ؟"

"بلڪل" جارج چيو.

"پر تون آهين ڪونہ." ٻئي ننڍي ماٺهوءَ چيو، "لڳي ٿو، ال؟"

"هي تہ گونگو آهي." ال چيو. هو نِـڪِ طرف مڙيو. "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"ائڊمس."

"هڪ ٻيو ذهين." ال چيو. "ذهين نہ آهي. مئڪس؟"

"شهر ئي ذهين ڇوڪرن سان ڀريو پيو آهي." مئڪس چيو.

جارج ٻہ پليٽون آٽي ڪائونٽر تي رکيون، هڪ ۾ ران ۽ آنا ۽ ٻيءَ ۾ ڪمر ۽ آنا پيل هيا. هن پرسان تريل پٽاٽن جي ٽڪين جون پليٽون بہ آٽي رکيون ۽ رڌڻي جو دروازو بند ڪري ڇڏيو.

"تنهن جي ڪهڙي آهي؟" هن ال کان پڇيو.

"توکي ياد ناهي ڇا؟"

"ران ۽ آنا."

"ڏاڍو ذهين آهين." مئڪس چيو. هن اڳتي جهڪي ران ۽ آنا کنيا.

ٻنهي ڇڻن دستانا لاهڻ کان سواءِ ئي کائڻ شروع ڪيو. جارج هنن کي کائيندو ڏسڻ لڳو.

"ڇا ٿو ڏسين؟" مئڪس، جارج ڏانهن ڏٺو.

"ڪجهہ بہ نہ."

"ڏوڙ ٻي پاٿئي. تون مون ڏانهن گهوري نہ پئي ڏٺو؟"

"ٿي سگهي ٿو ڇوڪرو توسان ڀرچو ڪندو هجي، مئڪس." ال چيو.

جارج کليو.

"وري کلين ٿو." مئڪس هن کي چيو، "توکي کلڻ جي ضرورت ناهي، سمجهيئي؟"

"ٺيڪ آ سائين." جارج چيو.

"هي ان کي ٺيڪ ٿو سمجهي." مئڪس هن کي چيو ۽ ال ڏانهن نهاريو. "هي سمجهي ٿو تہ اهو ٺيڪ آهي. اهو تہ واهہ جو ڀرچو آ."

"واقعي، هيءُ تہ ڪو فيلسوف آ." ال چيو ۽ هو کائڻ ۾ لڳي ويا.

"هن ٻي ذهين ڇوڪري جو نالو ڇا آهي، جو ڪائونٽر جي هن ڪنڊ تي وينو آ؟" ال، مئڪس کان پڇيو.

"اڙي ذهين." مئڪس نڪ کي چيو. "تون اتان هتي وچي پنهنجي عاشق سان گڏ ويهه."

"توهان جو مطلب ڇا آهي؟" نڪ پڇيو.

"ڪو مطلب بطلب ڪونهي."

"توهان آخر چاهيو ڇا ٿا؟" جارج چيو.

"ان سان توهان جو ڪو واسطو ڪونهي." ال چيو. "اندر رڌڻي ۾ ڪير آهي؟"

"نيگرو."

"ڪير نيگرو؟"

"نيگرو بورچي آهي."

"هن کي چئو ته هيڏي اچي."

"ڇاجي ڪري؟"

"چئينس ته هيڏي اچي."

"توهان سمجهو ڇا ٿا، اوهان ڪٿي آهيو؟"

"اسان کي خبر آ ته ڪٿي آهيون." مئڪس نالي ماڻهوءَ چيو، "اسان توکي احمق ٿا لڳون؟"

"تون بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ٿو ڪرين." ال ڪيس چيو. "بحث ڇا لاءِ ٿو ڪرين، ڪڏهن ۾ وجهينس. ڇوڪري سان بحث ڪهڙو؟ اڙي، ٻڌ." هن جارج کي چيو، "شيدي" کي چئو ته هيڏانهن ٻاهر اچي."

"ڪهڙو ڪم اٿوَ هن ۾؟"

"ڪوبه نه. پنهنجو دماغ درست رک، ذهين ڇوڪرا، اسان شيديءَ کي ڇا ڪنداسين؟"

جارج ننڍڙو دروازو کوليو، جو اندر رڌڻي ۾ ٿي کليو. "سام!" هن سڏ ڪيو. "هڪ منٽ هيڏانهن اچ."

بورچيخاني جو دروازو کليو ۽ شيدي ٻاهر نڪري آيو. "ڇا آهي؟" هن پڇيو. ڪائونٽر تي ويٺل ٻن شخصن هن کي ڇتائي ڏٺو.

"نيڪ آ، شيدي. تون هتي سڌو ٿي بيهه!" ال چيو.

شيدي سام، جنهن کي ڇيلهه کان هيٺ ڪپڙو ٻڌل هو، ڪائونٽر تي ويٺل

پر ماڻهن کي ڏنو. "ها سائين." هن چيو. ال پنهنجي اسٽول تان هيٺ لٿو.

"مان شيديءَ ۽ ذهين ڇوڪري سان رڌڻي ۾ ٿو وڃان." هن چيو. "شيدي، موٽي اندر رڌڻي ڏي هل. ڇورا، تون به هن جي پويان هل!" ننڍو ماڻهو. سام ۽ نڪ کي، اڳيان ڪيون، رڌڻي ۾ هليو ويو. سندن پويان ننڍڙو دروازو بند ٿي ويو. مئڪس نالي ماڻهو، ڪائونٽر تي، جارج جي سامهون ويٺو رهيو. هن جارج ڏانهن ڪونه پئي نهاريو. پر ان آئيني ۾ پئي ڏٺو جو ڪائونٽر پويان لڳل هو. اهو اڳ حجام خانو هو، جنهن کي هينريءَ هوٽل ۾ تبديل ڪيو هو.

"اڙي ڇورا،" مئڪس چيو. سندس نظر آئيني ۾ هئي. "ڪجهه ڳالهائين ڇو نه ٿو؟"

"هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟"

"او ال،" مئڪس سڏ ڪيو "هي ذهين ڇوڪرو ڄاڻڻ ٿو چاهي ته هي سڀ ڇا پيو ٿئي؟"

"تون ٻڌائينس ڇونه ٿو؟" ال جو آواز رڌڻي مان آيو.

"تون ڇا ٿو ڀانئين، هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟"

"مان ڪيئن ڄاڻان."

"تون ڇا ٿو سمجهين؟"

مئڪس ڳالهائڻ مهل آئيني ۾ پئي ڏٺو.

"مان چئي نه سگهندس."

"او ال، ڇورو چوي ٿو ته هي نه ٻڌائي سگهندو ته هن بابت سندس ڇا خيال آهي."

"مان توهان کي چڱيءَ طرح ٻڌان پيو، ٺيڪ آ." ال رڌڻي مان چيو. هن ٽورو زور ڏيئي اهو شڪاف کوليو جتان جوٺا برتن اندر رڌڻي ۾ ترڪائي ڇڏبا هيا، "ٻڌ، ڇورا." هن رڌڻي مان جارج کي چيو، "تون ڪائونٽر سان لڳي، ٿورو پريرو ٿي بيهه. تون ٿورو کاٻي پاسي سري وڃ، مئڪس!" هو فوٽو گرافر لڳي رهيو هو، جو ڇڻ ڪو گروپ فوٽوءَ لاءِ تياري ڪندو هجي.

"مون سان ڳالهاءِ، ڇوڪر." مئڪس چيو، "تنهنجي خيال ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟" جارج ڪجهه نه ڪڇيو.

"مان توکي ٻڌائيندس." مئڪس چيو. "اسان هڪ سويڊ کي قتل ڪرڻ وارا آهيون. تون هڪ وڏي ٿلهي سويڊ نالي اوَل اينڊرسن کي سڃاڻين؟"

"هائو."

"هو هر رات هتي ماني کائڻ ايندو آهي. هائو نہ؟"

"هو ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي."

"ڇوڪرا، اسان کي سڀ خبر آهي." مئڪس چيو. "ٻي ڪا ڳالهہ ڪر. ڪڏهن فلر تي ويندو آهين؟"

"ڪڏهن ڪڏهن."

"توکي فلر تي گهڻو وڃڻ گهرجي. فلر تي وڃڻ تو جهڙي ذهين ڇوڪري لاءِ سٺو آهي."

"توهان اوَل ائنڊرسن کي ڇو ٿا قتل ڪرڻ چاهيو؟ توهان کي هن ڇا ڪيو آهي؟"

"هن کي ڪجهہ ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪو موقعو ئي نہ مليو آهي. هن تہ اسان کي اڳ ڪڏهن ڏٺو بہ نہ آهي."

"هو تہ اسان کي رڳو ٻهريون ڀيرو ئي ڏسي سگهندو." ال، رڌڻي مان چيو.

"هو هتي هر روز ڇهين وڳي ايندو آهي. هائو نہ؟" مئڪس چيو.

"جي اچڻو هوندو تہ."

"توهان هن کي ماريو ڇا لاءِ ٿا؟" جارج چيو.

"اسين هن کي هڪ دوست جي ڪري قتل ڪري رهيا آهيون. رڳو دوست تي ٿوري ڪرڻ خاطر."

"بس ڪر!" ال رڌڻي مان رڙ ڪئي، "تون هرو ڀرو گهڻو ٿو ڳالهائين."

"ٺيڪ آ. مان تہ هن ڇوري کي وندرايان. ائين نہ ڇورا؟"

"تون گهڻي اجائي بڪ بڪ ٿو ڪرين." ال چيو، "شيدي ۽ مون وارو ڇوڪرو پاڻ ۾ ئي وندريا پيا آهن. مون کين گرجا جي ڪنوارين ڇوڪرين جيان جوڙي، ٻڌي ڇڏيو آهي."

"مان سمجهان ٿو تون گرجا گهر ۾ رهيو آهين."

"توکي ڪهڙي خبر."

"تون ڪوسشر گرجا گهر ۾ هئين، اتي ئي تون هوندو هئين."

جارج گهڙيال ڏانهن ڏٺو.

”جي ڪو اندر اچي تہ ان کي چئجانءِ بورچي موڪل تي هليو ويو آهي. جيڪڏهن زور ڪري ويهي رهي تہ چئجان تہ تون پاڻ وجي هنن لاءِ ڪاڏو تيار ڪري ايندين. سمجهي وئين، ڇوڪرا؟“

”ٺيڪ آ.“ ڇوڪري جارج چيو. ”پر اسان سان پوءِ ڇا ڪندؤ؟“

”ان جو دارومدار حالتن تي آهي.“ مئڪس چيس، ”اها هڪ اهڙي ڳالهہ آهي، جنهن بابت هن وقت ڪجهہ نٿو چئي سگهجي.“

جارج گهڙيال ڏانهن ڏٺو تہ ڇهہ وڄي پندرنهن منٽ ٿيا هيا. گهٽيءَ جي پاسي وارو دروازو کليو. هڪ ٽرام ڊرائيور اندر گهڙيو.

”هيلو جارج،“ هن چيو ”ڪجهہ کائڻ لاءِ ملندو؟“

”سام موڪل وٺي ويو آهي.“ جارج چيو. ”اڌ ڪلاڪ کن ۾ موٽي ايندو.

”نهيو. ڪنهن ٻي هنڌ تو ڏسان.“

جارج مٿي گهڙيال ڏي تڪيو، ڇهہ وڄي ويهہ منٽ ٿيا هيا.

”ڏاڍو سٺو، ڇوڪرا.“ مئڪس چيس، ”تون تہ ڪو سٺو ۽ شريف نوجوان آهين.“

”هو سمجهي ٿو تہ مان مٿو ٻچي ڇڏيندو مانس.“ ال رڌڻي مان چيو.

”نہ،“ مئڪس چيو، ”ائين نہ آهي. ڇوڪرو ڏاڍو سٺو آهي. شريف آهي. مون کي ڏاڍو وڻي ٿو.“

ڇهہ لڳي پنجونجاهہ منٽن تي جارج چيو، ”هو نہ ايندو.“

ٻہ ٻيا ڄڻا بہ هوٽل ۾ اندر آيا. هڪ پيرو جارج رڌڻي ۾ بہ ويو ۽ گوشت جي ران ۽ آنن جا سئنڊوچ بہ ٺاهيائين، جي هڪ گراهڪ گهر کڻي وڃڻ پي چاهيا. رڌڻي ۾ هن ڏٺو تہ ال پنهنجو ڊربي ٽوپلو پوئتي سرڪايون، اسٽول تي ويٺو هو، جو دروازي جي پرسان رکيو هو. سندس هٿ ۾ هڪ بندوق هئي. نڪ ۽ سام، رڌڻي جي هڪ ڪنڊ ۾، هڪ ٻئي کي پٺي ڏيون، ٻڌا وينا هيا. سندن وات ٽوالن سان ٻڌل هيا. جارج سئنڊوچ تيار ڪيا، سڀئي ڪاغذ ۾ ويڙهي، لفافي ۾ وڌا ۽ آڻي ٻاهر گراهڪ کي ڏنا، جو ادائگي ڪري هليو ويو.

”هي ڇوڪرو، هر ڪم ڪري سگهي ٿو.“ مئڪس چيو. ”هي رڌ پچاءَ ۽ هر شيءِ ڄاڻي ٿو. تون ڪنهن ڇوڪري جي ڏاڍي سٺي زال ٿيندين.“

”هان؟“ جارج چيو. ”توهان جو دوست اول اٿنڊرسن ايندو نظر نٿو اچي.“

"اسان ڏهه منٽ سندس انتظار ڪنداسين." مئڪس چيو.

مئڪس آئيني ۾ گهڙيال ڏانهن ڏٺو. گهڙيال جون سيون سٽن تي بيٺيون هيون ۽ پنج منٽ وڌيڪ به ٿيا هيا.

"هلي آ. ال." مئڪس چيو. "بهتر آ ته هلون. هو نه ايندو."

"اچا پنج منٽ ڏسونس ته چڱو." ال اندران بورچيخاني مان چيو.

پنجن منٽن ۾ هڪ گراهڪ آيو. جارج هن کي ٻڌايو ته بورچي بيمار هو.

"نياڳا. ٻيو ڪو بورچي ڇو نه ٿا رکو؟" گراهڪ چيو. "ائين هوٽل هلائبو آهي ڇا؟" هو هليو ويو.

"هلي اچ. ال." مئڪس چيو.

"هنن ڇوڪرن ۽ شيديءَ جو ڇا ڪيون؟"

"هي ٺيڪ آهن."

"تنهنجو اهو خيال آ؟"

"ٻيو وري. اسان کي ڪم جو ڪرڻو هو اهو ته ڪيوسين."

"مون کي اهو نه ٿو وڻي." ال چيو. "اها تون حماقت ٿو ڪرين. تون ڏاڍو گهڻو ٿو ڳالهائين."

"اڙي، پوءِ ڪهڙو آسمان ٿو ڪري." مئڪس چيو. "پاڻ کي وندرائي ته رکڻو ٿو پوي نه."

"رڳو تون ڳالهائيندو ٿو رهين. تون ڪٽي ڇا به چوين." ال چيو. هو رڌڻي مان ٻاهر نڪري آيو. هن ناليءَ ڪان ڪِنداق ڌار ڪري، ٻئي ڪوٽ اندر لڪائي رکيون. ان ڪري سندس ڪوٽ ۾ گهنج پئجي ويا هيا. هن ڇيلهه هيٺان هٿ هٽي گهنج ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي.

"چڱو، ڇوڪرا." هن جارج کي چيو. "تون وڏي ڀاڳ وارو آهين."

"اهو واقعي سچ آهي." مئڪس چيو. "ڇورا، وڃي گهوڙن جي شرط تي داؤ لڳاءِ."

ٻئي دروازي مان ٻاهر نڪري ويا. جارج هنن کي ڏسندو رهيو. سامهون دريءَ مان هو نظر پي آيا. بجليءَ جي ڪنيي هيٺان لنگهي هو گهٽي ٽپي ويا. پنهنجي سوڙهن اوورڪوٽن ۽ ڊربي ٽوپلن ۾ هو ڳائڻن جي ٽولي جيان لڳي رهيا هيا. جارج، لڏندڙ در جي تاڪ مان اندر رڌڻي ۾ ويو ۽ نِڪ ۽ بورچيءَ

کي ڇوڙيائين.

”مان اهڙي تعدي وري برداشت نہ ڪندس.“ سام چيو. ”وري ائين نہ ٿيڻ گهرجي.“

نــڪ اٿي بيٺو. هن ڪڏهن بہ ٿوال سان وات پڌڻ جو تجربو نہ ڪيو هو.

”ٻڌاءِ،“ نـِـڪ چيو. ”اها ڪهڙي مصيبت هئي؟“ هو ڪاوڙ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

”هنن اول ائنڊرسن کي قتل ڪرڻ پئي چاهيو.“ جارج چيو. ”هو کيـن ان وقت گولي هڻي ڪڍن ها، جنهن مهل هو ماني کائڻ اچي ها.“

”اول ائنڊرسن؟“

”جي.“

بورچيءَ ڇپن تان ڳف صاف ڪئي.

”هليا ويا سڀ؟“ هن پڇيو.

”هائو.“ هن چيو. ”هو ٻئي هليا ويا.“

”مون کي اها ڳالهہ نہ ٿي وڻي.“ بورچيءَ چيو. ”نہ ئي مان وري ڪڏهن اهو چاهيندس.“

”ٻڌ،“ جارج نـِـڪ کي چيو. ”سٺو ٿيندو جي تون وڃي اول ائنڊرسن سان ملين.“

”نيڪ آ.“

”چڱو ائين ٿيندوَ تہ توهان ان ڳڌي ۾ ٿي نہ پئو.“ بورچيءَ چيـن، ”توهان پاسيرا رهو تہ چڱو.“

”توکي نٿو وڻي تہ نہ وڃ.“ جارج چيو.

”ان ڳڌي ۾ پوڻ سان توهان کي ڪو فائدو تہ نہ ٿيندو.“ بورچيءَ چيو. ”وڃ ۾ ئي نہ پئو.“

”مان وڃي ساڻس ملان ٿو.“ نـِـڪ، جارج کي چيو، ”ڪٿي رهندو آهي؟“

بورچي هليو ويو.

”ٻارن کي خبر ئي ڪانہ پوندي تہ هو ڇا پيا ڪن.“ هن چيو.

”هو هرش جي مسافرخاني ۾ رهندو اٿئي.“ جارج، نڪ کي ٻڌايو.

”مان اوڏانهن ويندس.“

ٻاهر بجلي جي روشني، ڇٽيل پنن وارين ٿارين مان گذرندي، هيٺ زمين تي پئجي رهي هئي. نــڪ گهنٽيءَ ۾ ڪار جي ڦيٿن جي نشانن سان هلندو، اڳينءَ بتيءَ وٽان ٻيءَ گهنٽيءَ ڏانهن لڙيو. ان گهنٽيءَ ۾ ٽي گهر پري، هرش جو مسافر خانو هيو. نڪ ٻہ ڏاڪا چڙهي، در جي گهنٽي وڄائي. هڪ عورت دروازي تي آئي.

"اول ائنڊرسن آهي؟"

"ان سان ملندؤ ڇا؟"

"هائو، جي آهي تہ."

نڪ عورت جي ڪڍ ڪجهہ ڏاڪا چڙهي، هڪ دالان جي پٺيان آيو. عورت هڪ دروازو کڙڪايو.

"ڪير آ؟"

"ڪو ماڻهو توهان سان ملڻ آيو آهي، مسٽر ائنڊرسن." عورت چيو.

"مان آهيان، نڪ آئڊمس."

"هليو اچ."

نڪ دروازو کوليو ۽ ڪمري ۾ گهڙيو. اول ائنڊرسن ڪپڙا پايون، بستري تي ليٽيو پيو هو. هو وزندار بدن، قدڪاٺ وارو، هيوي ويٽ، انعام کٽندڙ مکي باز هو. ۽ پلنگ کان گهٽو ڊگهو هو. هن جي ڪنڌ هيٺان ٻہ وهاڻا ڏنل هيا. هن نڪ ڏانهن نہ نهاريو.

"ڇا آهي؟" هن پڇيو.

"مان هينريءَ جي دڪان تي ويٺو هوس." نڪ چيو. "اتي ٻہ ماڻهو آيا، جن مون کي ۽ بورچيءَ کي ٻَڌي ويهاريو. هنن چيو تہ هو توکي خون ڪندا."

اها ڳالهہ ڪرڻ وقت هو بيوقوف لڳي رهيو هو. اول ائنڊرسن ڪجهہ نہ ڪڇيو.

"هنن اسان کي رڌڻي ۾ بند ڪري ڇڏيو." نڪ ڳالهائيندو رهيو. "تون ماني کائڻ اچين ها تہ هو توکي گولي هڻن ها."

اول ائنڊرسن پٽ ڏانهن نهاريو ۽ ڪو جواب ڪونہ ڏنو.

"جارج جو خيال هو تہ توکي، اچي اهو ٻڌائڻ گهرجي ها."

"مان ان باري ۾ ڪجهہ ڪري ٿي نہ ٿو سگهان." اول ائنڊرسن چيو.

"مان توکي ٻڌايان تہ هو ڪيئن پي نظر آيا."

"مان نہ تو ٻڌڻ چاهيان تہ هو ڪهڙي مُنهن مهانڊي وارا هيا." اول اَئنڊرسن چيو. هن ڇت ڏانهن ڏٺو. "مون کي اچي ٻڌائڻ جي مهرباني."

"ٺيڪ آ. ان ۾ مهرباني جي ڪهڙي ڳالهہ آ."

نڪ، ان هيڏي ساري متاري ماڻهوءَ ڏانهن تڪيندو رهيو، جو بستري تي ليٽيو پيو هو.

"تنهنجي مرضي هجي تہ ان ڏس ۾ وڃي پوليس کي خبر ڪريان؟"

"نہ،" اَئنڊرسن چيو، "ان مان ڪو فائدو نہ ٿيندو."

"ٻيو ڪجهہ، جو مان ڪري سگهندو هجان يا ڪريان؟"

"نہ، ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بچيو ئي ڪونهي."

"ٿي سگهي ٿو اهو رڳو دهمان ۽ دڙڪو هجي."

"نہ، اهو رڳو دهمان بہ نہ آهي."

اول اَئنڊرسن پنهنجو پاسو ورائي ڀت ڏانهن ڪيو.

"ڳالهہ رڳو اها آهي." هن ڀت کي مخاطب ٿيندي چيو، "الائي ڇو مان ٻاهر نڪرڻ جو فيصلو ڪري نہ ٿو سگهان. مان سڄو ڏينهن ائين هت پيو آهيان."

"تون شهر کان ٻاهر نٿو وڃي سگهين؟"

"نہ،" اول اَئنڊرسن چيو، "ان ڀڄڻ لڪڻ مان ڪجهہ نہ ورندو."

هن ڀت ڏانهن نهاريو.

"هاڻي ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهجي."

"ڪوبہ رستو نٿو ڪڍي سگهين؟"

"نہ، مان، بس غلطي ڪري ويٺو آهيان." هن ساڳي خالي جذبي سان چيو، "ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. جهٽ کان پوءِ مان ٻاهر نڪرڻ جو فيصلو ڪندس."

"ڀلا مان وڃي جارج کي احوال ڏيان." نڪ چيو.

"ڇڱو. الله واهي." اول اَئنڊرسن چيو. هن نڪ ڏانهن ڏٺو ئي ڪونہ. "اچڻ لاءِ مهرباني."

نڪ ٻاهر نڪري ويو. جنهن ويل هن در بند ڪيو تہ اول اَئنڊرسن کي ڪپڙا پهريل بستري تي ليٽل ڏٺائين، جو اجا بہ ڀت ڏانهن تڪي رهيو هو.

"اڄ سڄو ڏينهن ڪمري ۾ ئي گذري ويو اٿس." نگهبان عورت ڏاڪڻ

تان لهندي ڇيو. منهنجي خيال ۾ طبعيت ٺيڪ نہ اٿس. مان چيومانس ’مسٽر ائنڊرسن، توکي ههڙيءَ سٺيءَ موسم ۾ هيٺ وڃي، برف باريءَ جو لطف وٺڻ گهرجي.‘ پر هن جو اهڙو ڪو ارادو نظر نہ پئي آيو.

”هو ٻاهر نڪرڻ نٿو چاهي.“

”سندس ناساز طبعيت جو مون کي ڏاڍو ڏک آهي.“ عورت چيو. ”هو ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي. هو تازو هڪ مقابلو ڪري آيو آهي توکي تہ خبر هوندي.“

”هائو، مون کي خبر آهي.“

”توهان اهو اندازو ئي نہ لڳائي سگهندا تہ هو ڪو مڪي باز آهي، جيستائين سندس منهن نہ ڏسو.“ عورت چيو. هو گهٽيءَ جي مُنڍ وٽان ڳالهائي رهيا هيا. ”هو ڏاڍو شريف انسان آهي.“

”چڱو، شب خير، مسز هِرش“ نڪ چيو.

”مان مسز هرش نہ آهيان.“ عورت چيو. ”هوءَ جڳهہ جي مالڪياڻي آهي. مان رڳو هن پاران هِت نظرداري ۽ سنڀار ڪندي آهيان. منهنجو نالو مسز بيل آهي.“

”چڱو، شب خير مسز بيل.“ نڪ چيو.

”شب خير.“ عورت چيو.

نڪ اونداهي گهٽيءَ مان هلندو، ڪنڊ تي بجليءَ جي روشنيءَ ۾ آيو. اتان ڪار جي ڦيٿن جا نشان وٺي سڌو هينريءَ جي هوٽل پهتو. جارج ڪائونٽر جي پٺئين پاسي ويٺو هو. ”اول سان ملين؟“

”ها“ نڪ وراڻيو، ”هو ڪمري ۾ هيو ۽ ٻاهر نہ ٿو نڪري.“

نڪ جو آواز ٻڌي بورچيءَ بہ رڌڻي جو وچون دروازو کوليو.

”مان اهڙي ڪنهن بہ ڳالهہ ڏي ڪن نہ ڏيندس.“ هن چيو ۽ در بند ڪري ڇڏيو.

”هن کي سڀ ڪجهہ ٻڌايئي؟“ جارج پڇيو.

”بلڪل، مان ٻڌايومانس پر هن کي خبر آهي تہ هي سڀ ڪجهہ ڇا آهي.“

”هاڻي ڇا ٿو ڪرڻ چاهي؟“

”ڪجهہ بہ نہ.“

”هو ڪيس ماري ڇڏيندا.“

”منهنجو بہ اهوئي خيال آهي.“

"شڪاگو ۾ هو ڪنهن نہ ڪنهن گڙ ٻڙ ۾ ڦاٿو هو ۽ پيو ٿو ڏسجي."
"مون کي اهو ئي گمان آهي."
"ڳالهہ تہ ڏاڍي خراب ٿي وئي."
"ڏاڍي ڀيانڪ."
هنن وڌيڪ ڪجهہ نہ چيو. جارج جهڪي ٿـوال ڪنيـو ۽ ڪـائونٽر ڪـي اگهيو.
"سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هن ڇا ڪيو آهي؟"
"ڪنهن سان دوکو ڪيو هوندائين. اهي ان ڪري ئي تہ ماريا ويندا آهن."
"مان تہ هي شهر ئي ڇڏيون هليون وڃان." نڪ چيو.
"هائو." جارج چيو. "سٺو تہ ائين آهي."
"مان اهو نہ ٿو برداشت ڪري سگهان تہ هو ائيـن ڪمري ۾ پيـو هجـي، سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ تہ ڄاڻ هو مئو. ڏاڍي خطرناڪ ڳالهہ آهي."
"ٺيڪ آهي." جارج چيو. "چڱو آ. تہ تون ان باري ۾ سوچ ئي نہ."

# راهہ جا وري نہ ملندي

حملو ٻنين جي پريان شروع ٿيو هو. هيٺاهين روڊ ۾ زمينن ۾ موجود گهرن مان مشين گن سان مزاحمت سبب ڪجهہ رنڊڪ ٿي هئي، پر شهر مان ڪابہ مزاحمت نہ ٿيڻ ڪري، حملو وڌندو اچي نديءَ ڪناري پهتو هو. سائيڪل تي سڌي رستي تان ايندي ۾ جتي رستو ڪڏون ڪوهہا تي ويو هو، اتي لهي سائيڪل کي پنڌ ڏڪيندي، نڪولاس ائڊمس ٽڙيل پکڙيل لاشن مان اندازو لڳايو تہ هت ڇا ٿي گذريو هوندو.

لاش زمين جي وڏي ويل گاهہ ۾ ٽڙيکڙ ڪٿي هڪ هڪ تہ ڪٿي گڏ ستيا پيا هيا تہ کي وري روڊ تي بہ پيا هيا. سندن کيسا اٿلايل ۾ ٻاهر نڪتل هيا، سندن مٿان مکين جا يونيٽ هيا، پيل لاش جي چوڌاري ڪاغذ پکڙيا پيا هيا.

ان ۾ گاهہ ۾، رستي جي پاسن کان، ڪن روڊ جي حصن تي کيترو ئي سامان پکڙيو پيو هو. ميدان جو رڌٽو، جو اتي تڏهن آيو هوندو جڏهن حالتون اجا بهتر هونديون. چمڙي سان ڍڪيل فوجي ٿيلها، ڏگها بم، لوهي ٽوپلا، رائيفلون، ڪن جا قنداق نڪتل ۾ نالي مٽيءَ ۾ پيل، سنگينون جن سان هنن خندق کوٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، خندق کوٽڻ جا بيا اوزار، بارود جون پيٽيون، پستول، انهن جون پکڙيل گوليون، دوائن جا دٻا، گئس جا نقاب ۾ انهن جا خالي ٿيل دٻا، دستا ٽن چنگهن واري مشين گن ۾ خالي گوليون، پيٽين مان نڪتل گولين سان پريل پٽا، پاٽي ٿڌي ڪرڻ جا خالي دٻا ۾ انهن جي پاسي ۾ عجيب حالت ۾ پيل مئل سپاهي ۾ گهڻا عام رواجي ڪاغذ.

اتي اجتماعي عبادت جا ڪتاب بہ هيا ۾ پوسٽ ڪارڊ ماپ جا گروپ فوٽو، جن ۾ مشين گن يونٽ جي جوانن کي لائين ۾ سَرهو ۾ خوش ڏيکاريو ويو هو، جيئن ڪاليج جي ساليانہ مخزن ۾، فوٽ بال ٽيم جو گروپ فوٽو ڏيکاريو ويندو آهي. هينئر اهي سڀ ڍير تي گاهہ ۾ پيا هيا. پر چارئي پوسٽ ڪارڊ بہ هيا، جن ۾ هڪ فوجيءَ کي، آسٽريائي ورديءَ ۾، هڪ عورت کي هنڌ تي ليٽائيندي ڏيکاريو ويو هو. هي تصويرون اثرائتي نموني ڪڍيون ويون

هيون، ۽ دلڪش نمونا پيش ڪيون ويون هيون ۽ انهن جي حقيقت ۾ زوري جنسي فعل سان ڪابہ مناسبت ڪانہ هئي، جنهن ۾ عورت جو فراڪ ڪنيل هوندو آهي ۽ ڪيس زبردستي سُتل ڏيکارڻ لاءِ ڪـڏهن ڪـڏهن ڪـو بيـو فوجي سندس منڊيءَ تي چڙهيو وينو هوندو آهي. اتي اهڙا پڙڪائيندڙ ڪيئي ڪارڊ پيا هيا، جي شايد حملي کان اڳ ورهايا ويا هيا. هيئر اهي ٻين ڪيترن ئي فوٽو ۽ ڪارڊن سان گڏ پکڙيا پيا هيا. ڳوناٽي فوٽو گرافر جي ڪڍيل ڳوناٽين ڇوڪرين جا فوٽو، ڪي ٻارن جا فوٽو ۽ خط، خط ۽ خط! مئلن جي آسپاس هميشہ گهڻا ڪاغذ هوندا آهن. ۽ هن حملي جو اهو گند ۽ ڪچري جو ڍير، ڪا نئين يا ڪا خاص ڳالهہ ڪانہ هئي.

اهي تازو مئل هيا ۽ ڪنهن بہ سندن ڪيسن کان سواءِ، ٻي طرف ڌيان نہ ڏنو هو ۽ نہ خيال ڪيو هو. اسان جا پنهنجا فوتي، يا جن کي هن اڃا پنهنجا فوتي پئي سمجهيو، حيرت جي حد تائين ٿورا هيا. نڪ اها ڳالهہ سائيڪل تي لنگهندي ڌيان هيٺ آندي. هنن جا ڪوٽ بہ کوليا ويا هيا ۽ کيسا ڦاڙي ڪڍيا ويا هيا ۽ پنهنجي ڪريل پوزيشن رستي، حملي جي طريقي ۽ نوعيت جي نشاندهي ڪري رهيا هيا. گرم موسم سندن قومي فرق کانسواءِ، سڀني کي سڄاٽي ڇڏيو هو.

ڏسڻ ۾ پئي آيو تہ شهر کي بهرحال، هيٺاهين روڊ جي مورچي سان بچايو ويو هو ۽ ڪوبہ آسٽريائي فوجي شهر ۾ مئل نہ ڏٺو ويو هو. اتي هڪ گهٽيءَ ۾ رڳو ٽي لاشا پيل هيا، جي بہ ڀڄندي ماريل نظر پئي آيا. بمباريءَ جي ڪري شهر جا گهر ڊٺا پيا هيا، ۽ گهٽين ۾ پلستر ۽ خالي گولن جا ڍير لڳا پيا هيا. ڀڳل شهتير، ٽٽل سرون بہ اتي ڪوڙ هيون. ڪيترن گهرن ۾ گئس جي گولن سبب هيڊي رنگ جي ڊائري وارا سوراخ ٿيل پيا هيا. گولن جا بہ ڪيترائي ٽڪرا ۽ بارود لڳل لوهہ جا ٽڪرا اتي پکڙيا پيا هيا. شهر ۾ ڪوبہ بني بشر ڪونہ هو.

فورناسي مان نڪرڻ کان پوءِ نڪ ائڊمس ڪو ماڻهو ڪونہ ڏٺو هو، حالانڪ رستي تان ايندي، سرسبز ۽ سائي ٻهراڙيءَ مان لنگهندي، هن توت جي وڻن ۾ لڪل بندوقون ڏٺيون هيون، جي رستي جي کٻي پاسي هيون. هوا جي گرم جهوٽن لڳندي هن، پتن مان، اهي ڏٺيون هيون، جي اس پوڻ ڪري

”نيڪ آ.“ نِڪ چيس، ”ٻڌ، تون ڪئپٽن پاراوسني کي سڃاڻين؟ ڊگهڙو، ننڍين مڇن سان، جو ماهرِ تعميرات هو ۽ انگريزي ڳالهائيندو آهي؟“

”تون ڪيئن سڃاڻين ڇا؟“

”ٿورو گهڻو.“

”ڪهڙي دستي جي مهنداري ڪندو آهي؟“

”ٻئي جي.“

”هو ٻٽالين جو ڪمانڊر آهي.“

”ڏاڍو سٺو،“ نِڪ چيو. پارا جي زنده هجڻ جو ٻڌي، نڪ جي ڳڻتي لهي وئي. ”هل تہ ٻٽالين ڏي هلون.“

نڪ جيئن ئي شهر جي ويجهو پهتو تہ پراڻي گهر ۾ هن ٽي نڪاءُ ٽيندي ٻڌا. پر شهر ڇڏڻ ڪان پوءِ هن ڪو نڪاءُ نوڪي يا ڌماڪي جو آواز ڪونہ ٻڌو هو. پر هن عملدار جو چهرو اهڙو پئي نظر آيو جو اڪثر گولي بازيءَ هلندي ڏيک ڏيندو آهي. هو ائين ئي ڪڙو تڙو ۽ چست هيو، سندس آواز جو لهجو قدرتي نہ پئي لڳو. هن جي پستول نِڪ کي ٿورو بدحواس ڪري ڇڏيو هو.

”اهو پاسي ڪر،“ نِڪ چيو.”تنهنجي ۽ هنن جي (دشمن) وچ ۾ هيڏو سارو درياءُ آهي.“

”جي مان سمجهان تون جاسوس آهين، تہ توکي هاڻي ئي گولي هڻي سگهان ٿو.“ سيڪنڊ ليفٽيننٽ چيو.

”اچ هاڻي“، نِڪ چيو، ”هل تہ ٻٽالين ڏي هلون.“ هن آفيسر ڪيس ڪافي بدحواس ڪيو هو.

ڪئپٽن پاراوسني، قائم مقام ميجر، سنهڙو ۽ انگريز لڳو ٿي، هو ان مهل اٿي بيٺو، جڏهن نِڪ خندق ۾، ”جا ٻٽالين جو هيڊ ڪوارٽر هئي“ ميز جي پويان فوجي سلام ڪيو.

”هلو،“ هن چيو، ”مون تہ توکي سڃاتو ئي ڪين! ان فوجي ورديءَ ۾ ڇا پيو ڪرين؟“

”انهن پارائي آهي.“

”نڪولائي. توکي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي.“

”سٺو. تون بہ نيڪ ٿو لڳين. معرڪو ڪيئن رهيو؟“

"اسان ڏاڍو سنو حملو ڪيو. سچ پچ ڏاڍو عمدو حملو هو. اڄ تہ توکي ڏيڪاريان، ڏس؟" هن نقشي تي ڏيڪاريو تہ حملو ڪيئن ٿيو هو.

"مان فورناسيءَ مان ٿيندو آيو آهيان." نڪ چيو. "مان سمجهي سگهان ٿو تہ اهو ڪيئن ٿيو هوندو. اهو واقعي ڏاڍو سنو حملو هو."

"اهو غير معمولي هو. بلڪل غير معمولي. تون ڪنهن ريجمينٽ سان آهين يا نہ؟"

"نہ، مون کي رڳو گهمڻو ڦرڻو ۽ هنن کي وردي ڏيکارڻي آهي."

"عجب آ."

"جي هو هڪ آمريڪي وردي ڏسندا، تہ سمجهندا ۽ اعتبار ڪندا تہ ٻيا بہ اچن پيا."

"پر هنن کي ڪيئن خبر پوندي تہ اها آمريڪي وردي آهي؟"

"تون کين ٻڌائيندين."

"اوهہ، ها، سمجهيم. مان هڪ ڪارپول تو سان گڏي ڇڏيندس، جو توکي چڪر ڏياريندو ۽ تون چانوٺيءَ جو دورو ڪري سگهندين."

"ڪنهن سياستدان جيان." نڪ چيو.

"تون شهري لباس ۾ وڌيڪ معتبر لڳندين. سياستدان ان ڪري ئي معتبر لڳندا آهن."

"هن هومبرگ ٽوپلي سان؟" نڪ چيو.

"يا وري بوجري ٽوپيءَ سان."

"مون کي پنهنجا کيسا سگريٽن ۽ پوسٽ ڪارڊن سان پريل رکڻا آهن." نڪ چيو.

"هڪ پيٽي چاڪليٽن جي بہ هئڻ گهرجي، جي مان هنن جون پنيون نپيندو، انهن ۾ ورهائيندس، پر نہ سگريٽ آهن، نہ پوسٽ ڪارڊ ۽ نہ ئي چاڪليٽ. ڪيئن بہ، هنن چيو تہ مڙيو ئي چڪر هٽي اچان."

"مون کي يقين آهي تہ تنهنجو ائين ئي گهمڻ ڦرڻ فوجين جي دل وڌائيندو."

"منهنجي خيال موجب توکي ائين نہ سوچڻ گهرجي." نڪ چيو. "جيئن صورت حال آهي تہ مان ائين نہ ٿو سمجهان. اصولي طرح مون کي تو لاءِ بہ

براندي ءَ جي بوتل آڻن گهربي هئي.“

”اصولي طرح.“ پارا چيو ۽ پهريون پيرو پنهنجا پيلا ڏند ڏيکاري مشڪيو. ”ڪهڙو نہ سهڻو اظهار آهي. ڪجهہ گريپس وائن (انگوري شراب) پيئڻ پسند ڪندين؟“

”نہ، مهرباني.“ نڪ چيو.

”ان ۾ ڪو نشو نہ آهي.“

”مون کي ان جو سواد اڄا ياد آهي.“ نڪ کي اوچتو سڀ ڪجهہ ياد آيو.

”توکي تہ خبر آ، مون کي تيستائين پتو ئي ڪونہ پيو تہ تون ڪو پيتل هئين، جيستائين تو موٽي اچي بڙ بڙ شروع نہ ڪئي.“

”مون مان هر حملي وقت بانس ايندي هئي.“ نڪ چيو.

”مان ائين نہ ڪري سگهندو آهيان. پهرين پيرو تہ مان بہ ائين ڪيو هو، پهرين حملي وقت، پر ان رڳو وڌيڪ پريشان ڪيو ۽ تاس ڏنائين.“

”توکي ان جي ڪهڙي ضرورت؟“

”حملي وقت تون مون کان وڌيڪ بهادر لڳندو آهين.“

”نہ، ائين نہ آهي. مون کي پنهنجي خبر آهي ۽ مان چاهيندو هُئس تہ مون مان بدبوءِ ايندي رهي. مون کي ان لاءِ ڪا پشيماني نہ آهي.“

”مون، توکي ڪڏهن بہ نشي ۾ نہ ڏٺو آهي.“

”نہ؟“ نڪ چيو. ”ڪڏهن بہ نہ؟ ان رات بہ نہ، جڏهن اسان ميسٽريءَ کان پوءِ رٽو گرانڊ گڏ سفر ڪري رهيا هياسين ۽ مون سمهڻ جو ارادو ڪندي سائيڪل کي ڪمبل وانگي پنهنجي مٿان ڪاڏيءَ تائين ڇڪي آندو هو؟“

”اهو ڪجهہ ڪئمپ ۾ چانوٽيءَ ۾ تہ نہ هو نہ.“

”مان ڪيئن آهيان، ان تي وڌيڪ ڳالهائڻ نہ گهرجي.“ نڪ چيو، ”مون کي ڇگيءَ طرح ڄاڻ آهي تہ مان ڇا آهيان، ان ڪري وڌيڪ سوچڻ اجايو آهي.“

”تون ڪجهہ وقت هت ترس،“ پاراوسنيءَ چيو، ”چاهين تہ جهٽ اکيون بہ ٻوٽي سگهين ٿو. بمباريءَ دوران هت هو گهڻو ڪجهہ نہ ڪندا آهن. ٻاهر اڄا گرمي بہ ڏاڍي آهي.“

”منهنجي خيال ۾ ڪا تڪڙ تہ آهي ڪانہ.“

”هونءَ تون آهين ڪيئن؟“

"مان ٺيڪ آهيان، بلڪل ٺيڪ."

"سچ سچ ٿو ٻڌائين؟"

"هونءَ ته ٺيڪ آهيان، پر ٿوري گهٽي روشنيءَ کان سواءِ ننڊ ڪونه ٿي اچي. بس رڳو اها ويڏن آهي."

"مان سمجهان ٿو اها دماغي بيماري آهي. مان ڪو ڊاڪٽر ته ڪونه آهيان، پر مون کي اها خبر آهي."

"برابر، هو چون ٿا ته مون کي اهو برداشت ڪري ان جو عادي ٿي وڃڻ گهرجي. مان به ائين پيو ڪريان. ڳالهه ڇا آهي؟ مان توکي خبطي ته ڪونه ٿو لڳان؟ يا لڳان ٿو؟"

"مون کي ته ٺيڪ ٺاڪ ٿو لڳين."

"هڪ ٻيري جي هو خبطي يا سودائي ظاهر ڪن ته آزار ٿي پوندو." نِڪ چيو، "پوءِ ڪنهن جو به تو ۾ ويساهه ۽ اعتماد نه رهندو."

"مان ٿوري ننڊ ڪندس، نڪولائي." پاراوسنيءَ چيو. "هي اهڙو بٽالين هيڊ ڪوارٽر نه آهي، جهڙي تي تون اسين هريل آهيون. اسان کي رڳو اهو انتظار آهي ته ٻاهر ڪڍهن ٿا ڪڍن. توکي به هاڻي گرميءَ ۾ ٻاهر نڪرڻ نه گهرجي. اها بيوقوفي ٿيندي. هن ڪُنڊڙي ۾ وڃي آرام ڪر."

"مان رڳو ٿورو اُهلندس." نڪ چيو.

نِڪ ان کٽ ۾ ليٽي پيو. پاڻ کي ان حال ۾ ڏسي هن کي ڏاڍي مايوسي ٿي هئي ۽ ان کان وڌيڪ مايوسي هن کي ان تي به ٿي ته ڪئپٽن پاراوسني هن بابت سڀ ڪجهه چڱيءَ ريت ڄاتو پئي. ڪڏو ايڏو وڏو نه هو، جهڙو اهو جنهن ۾ 1899 واري بٽالين، مورچي کان ٻاهر سامهون، بمباريءَ دوران، ڇري ٿي رڙيون ڪرڻ لڳي هئي ۽ پارا هنن کي ٻه ٻه ڪري ٻاهر ڪڍيو هو، اهو ڏيکارڻ لاءِ ته ڪجهه ڪين ٿيو هو. هو به انهن ۾ هيو، ۽ پنهنجي ٽوپلي جي ڪاڏيءَ واري پٽي زور سان وات تي ڏني هئائين، ته جيئن سندس چَپَ چُپ رهن. هن کي خبر هئي جي اهي هڪ ٻيرو ڦٽڪيا ته ماٺ نه ڪندا. هن کي خبر هئي ته اهو سڀ ڪجهه هنن جي برداشت کان ٻاهر هو. اهي ذليل گولا هيا. جيڪڏهن هو رڙيون ڪرڻ بند نه ٿو ڪري سگهي ته پنهنجو نِڪ يادون پيجي، خيال مٽائڻ لاءِ، ٻيو ڪو موضوع ۽ مسئلو پيدا ڪري پئي سگهيو. گولي هٽي هڪ ڪي ته

پيا. ان جو حڪم ڪنهن ڏنو هو؟ اها ڪا منجهيل ڳالهه نه هئي، هن سڀ سمجهيو پئي. اهوئي سبب هو جو هن کي هر ڳالهه تفصيل سان ياد هئي ۽ هن کي خبر هئي ته هو ڪٿي هيو. پر اوچتو بنا ڪنهن سبب جي هينئر وري هن جو ذهن منجهي پيو. هو بٽالين جي هيڊ ڪوارٽر ۾ هڪ ڪَڏ ۾ ليٽيو پيو هو، جتي پارا بٽالين جي سالاري ڪري رهيو هو، ۽ هو رڳو آمريڪي وردي ۾ هو. هو اٿي ويٺو ۽ چوڌاري نهارڻ لڳو، هو سڀ هن کي تڪي رهيا هيا. پارا ٻاهر هليو ويو. هو وري ليٽي پيو.

پٺرس وارو حصو پوءِ پئي آيو، ۽ هو ان ڪان نه پئي ڊنو، سواءِ ان جي جڏهن هوءَ ڪنهن ٻئي سان هلي وئي هئي، ۽ هن کي پڪ هئي ته هو ساڳيو ئي ڊرائيور هيهر نه ڪٽن. اها ڳالهه ئي ان واقعي بابت ڊيڄاريندڙ هئي. محاذ بابت هن کي ڪوبه ۽ ڪڏهن به ڊپ نه ٿيو هو. هينئر هن ڪڏهن جنگ جي مورچي بابت خواب نه پئي ڏٺو، پر جنهن ڳالهه هن کي ڊيڄاريو پئي ۽ جنهن مان جان نه پئي ڇڏائي سگهيو، سا ڊگهو هيڊو گهر ۽ درياءَ جي گهٽ وڌ ويڪر هئي. هاڻي هو وري درياءَ تي موٽي آيو هو، هو ان شهر مان لنگهيو هو ۽ اتي ڪوبه اهڙو گهر ڪونه هيو، نه ئي درياءَ اهڙي نموني هيو، ته پوءِ هو هر رات ڪيڏانهن ويندو هو ۽ اها ڪهڙي آفت هئي جو هو هر رات جاڳي پوندو هو، پگهر ۾ شل، بمباريءَ کان خائف ڊنل، هڪ گهر، طنبيلي ۽ واهه جي ڪري؟

هو اٿي جنگهن کي لوڏي هيٺ لڙڪائي ويٺو. سنڌُس ٽنگون جي گهڻو وقت سڌيون رکڻ سان ته سيٽجي سخت ٿي ويندين هيون. ائڊجوٽنٽ، ٻه سگنلر ۽ ٻه قاصد در وٽ بيهي هن کي ڇتائي ڏسي رهيا هيا. هن به واپسيءَ ۾ هنن ڏانهن ڇتائي نهاريو ۽ خندق وارو ڪپڙو لڳل لوهي ٽوپلو پاتو.

'ڇاڪليٽن، پوسٽ ڪاردن ۽ سگريٽن جي نه هجڻ لاءِ مان معافي ٿو وٺان.' هن چيو، "وردي ته بهرحال مان پايان ٿو."

"ميجر جلد ئي موٽي ٿو." ائڊجوٽنٽ چيو. ان فوج ۾ ائڊجوٽنٽ ڪميشن حاصل ڪيل آفيسر نه هوندو آهي.

"وردي نيڪ نه آهي." نڪ هنن کي چيو. "پر ان مان توهان اندازو لڳائي ويندؤ. جلد ئي هت لکين آمريڪي پهچي ويندا."

"توهان سمجهو ٿا ته هو آمريڪن کي هيڏانهن موڪلي ڏيندا؟" ائڊجوٽنٽ پڇيو.

"هائو. بلڪل اهڙا آمريڪي جي بدن ۾ مون ڪان ہيٺا هوندا. صحت مند، صاف دل، رات جو آرام سان سمهندڙ، ڪڏهن بہ زخمي نہ ٿيل، نہ ڪڏهن بہ جو شڪار ٿيل، نہ ڪڏهن هٿيار ڦٽا ڪندڙ ۽ پناهہ وٺندڙ، نہ ڪڏهن ڊڄندڙ، شراب جي ويجهو بہ نہ ويندڙ، پويان ڇڏي ايندڙ ڇوڪرين سان وفادار ۽ انهن مان ڪيترن ڪي ڪڏهن ڳيڙيون بہ نہ پيون آهن، اصلي عجيب ۽ پيارا ڇوڪرا. توهان پاڻ ڏسندؤ."

"توهان اٽالوي آهيو؟" ائڊجوٽنٽ پڇيو.

"نہ، آمريڪي وردي ڏس نہ، اسپئگنولنيءَ تيار ڪئي آهي، پر سئي نہ ٺاهي اٽائين."

"اتر يا ڏکڻ آمريڪا جو؟"

"اتر جو." نڪ چيو. هن محسوس ڪيو تہ هاٺي ڪم خراب پئي ٿيو. هن چپ رهڻ جو فيصلو ڪيو.

"پر تون تہ اٽالوي ٿو ڳالهائين؟"

"ڇونہ، توکي منهنجو اٽالوي ڳالهائڻ نٿو وڻي ڇا؟ مون کي اٽالوي ڳالهائڻ جو حق نہ آهي ڇا؟"

"توکي اٽالوي ٻلا بہ آهن."

"رڳو پنيون ۽ ڪاغذ، ٻلا پوءِ ملندا آهن. ٻلن جو ڇا آهي، ڪنهن کي رکڻ لاءِ ڏيندؤ جي اهو هليو ويو تہ ٻلا بہ ويا يا ڪنهن سامان سان گڏ اهي بہ گم ٿي ويا. توهان ملان مان وري ٻيا خريد ڪندءِ. سچي اهميت انهن ڪاغذن ۽ سرٽيفڪيٽن کي آهي. توهان کي انهن لاءِ ڳڻتي نہ ڪرڻ گهرجي، جي توهان گهڻو وقت مورچي تي رهيؤ، تہ توهان کي بہ ڪجهہ ٻلا ملندا."

"مان ايرٽيريا واري مهم جو ويڙهاڪ آهيان." ائڊجوٽنٽ ڪَڙڪي سان چيو.

"مان طرابلس ۾ بہ وڙهيو آهيان."

"تو سان ملي واقعي خوشي ٿي؟" نِڪ پنهنجو هٿ وڌايو، "اهو تہ ڏاڍو ڏکيو وقت هوندو، مان تنهنجي ورديءَ جي پٽين ۽ ڦيٽن ڏي هاٺي ڌيان نہ ڏنو آهي. توکي ڪارسو تي هجڻ جو موقعو بہ مليو؟"

"مون کي هاٺي هن ٺرائي، لاءِ سڏيو ويو آهي. منهنجو ڪلاس ڏاڍو پراڻو آهي."

"ڪنهن وقت مان مقرر عمر جي حد کان گهٽ هئس." نڪ چيو، " پر

هينئر مان لڙاين ۾ گهڻو تجربو حاصل ڪري چڪو آهيان."
"پر تون هينئر هت ڇا لاءِ آيو آهين؟"
"مان آمريڪي وردي‌ءَ جو مظاهرو ٿو ڪريان." نڪ چيو. "توکي اها خاص اهميت واري ڳالهه نه ٿي لڳي؟ اها ڪالر وٽان ڪجهه تنگ آهي. پر تون لڪين ماڻهن کي اهي وردي پايون ماڪڙ جي ڪٽڪ جيان ايندو ڏسندين. اڪ ٽنيڱا. ڏس نه، اسان جنهن کي آمريڪا ۾ اڪ ٽنيڙو سڏيندا آهيون، سا سچ پچ ماڪڙ اهي. اصل اڪ ٽنيڙو ننڍڙو، سائو ۽ نسبتن سنهڙو هوندو آهي. بهرحال، توکي ست سالي عمر واري ماڪڙ يا سڪاڊا کي، جو هڪ خاص قسم جو آواز ڪندو آهي. جيڪو مون کي هينئر ڪڏهن نه ٿو اچي، اڪ ٽنيڙو سمجهڻ جي غلطي نه ڪرڻ گهرجي، مان ان آواز ياد ڪرڻ جي ڪريان ٿو پر زبان تي نه ٿو اچي. مان اصل اهو آواز وينو ٻڌان پر ڪڏي نه ٿو سگهان. جي ڳالهه ٻولهه هينئر بند ڪريون ته دل ۾ ته نه ڪندين؟"
"ڪٿي ميجر کي ته ڏسي اچو!" ائڊجوٽنٽ ٻن مان هڪ قاصد کي چيو.
"مان سمجهان ٿو ته توهان ٿڪيا آهيو." هن نڪ کي چيو.
"ڪيترن ئي جاين تي." نڪ چيو، "جي توکي زخمن جي نشانن ڏسڻ ۾ دلچسپي آهي ته مان توکي ڪيترائي دلچسپ نشان ڏيکاري سگهان ٿو. پر مان اڪ ٽنيڙن بابت ڳالهائڻ کي ترجيح ڏيندس. اسان جنهن کي اڪ ٽنيڙو چئون ٿا، سي سچ پچ، ماڪڙ آهن. انهن جيتن، ڪنهن وقت منهنجي زندگي‌ءَ ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو. اها ڳالهه توکي وڻندي. تون منهنجي ڳالهه ڪرڻ وقت، منهنجي وردي‌ءَ ڏانهن نهاري سگهين ٿو. ائڊجوٽنٽ هٿ لوڏي ٻي قاصد کي اشارو ڪيو، ۽ هو هليو ويو.
"پنهنجون نظرون وردي‌ءَ تي رک. توکي خبر آ ته اها اسپئگنولني‌ءَ تيار ڪئي آهي. تون پڻ ان ڏي نهاري سگهين ٿو." نڪ سگنلر کي چيو. "مون کي ڪوبه عهدو نه آهي. اسان آمريڪي ڪائونسل جي ماتحت آهيون. توهان جو هت ٽڪڻ بلڪل مناسب آهي، جي چاهيو ته گهوري به سگهو ٿا. مان هاڻي توهان کي آمريڪي ماڪڙ بابت ٻڌائيندس. اها هميشه ان کي پسند ڪندا آهن جا وچولي ناسي رنگ جي هوندي آهي. اهي پاڻي‌ءَ ۾ چڱو وقت رهي سگهن ٿيون ۽ مڇين کي ڏاڍيون وڻنديون آهن. وڏيون جي اڏرڻ وقت سرڙاٽ ڪندڙ

"سچ پچ مون کي وڃڻ گهرجي." نڪ ٽوپلو هٿ ۾ کيون ڪناري تان هيٺ لهي آيو.

"مڙيوئي آزار آهي، آلو هجي يا سڪل تون ته سدائين پايون وتين."

"سارو وقت،" پارا چيو. "مون کي تہ گنجو ڪري وڌو اٿائين. آءُ، اندر اچ."

اندر اچي پارا هن کي ويهڻ لاءِ چيو.

"توکي تہ خبر آ تہ اهي قطعي نيڪ نہ آهن." نڪ چيو. "مون کي ياد آهي تہ پهريون پائڻ وقت اسان کي اهي ڏاڍا آرام ڏيندڙ لڳندا هيا. پر مان انهن کي ميچالي سان پريل ڏٺو آهي. ڪيترائي پيرا."

"نڪولو،" پارا چيو، "منهنجي خيال ۾ توکي موٽي وڃڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ بهتر ٿيندو، تون تيستائين محاذ تي نہ اچ جيستائين اها ڪيپ ملي نہ وڃئي، هتي تنهنجي ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. جي ڪڏهن تون رڳو هيڏي هوڏي گهمندين ٿي، ڪنهن سٺي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ ٿي، تہ ماڻهو اچي مڙندا ۽ اهڙو ميڙ بمباريءَ کي دعوت ڏيندو، مان اها گولي بازي نہ ٿو چاهيان."

"مان سمجهان ٿو اها بيوقوفي آهي." نڪ چيو، "پر اها منهنجي تجويز نہ هئي. مون ٻڌو تہ برگيڊ هتي هئي، ان ڪري سوچيم تہ توکي يا ڪنهن ٻئي کي ڏسي اچان. مون کي زين زون يا ساندبونا وڃڻ گهربو هو. مان ساندبونا وڃڻ چاهيندس، پل ڏسڻ."

"مان تنهنجو اجايو ڦرڻ گهرڻ نٿو پسند ڪريان." ڪئپٽن پاراوسنيءَ چيو.

"نيڪ آ." نڪ چيو. هن وري ڪجهہ ٿيندي محسوس ڪيو.

"سمجهيئي؟"

"بلڪل." نڪ چيو، هن پاڻ تي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"اهڙي قسم جي ڳالهہ رات جي وڳڙي ۾ ڪرڻ گهرجي."

"صحيح تہ ائين ٿو لڳي." نڪ چيو. هن سمجهيو تہ هاڻ روڪڻ مشڪل آهي.

"ڏس نہ، مان هڪ بٽالين جي مهنداري ٿو ڪريان." پارا چيو.

"۽ توکي ڪرڻ بہ چونہ گهرجي؟" نڪ چيو. اوچتو وري چيائين، "تون لکي پڙهي سگهين ٿو نہ؟"

"هائو." پارا ڌيرج سان وراڻيو.

"مصيبت اها آهي تہ توکي مهنداري ڪرڻ لاءِ ننڍي ٻنالين ملي آهي. جيئن ئي اها وڏائي ويئي تہ توکي واپس پنهنجي ڪمپنيءَ ۾ موڪليو ويندو. هو مئلن کي دفنائڻ چونہ ٿا؟ مان هينئر هنن کي ڏٺو آهي. مان وري اهي ڏسڻ نہ ٿو چاهيان. منهنجي خيال ۾ جيترو جلد ٿي سگهي، هنن کي دفنائي ڇڏڻ گهرجي ۽ تولاءِ بہ اهو بهتر ٿيندو. نہ تہ توهان سڀ بيمار ٿي پوندؤ."

"سائيڪل ڪٿي ڇڏي اٿئي؟"

"هُن آخري گهر ۾ اندر آهي."

"سمجهين ٿو اها سلامت هوندي؟"

"ڪِٿي نہ ڪر." نِڪ چيو، "مان جلد ئي هليو ويندس."

"جهٽ کن ليٽُ، نِڪولو."

"ٺيڪ آ."

هن اکيون ٻوٽيون. هن ڏٺو: ڏاڙهيءَ سان هڪ ماڻهو رائيفل مٿان لڳل دربينيءَ مان ڏانهس نهاري رهيو هو. هن اوچتو ئي ڪنهن ڏنڊي جهڙي سخت شيءِ جي، پنهنجن گوڏن تي ڇمڪ محسوس ڪئي. گرم پگهر ۽ گهٽ محسوس ڪندي ۽ ڪنگهندي هو هن وٺان لنگهي ويا ۽ هن وري ڏِگهو هيٺو گهر. ڪجهہ هيٺ پرو طنبيلو ڏٺو ۽ درياءَ جيڪو وڏيڪ ويڪرو ۽ پريل هو. پر ماٺو وهندي ڏٺو.

"اي يسوع مسيح!" هن چيو. "مون کي تہ وڃڻ گهرجي."

هي اٿي بيٺو.

"پارا. مان وڃانءِ ٿو." هن چيو. "مان وري شام جو واپس موٽي ايندس. جي ڪابہ ڪيپ پهچي وئي تہ مان رات جو آڻيندس. جي نہ تہ مان تڏهن ئي رات جو ايندس، جڏهن مون کي ڪجهہ آڻڻو هوندو."

"اجا گرمي آهي. توکي سائيڪل بہ هلائڻي آهي." ڪئپٽن پاراوسنيءَ چيو.

"توکي فڪر ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي." نِڪ چيو. "مان هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيان. چڪر آيو هيو پر ڏکيو نہ هيو. هاڻي هو سولا ٿيندا پيا وڃن. مان بہ آسانيءَ سان سمجهي ٿو وڃان تہ اچي پيو، ڇو جو ان وقت مان ڏاڍو گهڻو ٿو ڳالهايان."

"هڪ ماڻهو تو سان گڏ روانو ڪريان."

”منهنجي خيال موجب ان جي ضرورت ناهي.“ نڪ چيو، ”رستو منهنجو ڏٺل آهي.“

”جلد ئي موٽي ايندين نہ؟“

”بلڪل.“

”ماڻهوءَ جي ضرورت...“

”نہ،“ نڪ چيو، ”مان رستو لهي ويندس.“

”چڱو، تہ پوءِ خدا حافظ.“

”خدا حافظ“، نڪ چيو. هو هيٺاهون رستو وٺي اڪيلو هليو، اوڏانهن جتي سائيڪل ڇڏي آيو هو. هڪ پيرو واهہ سان لنگهيو هو تہ رستو شام ڌاري ڇانوري وارو هيو. ان جي پريان ٻنهي پاسن کان وڻ هيا، جنهن تي ڪڏهن بہ گولي باري نہ ٿي هئي. اها ئي رستي جي پٽي هئي. جتان لنگهندي، هو ٽرزا سَوورئيا سوار ريجمينٽ وٽان لنگهيا هيا، جا پنهنجن گهوڙن تي، برف مان وچي رهي هئي. گهوڙن جي ساهہ جو سهڪو، تڏ ۾ دونهي جا گولا ڪڍي رهيو هو. نہ اهو ڪنهن هئي هنڌ هيو. اهو ڪجهہ هن ڪٿي ڏٺو ضرور هو؟

”بهتر آهي، تہ مان سائيڪل وجي ڪٽان.“ نڪ پاڻ کي چيو، ”مان فورناسيءَ ڏانهن ويندڙ راهہ وجائڻ نٿو چاهيان.“

---

# مقابلو، حرفت ۽ دولت

"ڪيئن، ٺيڪ ٺاڪ آهين، جئڪ؟" مون پڇيو.

"تو والڪاٽ کي ڏٺو آهي؟" هُن پڇيو.

"بس، ائين آڪاڙي ۾."

"ٺيڪ." جئڪ چيو. "ان ڇوڪري سان پڄڻ لاءِ ياڳ جي ضرورت آهي."

"جئڪ، هو توکي تہ مات ڏئي نہ سگهندو." سولجر چيو.

"منهنجي پڻ دعا آهي تہ هو ماري نہ سگهي."

"گهٽ ۾ گهٽ مُڪن ۽ ٺونشن سان تہ توکي شڪست نٿو ڏئي سگهي."

"برابر، پڪين واريون ڪڙهون." جئڪ چيو، "مون کي انهن جي پرواهہ ناهي."

"هو ڪو ايڏو ڏکيو بہ ناهي جنهن کي ڌڪ هٽي نہ سگهجن."

"بلڪل." جئڪ چيو، "هو گهڻو وقت بيهي نہ سگهندو، هو تو ۽ مون وانگر ميدان ۾ جٽاءُ نہ ڪري سگهندو، جيري. پر هن وقت هر ڳالهہ هن جي فائدي ۾ آهي."

"تنهنجو ڪاڙو ڌڪ هن جي پچاٽي ڪري ڇڏيندو."

"ٿي سگهي ٿو." جئڪ چيو، "ڪاڙي ڌڪ جو فائدو تہ وٺڻو آهي."

"اهڙي ڪارِ ڪرينس، جيئن ڪدليوس سان ڪئي هُيئي.

"ڪدِليوس؟" جئڪ چيو، "ها، هو يهودي."

اسان ٽيئي، جئڪ برينن، سولجر بارٽليٽ ۽ مان، هنٽلي جي هوٽل ۾ ويٺا هياسين. ٻہ عورتون بہ اسان جي پر واريءَ ٽيبل تي ويٺيون هيون ۽ پي رهيون هيون.

"يهوديءَ مان توهان جي ڇا مراد آهي؟" انهن مان هڪ چيو. "توهان جو يهوديءَ مان ڇا مطلب آهي. آئرشي نالائقو؟"

"بلڪل." جئڪ چيو، "اهو ئي."

"يهودي." ساڄيءَ وئشا چيو، "هي سدائين پيا يهودين بابت ڳالهائن، ڏکيا آئرشي، توهان جو ڇا مطلب آهي؟"

"اچ! هل تہ ٻاهر هلون."

"يهودي." ان ساڳيءَ چيو، "ڪنهن توهان کي ڪڏهن پنهنجن پيسن سان شراب خريد ڪندي ڏٺو آهي؟ هر صبح جو توهان جون زالون توهان جي ڪيسن کي ٽوپا ڏيئي ڇڏينديون آهن. اُهي آئرشي ۽ هنن جا يهودي! تيڏ ليوس ته توهان کي ماري، هڏا ڀڃي ڇڏيندو."

"برابر." جئڪ چيو، "تون ڇڻ ته سڀ ڪجهه مفت ۾ ڏيندي آهين. ائين نه؟"

اسان ٻاهر هليا وياسين. اهو جئڪ ئي هو، جو جڏهن به ڪجهه ڇوڻ چاهيندو هو ڇٽي ڏيندو هو.

جئڪ مشق ۽ تربيت، جرسيءَ ۾، ڊئني هوگنس جي آکاڙي ۾ شروع ڪئي. اتي بندوبست ته سٺو هو، پر ڪيس اها جاءِ نه وڻندي هئي. هو پنهنجي زال ٻارن کان پري رهڻ نه چاهيندو هو تنهنڪري ڪانئڻ الڳ رهي اڪثر ڪري خاموش ۽ ڪاوڙ ۾ رهندو هو. مون کي هو پائيندو هو ۽ اسان ٻئي سٺو وقت گذاري رهيا هياسين. هو هوگن کي به چاهيندو هو، پر جلد ئي، سولجر بارٽليٽ، هن کي ڪاوڙائڻ سبب نه وڻڻ لڳو. ڇرچا پوڳ ڪندڙ جلد ئي ڪئمپ ۾ اڻ وڻندڙ ٿي پوندو آهي، پوڳ سدائين چيندڙ ۽ تکا هوندا آهن. سولجر به سدائين جئڪ سان ڇرچا ڪندو هو، سچو وقت ڇرچا ۽ مذاق. اهو وڻندڙ به نه هو ۽ سٺو به نه تنهنڪري جئڪ دل ۾ ڪرڻ لڳو ڇو ته هو پوڳن جو عادي نه هو. اهڙي طنز ۽ مذاق جو نمونو اوهان کي ٻڌايان ٿو. جئڪ وزن ڪڻڻ ۽ ڳوٿرين تي مشق ڪرڻ بعد، دستانا چاڙهيا.

"ڪم ڪرڻ چاهيندين؟" هن سولجر کي چيو.

"بلڪل، ڪهڙو ڪم ڪرائڻ چاهيندين؟" سولجر پڇندو. "چاهيندين ته توسان به والڪاٽ جيان ڪهرو ۽ اڻ سهائيندڙ ورتاءُ ڪريان؟ ۽ چاهين ته توکي به ٻه ٽي ڀيرا ڪيرائي مات ڪريان؟"

"اهوئي." هو چوندو هو. جيتوڻيڪ سندس مرضي اهڙي نه هوندي هئي.

صبح جو هڪ ڏينهن اسين سڀ رستي تي پري نڪري وياسين. اسان ڇڱو وقت ٿيو جو نڪتا هياسين ۽ هينئر واپس وري رهيا هياسين. اسان ٽن منٽن لاءِ تڪڙو پي هلياسين ۽ وري جهٽ لاءِ هوريان پنڌ پي ڪيوسين. جئڪ اهڙو نه هو جنهن کي تيز ڊوڙندڙ ڇٽي سگهجي. هو رنگ ۾ (مڪي بازيءَ لاءِ رسين سان

وڪوڙيل ٿلهو) تہ ضرورت ويل تڪڙو چري پري سگهيو پي، پر رستي تي اهڙو تڪڙو نہ پئي هلي سگهيو، جو وقت رستي تي اسان گهمي رهيا هياسين، سولجر هن سان مسخري پي ڪئي. اسان نيٺ فصلن ۾ نهيل هڪ گهر ۾ اچي پهتاسين.

"بُڌ." جئڪ چيو، "سولجر، چڱو ٿئي جو تون شهر هليو وڃين."

"ڇا مطلب؟"

"چڱو آ، تہ تون شهر وڃين ۽ اتي رهين."

"ڇا ڳالهہ آهي؟"

"مان تنهنجون ڳالهيون ٻڌي تنگ ٿي پيو آهيان."

"واقعي؟" سولجر چيو.

"واقعي." جئڪ چيو.

"جڏهن والڪاٽ پچي ايندئي، تڏهن بہ تہ ڏاڍو تنگ ٿيندين."

"ٺيڪ آ." جئڪ چيو. "تي سگهي ٿو تہ تڏهن ٿيان بہ پر هن وقت تہ تو مان تنگ ٿيو آهيان."

ان ڪري سولجر ان ڏينهن صبح جو ئي، ريل تي شهر هليو ويو. مان ريل تائين هن سان گڏيو ويس. هو ٺيڪ بہ هو تہ ڪجهہ ڪاوڙيل بہ.

"مون تہ ساڻس رڳو چرچا ٿي ڪيا." هن چيو. اسان پليٽ فارم تي ريل جو انتظار ڪري رهيا هياسين. "هن کي مون سان ائين ڪرڻ نہ جڳائيندو هو جيري."

"هو ٿورو سُست ۽ چيڙاڪ ٿي پيو آهي." مون چيو، "پر سولجر، ماڻهو ڏاڍو چڱو اٿئي."

"ڏوڙ سنو ماڻهو آهي، ڇائي پئي اٿس! ڪڏهن سنو هليو."

"چڱو." مون چيو، "الله واهي، سولجر."

ريل اچي وئي هئي ۽ هو پنهنجي ٿيلهي سان، ان تي چڙهيو.

"موڪلاڻي، جيري." مقابلي ڪان اڳ شهر پُڄي وڃجانءِ."

"مان نہ ٿو سمجهان."

"تہ پوءِ پلا، الله واهي."

هو اندر گهڙيو، ڪنڊيڪٽر جهنڊي لوڏي ۽ ريل رواني ٿي. مان گاڏيءَ تي

چڙهي فارم تي موٽي آيس. جئڪ وڏاوڙي تي ويٺو هو ۽ زال ڏي خط لکي رهيو هو. ٽپال اچي وئي هئي. مون پنهنجا ڪاغذ پٽ ۾ اخبارون ڪنيون، وڏاوڙي جي ٻي ڇيڙي تي وڃي ويٺس ۽ پڙهڻ لڳس. هوگن در کان ٻاهر نڪري، مون ڏي هليو آيو.

"سولجر سان ڪجهه تکو منو ٿيو ڇا؟"

"نه، ائين ته نه آهي." مون چيو. "هن کي رڳو شهر وڃڻ لاءِ ڇيائين."

"مون کي اڳ ئي انديشو هو." هوگن چيو. "هن کي سولجر بنهه نه وڻندو آهي."

"ائين ناهي. هو گهڻن ئي ماڻهن کي پسند نه ڪندو آهي."

"مڙيوئي ڪجهه رکو ۽ سخت مزاج آهي." هوگن چيو.

"هوندو، پر مون سان سدائين سنو هلندو آهي."

"مون سان پڻ." هوگن چيو. "مون هن کي ڪڏهن به نه رنجايو آهي، جيتوڻيڪ هو رکي طبعيت جو آهي."

هوگن پردي واري دروازي کان اندر هليو ويو ۽ مان وڏاوڙي ۾ اخبارون ڏسڻ لڳس. سرءَ جي موسم اچڻ واري هئي ۽ جرسيءَ ۾ اها موسم سٺي هوندي آهي، اخبار پڙهي پوري ڪرڻ کان پوءِ، مان هيٺ جو نظارو ڏسڻ لڳس. ٻيلي مان هيٺ رستو پئي ويو، جنهن تي گاڏيون، ڌوڙ اڏارينديون وڃي رهيون هيون. موسم ڏاڍي وڻندڙ ۽ ٻهراڙيءَ جو نظارو دلڪش هو. هوگن در تي آيو ۽ مون چيو، "هوگن، هتي شڪار لاءِ ڪجهه نه آهي؟"

"نه." هوگن چيو، "رڳو جهرڪيون."

"اخبار ڏٺئي؟" مون هوگن کان پڇيو.

"ڇا اٿس؟"

"سئنڊيءَ ڪالهوڪي ڏينهن ۾ ٽي شرطون کٽيون آهن."

"مون کي رات ٽيليفون تي خبر پئي هئي."

"ڇئبو ته تون به هنن جي ڪِري لڳو پيو آهين هوگن؟"

"ها... هونءَ ئي مان انهن سان رابطي ۾ ضرور هوندو آهيان." هوگن چيو.

"جئڪ جو ڇا حال آهي؟" مون پڇيو. "هو به اڃا انهن سان کيڏندو آهي؟"

"هو؟" هوگن چيو، "تو ڪڏهن هن کي ڏٺو آهي؟"

ان مهل، جئڪ، هٿ ۾ خط کنيون، ان ڪنڊ طرف آيو. هن کي باڪسنگ

بوٽ، سئٽر ۽ پراڻي پينٽ پاتل هئي.

"هوگن، نڪلي اٿئي؟" هن پڇيو.

"خط مون کي ڏيئي ڇڏ." هوگن چيو. "مان نيپال ۾ روانو ڪري ڇڏيندس."

"جئڪ، ٻڌاءِ ته تون گهوڙن تي شرط رکندو هئين؟"

"هائو، بلڪل."

"مون کي خبر هئي ته تون گهوڙن جي ڊوڙ تي ويندو هئين. مان توکي شيپس هيڊ واري ميدان ۾ ڏسندو هوس."

"ڇڏي ڇا لاءِ ڏنئي؟" هوگن پڇيس.

"ڏاڍا پئسا هارايم."

جئڪ وڏاوڙي تي منهنجي پير واري ٽنيي کي ٽيڪ ڏئي ويٺو. هن سج ڏي ڏسي، اس کان اکيون بند ڪري ڇڏيون.

"ڪرسي کپئي؟" هوگن پڇيس.

"نه" جئڪ چيو. "ائين ئي ٺيڪ آهيان."

"ڏاڍو سٺو ڏينهن ٿيو آهي." مون چيو. "ٻاهر ته بهاري لڳي پئي آهي."

"هائو، پر مون کي شهر ۾ زال سان گڏ هجڻ وڌيڪ چڱو لڳندو آهي."

"بس، باقي هڪڙو هفتو اٿئي."

"هائو." جئڪ چيو. "ائين ته آهي."

اسان ٻاهر وڏاوڙي تي ويٺا رهياسين ۽ هوگن اندر آفيس ۾ هو.

"منهنجي جسماني حالت توکي ڪيئن ٿي لڳي؟" جئڪ مون کان پڇيو.

"ڇئي نه ٿو سگهجي." مون چيو. "توکي اڃا هن ماحول ۾ هڪ هفتو ٻيو به رهڻو آهي."

"ڇو ائين ڇو؟"

"خير." مون چيو. "مان سمجهان ٿو ته تون ٺيڪ نه آهين."

"مون کي ننڊ نٿي اچي." جئڪ چيو.

"ڏينهن ٻن ۾ ٺيڪ ٿي ويندين."

"نه." جئڪ جواب ڏنو. "مون کي اوجاڳيءَ جي بيماري ٿي پئي آهي."

"ذهن تي ڪو بار اٿئي ڇا؟"

”زال کان پري رهڻ جو احساس ماري ٿو.“

”کٽي گهرائي وڃينس.“

”نه. ان کان عمر چڙهيل اٿم.“

”ٺيڪ. ته پوءِ سمهڻ کان اڳ اسين ڊگهو پنڌ ڪنداسين. صحت به ٺهندءِ ۽ ڪجهه ٿڪ به ٿيندءِ.“

”ٿڪ!“ جئڪ چيو. ”ٿڪ ته مان مسلسل ٿو محسوس ڪريان.“

هو سڄو هفتو ائين ئي رهيو. رات جو ننڊ ڪونه ۽ صبح جو اٿڻ سان ئي اهڙو احساس توهان کي ته خبر آهي جي رات جو اک نه لڳي ته ڇا محسوس ٿيندو آ.

”هيءَ ته ڪنهن غريب گهر جي سڪل مانيءَ جيان آهي.“ هوگن چيو. ”هن ۾ ته ڪا شيءِ نه بچي آهي.“

”والڪاٽ کي ڪڏهن ڏنو ئي ڪونه اٿم.“ مون چيو.

”هو، هن کي ماري ڇڏيندو.“ هوگن جيو. ”چيري، به اڌ ڪري ڇڏيندس.“

”هائو.“ مون چيو. ”هر ڪنهن کي اهو ڏينهن ڏسڻو ئي پوندو آهي.“

”پر هيئن نه.“ هوگن چيو. ”سمجهندا ته ڪا ڪيس تربيت ئي ڪونه ملي، منهنجي اکاڙي جو نالو بدنام ٿيندو.“

”توکي خبر آ ته اخباري نمائندا، هن لاءِ ڇا پيا چون؟“

”چونه! هو چون ٿا ته هو ڏاڍو خطرناڪ آهي. پر مون ٿا هن کي وڙهڻ نه ڏنو وجي.“

”هوندو.“ مون چيو، ”پر هو سدائين غلط هوندا آهن. ڪيئن؟“

”هائو.“ هوگن چيو. ”پر هن ڀيري هو صحيح آهن.“

”هنن کي ڪهڙي خبر ته ماڻهو صحيح آهي يا غلط؟“

”ها“. هوگن چيو، ”هو هرويرو اهڙا بيوقوف به نه آهن.“

”هنن رڳو ٽوليڊو مان، ولارڊ ئي آندو هو. هي لارڊنر هاڻي ڪافي هوشيار ٿي چڪو آهي. هن کان پڇ ته ولارڊ کي ٽوليڊو مان ڪڏهن آندائين.“

”ها، هو ٻاهر ته ڪڏهن ويو ئي ڪونهي.“ هوگن چيو. ”هو رڳو وڏن وڏن مقابلن تي لکندو آهي.“

”مون کي اها پرواهه نه آهي ته اهي ڪير آهن.“ مون چيو. ”هن کي ڪهڙي خبر؟ ٿي سگهي ٿو هو لکي سگهندا هجن. پر هنن کي ڄاڻ ڪهڙي آهي؟“

"تون تہ ائين نہ ٿو سمجهين نہ تہ هن جي بدني بيهڪ ۾ ڊول صحيح آهي؟ يا سمجهين ٿو.......؟"

"نہ، هي تہ ختم آهي. هُن کي ڪرٽو رڳو اهو پوندو تہ جيئن ڪاربيٽ هُن کي مقابلي ۾ بيهاري."

"ها. ڪاربيٽ تہ هُن کي بيهاريندو." هوگن چيو.

"بلڪل. هي ان جو ئي اميدوار ٿيندو."

اها رات بہ جئڪ ستو ڪونہ. ٻيو صبح، مقابلي کان اڳ جو، آخري ڏينهن هو. نيرن کان پوءِ اسان وري ٻاهر وڏاوڙي تي نڪري آياسين.

"جڏهن توکي ننڊ نہ ايندي آهي تہ تون ڇا سوچيندو آهين جئڪ؟" مون چيو.

"فڪر ۾ ڳٽتي هوندي آهي." جئڪ چيو. "برونڪس واري ملڪيت جي، فلوريڊا جي ملڪيت جي، ٻارن جي ۽ زال جي ڳٽتي هوندي اٿم. ڪڏهن مقابلن بابت بہ سوچيندو آهيان. مون کي ان يهوديءَ ٽيڊليوس جو بہ خيال ايندو آهي ۽ بي چين ٿي ويندو آهيان. مون وٽ ڪجهہ هنڊيون بہ آهن. انهن جو فڪر بہ هوندو آهي. مطلب تہ الائي ڇا ڇا پيو سوچيندو آهيان."

"ٺيڪ آ." مون چيو. "سڀاڻي رات تائين سڀ ٺيڪ ٿي ويندو."

"هائو." جئڪ چيو. "ان سان بہ ڪافي آٿت ۾ دلجاءِ ملي ٿي. ائين نہ؟ ان سان هر شيءِ ازخود ٺيڪ ٿي وڃي ٿي.

هو سڄو ڏينهن پريشان رهيو. اسان ڪوبہ ڪم نہ ڪيو. جئڪ ڇڙو دل وندرائڻ لاءِ جهٽ ڪن گهميو ڦريو تہ جيئن مشڪون نرم ٿين. هن ڪجهہ خيالي ڇڪر ٺونشي بازيءَ جي مشق جا ڪيا. هر ان مشق دوران بہ ٺيڪ نہ پي لڳو. هن هڪ ٻہ دفعو رسيءَ تي ٽپ ڏنا. ان هوندي بہ ڪيس پگهر ڪونہ آيو.

"هن لاءِ چڱو آهي تہ هو ڪجهہ بہ نہ ڪري." هوگن چيو. اسان بيٺا هن کي رسن تي ٽپندو ڏسي رهيا هياسين. "ڇا هاڻي هن کي پگهر ڪڏهن بہ نہ نڪرندو آهي؟"

"هن کي پگهر نڪري ئي ڪونہ."

"تون سمجهين ٿو هن کي پاڻ تي اعتماد آهي؟ ڪيس وزن وڌڻ تي بہ ڪا خاص ڳٽتي نہ ٿئي، يا هئيس؟"

"نہ، هن کي پاڻ ۾ اعتماد ڪونہ آهي. دراصل هينئر هن جي اندر ڪجهہ

ٻہ نہ آهي."

"پر هن کي پڪهر تہ ضرور اچڻ گهرجي." هوگن چيو.

جئڪ آڪاڙي واري نوڙي ٽپي هليو آيو. هو اسان آڏو هيٺ مٿي ٽپ ڏيئي رهيو هو. ائين ڪندي هو اڳتي بہ آيو پي تہ پٺتي بہ هٽيو ٿي. هر ٽين پيري پانهون بہ ڦيرائي رهيو هو.

"ها." هن چيو. "توهان اهو پڙ پڙ ۾ بيوقوفن جيان ڇا ٿا ڳالهايو؟"

"منهنجي خيال موجب تہ هاڻ توکي وڌيڪ ڪجهہ نہ ڪرڻ گهرجي." هوگن چوي ٿو تہ، "مشڪون هڪ هنڌ نہ بيهجي وڃنئي."

"اهو ڏاڍو نقصان ڪار ٿيندو." جئڪ چيو ۽ نوڙيءَ کي زور سان ڌڪ هڻي فرش تي اڇلائي هيٺ لهي آيو.

ان شام جو جون ڪولنس فارم تي آيو. جئڪ مٿي پنهنجي ڪمري ۾ هيو. جون شهر کان ڪار ۾ آيو. هن سان هڪ ٻہ دوست بہ ساڻ هيا. ڪار بيٺي تہ هو سڀ لهي آيا.

"جئڪ ڪٿي آ؟" جون مون کان پڇيو.

"مٿي پنهنجي ڪمري ۾ ستو پيو آهي."

"ستو پيو آهي؟"

"هائو." مون چيو.

"آهي ڪيئن؟"

مان هنن ٻن همراهن ڏانهن ڏٺو جي هن سان گڏجي آيا هيا.

"هي سندس دوست آهن." جون چيو.

"هن جي طبعيت ڪافي خراب آهي." مون چيو.

"ڇا ٿيو اٿس؟"

"ننڊ ڪانہ ٿي اچيس."

"ان آئرشيءَ کي ننڊ اچي ئي ڪونہ." جون چيو.

"هو نيڪ نہ آهي." مون چيو.

"هو ڪڏهن نيڪ هوندو آهي. ڏهہ سال مون سان گڏ رهيو آهي، مان تہ هن کي ڪڏهن بہ نيڪ نہ ڏٺو آهي."

هن سان گڏ آيل ماڻهو ڪليا.

"هنن سان مِلُ، مسٽر مورگن ۽ مسٽر شيٽن فيلٽ." جون چيو. "هي مسٽر ڊوائل آهي ۽ جئڪ کي سکيا ڏيئي رهيو آهي."

"توهان سان ملي خوشي ٿي." مون چيو.

"متي هلي ڇوڪري کي ڏسون." مورگن نالي شخص چيو.

"ڏسونس ته سهي." اسٽين فيلٽ به چيو.

اسين سڀ متي چڙهي وياسين.

"هوگن ڪٿي آهي؟" جون پڇيو.

"گودام ۾ هوندو. ڪن گراهڪن سان." مون چيو.

"اڄ ڪالهه گهڻا ماڻهو پيا اچنس؟"

"نه، رڳو به اٿس."

"هت ته ڏاڍي سانت لڳي پئي آهي؟" مورگن چيو.

"هائو." مون چيو. "ڏاڍي خاموشي."

اسان جئڪ جي ڪمري ٻاهران بيٺاسين. جون در کڙڪايو. پر ڪوبه جواب نه آيو.

"شايد ننڊ اچي ويئي اٿس." مون چيو.

"اها وري ڪهڙي فضيلت آ جو ڏينهن جو ننڊ ٿو ڪري؟"

"جون، در جو هٿيو ڦيرايو ۽ اسان سڀ اندر هليا وياسين. جئڪ پلنگ تي سُتو پيو هو. هن جو منهن وهاڻي ۾ هو ۽ ٻئي وهاڻي کي ٻنهي ٻانهن سان ڀاڪر پايون پيو هو.

"او جئڪ!" جون ڪيس سڏ ڪيو.

جئڪ جو مٿو وهاڻي تي ٿورو چريو. "جئڪ!" جون چيو ۽ هن جي مٿان ٿورو جهڪيو. جئڪ ڪجهه وڌيڪ وهاڻي ۾ پيهي ويو. جون سندس ڪلهي تي هٿ رکيو. جئڪ اٿي ويٺو ۽ اسان ڏي ڏسڻ لڳو. هن ڏاڙهي به نه ڪوڙي هئي ۽ پراڻو سُئٽر پيل هيس.

"خُدا جو واسطو اٿوَ! مون کي سمهڻ ڇونٿا ڏيو." هن جون کي چيو.

"ناراض نه ٿيءُ." جون چيو. "مان توکي ننڊ مان اٿارڻ نه پئي چاهيو."

"نه، نه." جئڪ چيو. "بلڪل نه!"

"مورگن ۽ اسٽين فيلٽ کي ته سڃاڻين." جون چيو.

"توهان سان ملي خوشي ٿي." جئڪ چيو.
"جئڪ، خوش آهين." مورگن چيو.
"نيڪ آهيان." جئڪ چيو. "پيو نہ تہ ڪيئن هوندس؟"
"تون نيڪ ناڪ ٿو لڳين." اسٽين فيلٽ چيو.
"هائو، چونہ." جئڪ چيو. "اهو تہ ٻڌاءِ" هن جون کي چيو، "تون منهنجو مئنيجر آهين. توکي منهنجي ڪمائيءَ مان ڪافي دلالي ملي ٿي. ملي ٿي نہ؟ پوءِ بہ جڏهن اخباري نمائندا هت آيا تہ تون نہ آئين. تنهنجي مرضي هئي تہ مان ۽ جيري انهن سان منهن ڏيون؟"
"اڄ ڪالهہ مان فلاڊيلفيا ۾ ليوُ جو مقابلو پيو ڪرايان." جون چيو.
"منهنجو ان سان ڇا؟" جئڪ چيس، "تون منهنجو مئنيجر آهين. توکي منهنجي ڪمائيءَ مان حصو ملي ٿو. مون کي، تون فلاڊيلفيا ۾ ڇا ٿو ڪرائين؟ تون ان وقت مون وٽ ڇو نہ آئين، جڏهن مون کي تنهنجي ضرورت هئي؟"
"هوگن هتي هيو نہ."
"هوگن." جئڪ چيو. "هو تہ مون جيان گونگو آهي."
"سولجر بہ تہ هت توسان ڪم ڪيو پئي، نہ؟" اسٽين فيلٽ موضوع مٽائڻ جي خيال سان چيو.
"هائو، هو هتي هيو." جئڪ چيو. "هو برابر هتي هيو."
"ٻڌ، جيري." جون مون کي چيو، "وڃي هوگن سان مِلُ ۽ چوينس تہ اسان اڌ ڪلاڪ کن ۾ ساڻس ملنداسين."
"چونہ." مون چيو.
"هي ڇونہ هجي هتي؟" جئڪ چيو، "تون هت ترس، جيري."
مورگن ۽ اسٽين فيلٽ هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.
"ڌيرج ڌر، جئڪ." جون هن کي چيو.
"مان وڃي هوگن کي ڳوليان ٿو." مون چيو.
"نيڪ آ، جي تون ٻاڻ وڃين ٿو تہ ڀلي وڃ." جئڪ چيو، "جيتوڻيڪ هنن مان ڪوبہ توکي، ڪو بهانو ڪري، ڪيڏانهن نہ موڪليندو."
"مان وڃي هوگن کي هت ڪيان." مون چيو.
هوگن، گودام ۾ ڪثرت شالہ ۾ بيٺو هو. هن سان هن جي صحت گهر جا بہ

ڳراهڪ بہ هيا جن ڪي دستانا پهريل هيا. انهن مان ڪنهن بہ، هڪ ٻئي کي، ڌڪ هڻڻ نہ پئي چاهيو، ان ڀَوَ کان تہ متان موٽ ۾ هو بہ ڪيس ٺونشو هڻي ڪڍي.

"بس هاڻي." مون کي ايندو ڏسي هوگن چيو. "اها ماري بند ڪر. مهرباني وجي لڳ آگهاريو ۽ بروس توهان کي مالش ڪندو."

هو رسيون ٽپي هليا ويا، ۽ هوگن مون ڏانهن آيو.

"جون ڪولنس، ٻن دوستن سان گڏ، جنهن سان ملڻ آيو آهي." مون چيو.

"مون ڪين ڪار ۾ ايندي ڏٺو هو."

"جون سان اهي بہ ڇٽا ڪير آهن؟"

"اهي، جن کي اسين سياڻو سڏيندا آهيون." هوگن چيو، "هنن کي ڪونہ سڃاڻين ڇا؟"

"نہ" مون چيو.

"اهي هئپي اسٽين فيلٽ ۽ ليو مورگن آهن. جوا خاني جا مالڪ آهن."

"مان گهڻو وقت ٻاهر رهيو آهيان ن.."

"واقعي" هوگن چيو. "اهو هئپي اسٽين فيلٽ تہ وڏو جواري اٿئي."

"سندس نالو تہ ٻڌو آهي." مون چيو.

"ڏاڍو تيز ڇوڪرو آهي." هوگن چيو. "ٻئي تيز ڪيڏاڙي ۽ ٺوپچي آهن."

"ٺيڪ آ." مون چيو، "هو اسان سان اڌ ڪلاڪ کن ۾ ملڻ ٿا چاهن."

"مطلب تہ اسان سان اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ملندا."

"اٿين ئي سمجھہ."

"آفيس ۾ اچ." هوگن چيو. "انهن پٺتي ٻارن کي ڇڏ."

اٽڪل ٽيهن منٽن کان پوءِ، مان ۽ هوگن مٿي وياسين. اسان جنهن جو دروازو کڙڪايو. هو اندر ڳالهائي رهيا هيا.

"جهٽ ترسو." ڪنهن چيو.

"مان اهڙو ڪجھہ ٻڌڻ جو عادي نہ آهيان." هن چيو، "توهان کي جي ملڻو آهي تہ مان هيٺ آفيس ۾ آهيان."

ايتري ۾ دروازو کليو. اسٽين فيلٽ دروازو کوليو.

"هوگن اندر هليو آ." هن چيو. "اسان سڀ گڏجي پيئنداسين."

"ها." هوگن چيو، "اهڙي ڳالھہ ڪر نہ."

”ٿورو پاڻي وجهينس.“ مون چيو.

”هائو.“ جئڪ چيو. ”منهنجي خيال ۾ ته اهو بهتر ٿيندو.“

اسان هڪ ٻه پيگ، بنا ڪجهه چئي آڪٺي پيءُ ڇڏيا. جئڪ مون کي هڪ وڏيڪ پيگ ڏيڻ جي ڪئي.

”نه“ مون چيو. ”منهنجي لاءِ گهڻو آهي.“

”نيڪ آ.“ جئڪ چيو. هن پنهنجي لاءِ هڪ وڏو پيگ ناهيو ۽ ان ۾ پاڻي اوتيو. هُن تي ڪجهه خمار چڙهي رهيا هيا.

”ٻيهريءَ جو آيل همراهه ناهوڪا ماڻهو هيا.“ جئڪ چيو. ”هو ٻئي قسمت تي ڀاڙڻ وارا ڪونه هيا.“

پوءِ ٿوري دير کان پوءِ ”ها.“ هن چيو. ”هو صحيح به آهن. اتفاق تي ڀاڙڻ مان فائدو ئي ڪهڙو.“

”ٻيو نه ڪيپٽي، جيري؟“ هن چيو. ”دل چئي ٿي هڪڙو ٻيو به پيءُ.“

”مون کي وڌيڪ ضرورت ناهي، جئڪ.“ مون چيو. ”مان ايتري ۾ نيڪ آهيان.“

”بس، رڳو هڪ ٻيو ڪڻ.“ جئڪ چيو. هن جي طبعيت وڌيڪ نرم ٿيندي پئي ويئي.

”تنهنجي مرضي.“ مون چيو.

جئڪ هڪ پيگ مون لاءِ ناهيو ۽ هڪ وڏو پنهنجي لاءِ.

”توکي خبر آهي.“ هن چيو. ”ته شراب مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. جي مان باڪسر نه هجان ها، ته اجا به وڌيڪ پيئان ها.“

”واقعي.“ مون وراڻيو.

”خبر اٿئي.“ هن چيو. ”ته مان باڪسنگ ۾ گهڻو ڪجهه وڃايو آهي.“

”دولت ته ڪافي ڪمائي اٿئي.“

”بلڪل، ان جي ئي پٺيان ته آهيان. توکي ته خبر آ، ان ڪري مان گهڻو ڪجهه ڇڏيو ۽ وڃايو آهي.“

”اهو، ڪيئن ٿو چئين؟“

”ٻڌ.“ جئڪ چيو. ”زال ۽ گهر کان ايترو پري رهڻ، منهنجي ڇوڪرين کي به ڪو آٿت ڏيڻ وارو ڪونهي. ’توهان جو اهو ٻڍو ڪٿي آهي؟‘ ڪي شرارتي

ڇوڪرا هنن کان ڀڄندا آهن. 'اسان جو پيءُ جٺڪ برينن آهي.' اهڙو جواب هنن جي ڪا عزت تہ ڪانہ وڌائيندو آهي."

"سندن عزت تہ خودبخود تفاوت ۾ اچي ويندي جي ڪين دولت جي پٺ ڀرائي حاصل هوندي." مون چيو.

"واقعي." هن چيو. "دولت تہ هنن لاءِ تمام گهٽي جمع ڪئي اٿم."

هن ٻيو پيگ بہ ناهيو. شيشي هاڻي خالي ٿيڻ تي هئي.

"ڪجهہ پاڻي وجهينس." مون چيو. جٺڪ تورو پاڻي گلاس ۾ اوتيو.

"توکي خبر آ." جٺڪ چيو. "پر تون اندازو ئي لڳائي نہ سگهندين تہ مان زال جي غير حاضري ڪيئن ٿو ڀانيان."

"واقعي."

"توکي اندازو ئي نہ ٿيندو. تون سمجهي نہ سگهندين تہ اهو وڇوڙو ڪيئن هوندو آهي."

"هونءَ تہ. شهر کان ٻهراڙيءَ ۾ رهڻ وڌيڪ بهتر آهي."

"منهنجي لاءِ هاڻي." جٺڪ چيو. "اهو ڪا معنيٰ نٿو رکي تہ مان ڪٿي آهيان. تون سمجهي ئي نہ سگهندين تہ اهو ڪيڏو عذاب آهي."

"هڪ ٻيو بہ پيءُ."

"مان نشي ۾ ٿُـن آهيان ڇا؟ ڳالهائڻ ۾ ٿڙان تہ نہ ٿو؟"

"تون ٺيڪ آهين."

"تون سمجهي ئي نہ سگهندين تہ اهو ڇا ٿيندو آهي. ڪوبہ اهڙو ڪونهي جو ان جو صحيح اندازو لڳائي سگهي."

"سواءِ زال جي." مون چيو.

"اها ڄاڻي ٿي." جٺڪ چيو. "اها بلڪل ڄاڻي ٿي. هوءَ ڄاڻي ٿي. شرط رک. هوءَ ڄاڻي ٿي."

"تورو پاڻي گڏينس." مون چيو.

"جيري." جٺڪ چيو. "تون سوچي ئي نہ ٿو سگهين تہ ان ۾ ڇا ٿيندو آهي."

هو ڇڱيءَ موڊ ۾ نشي ۾ هو. هو اکيون ڇنڀڻ بنان. مون ڏانهن گهوري رهيو هو. هن جون نظرون ڇڻ مون ۾ کپي ويون هيون.

"توکي ستي ننڊ ايندي." مون چيو.

"ٻڌ، جيري." جئڪ گلاس هيٺ رکيو. "تون ڪجهہ پئسو ناهڻ چاهين ٿو؟ ڪجهہ پئسا هن جي پاسي داءَ تي لڳاءِ" والڪاٽ تي."

"ڇا ٿو چوين؟"

"ٻڌ جيري" جئڪ چيو. "مان نشي ۾ نہ آهيان. توکي خبر آهي تہ مان هن تي ڪيتري شرط ٿو رکان؟ پنجاهہ هزار."

"اها تہ وڏي رقم آهي."

"پنجاهہ هزار." جئڪ چيو. "هڪ تي ٻہ! مون کي رڳو پنجويهہ هزار ڊالر ملندا."

"داوُ تہ سٺو آ." مون چيو.

"مان هن کي شڪست ڪيئن ڏئي سگهندس؟" جئڪ چيو. "هو بہ پورن ڏينهن جو آهي. ڪيئن ڪنڊومانس؟ پوءِ چونہ هن جي پاسي کان شرط رکي پئسا ڪمايان."

"ٿورو پاڻي وجهينس، جئڪ." مون چيو.

"هن مقابلي کان پوءِ، راند ئي ڇڏي ويندس." جئڪ چيو. "مان بس ڪري ڇڏيندس، مان مار تہ کائيندس، پوءِ چونہ ان مان بہ پئسا ڪمايان؟"

"پلي."

"مان سڄو هفتو نہ ستو آهيان." جئڪ چيو. "اوجاڳو ۽ فڪر سبب مون کي ننڊ نہ ٿي اچي، جيري. تون محسوس نہ ٿو ڪري سگهين تہ تنهنجو نہ اچڻ ڪيڏو وڏو عذاب آهي."

"بلڪل."

"مان سمهي نہ ٿو سگهان. مون کي ننڊ نہ ٿي اچي. ان مان فائدو ئي ڪهڙو، جو انسان سڄي زندگي خواهشن جي پُٺيان گذاري ۽ تنهن کان پوءِ جهٽ کن ننڊ بہ نہ ڪري سگهي؟"

"اهو تہ خراب آهي."

"تون سوچي بہ نٿو سگهين تہ اهو ڇا آهي، جيري. ننڊ نہ اچڻ ڪري ڇا ٿو ٿئي."

"گلاس ۾ ٿورو پاڻي وجهہ." مون چيو.

اٽڪل يارهين وڳي جئڪ ختم ٿي ويو ۽ مون کيس هنڌ تي ليٽائي ڇڏيو. آخر ۾ هو ايترو مدهوش ٿي ويو جو ننڊ پاٽمرادو کيس وڪوڙي وئي. مون کيس ڪپڙن مٽائڻ ۾ مدد ڪئي ۽ سمهاري ڇڏيو.

"جئڪ، توکي سٺي ننڊ ايندي." مون چيو.
"پڪ ئي پڪ." جئڪ چيو، "مان هاڻي سمهي پوندس."
"شب خير، جئڪ." مون چيو.
"شب خير، جيري." جئڪ چيو، "تون ئي منهنجو اڪيلو دوست آهين."
"چڏينس يار." مون چيو.
"تون ئي منهنجو اڪيلو دوست آهين." جئڪ چيو، "صرف تون ئي منهنجو يار آهين."
"ننڊ ڪر." مون چيو.
"مان سمهي رهندس." جئڪ چيو.
هيٺ آفيس ۾، هوگن اخبار پڙهي رهيو هو. هن منهن مٿي ڪري نهاريو، "ڏي خبر دوست کي سمهاري آئين؟" هن پڇيو.
"نشي ۾ بيهوش آهي."
"نه سمهڻ کان اهو به بهتر اٿس." هوگن چيو.
"ائين ته آهي."
"توکي، انهن راندين جي اخباري رپورٽرن کي سمجهائيندي، ڏاڍي ڏکيائي ٿي هوندي." هوگن چيو.
"چڱو، هاڻي مان به وڃي ٿو سمهان." مون چيو.
"شب خير." هوگن چيو.
صبح جو اٽڪل اٺين وڳي ڌاري مان هيٺ لهي آيس ۽ نيرن ڪيم. هوگن جا ٻه مهمان، گودام ۾ نوئنشي بازي جي مشق ڪري رهيا هيا. مان ٻاهر نڪري ويس ۽ انهن کي ڏٺم.
"هڪ، ٻه، ٽي، چار." هوگن ڳڻي رهيو هو. "هيلو جيري." هن چيو، "جئڪ اٿيو آ؟"
"نه، اڃا ستو پيو آهي."
مان پنهنجي ڪمري ۾ ويس، شهر وڃڻ لاءِ سامان ٻڌي تياري ڪيم. اٽڪل نائين بجي ڌاري مون پير واري ڪمري ۾، جئڪ جي اٿڻ جو آواز ٻڌو. هن جو ڏاڪڻ کان هيٺ لهڻ جو آواز ٻڌي، مان به سندس پويان لهي ويس. جئڪ نيرن لاءِ ٽيبل تي ويٺو هو. هوگن به اندر آيو ۽ ٽيبل جي پرسان اچي ويٺو.

”هاڻي ڪيئن ٿو ڀائين، جئڪ؟“ مون هن کان پڇيو.

”ايترو خراب نہ.“

”ننڊ سٺي ڪيئي؟“ هوگن پڇيس.

”ننڊ چڱي آئي.“ جئڪ چيو. ”زبان اڃا خشڪ آ، پر مٿي جو سور لهي ويو.“

”ڏاڍو چڱو.“ هوگن چيو. ”شراب بہ سٺو هيو.“

”اهو بل ۾ شامل ڪري ڇڏجانءِ.“ جئڪ چيس.

”شهر ڪهڙي وقت ويندءِ.“ هوگن پڇيو.

”منجهند کان اڳ.“ جئڪ چيو. ”يارنهن وڳي واري ريل تي.“

”ويهہ، جيري.“ جئڪ چيو. هوگن ٻاهر هليو ويو.

مان ٽيبل جي ڀرسان ٿي وينس. جئڪ گريپ فروٽ کائي رهيو هو. جي ڪو ٻج وات ۾ اچي پي ويس تہ چمچي تي ٿوڪاري، ويو ٿي پليٽ ۾ گڏ ڪندو.

”سمجهان ٿو، تہ رات ڏاڍو چڙهي ويو هوم.“ هو شروع ٿيو.

”شراب تہ تو پيتو.“

”سمجهان ٿو تہ ڪيئي بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪيون هيم.“

”ايڏو غلط بہ ڪونہ.“

”هوگن ڪٿي آهي؟“ هن پڇيو. گريپ فروٽ کائي هن پورو ڪيو هو.

”هو، ٻاهر سامهون آفيس ۾ آهي.“

”مقابلي تي شرط رکڻ بابت مون ڇا چيو؟“ جئڪ پڇيو، هن ڪي هٿ ۾ چمچو هيو جوگريپ فروٽ ۾ اندر گهمائي رهيو هو. ڇوڪري ڪجهہ سيڪيل گوشت ۽ آنا کڻي آئي ۽ اهي رکي، ٻڇيل گريپ فروٽ کڻي ويئي.

”هڪ گلاس کير جو ٻيو بہ کڻي اچ.“ جئڪ هن کي چيو. هوءَ هلي ويئي.

”تو چيو پي تہ تو والڪاٽ جي پاسي کان پنجاهہ هزارن جي شرط رکي آهي.“ مون چيو.

”اهو صحيح آ.“ جئڪ چيو.

”اها تہ وڏي رقم آ.“

”مون کي تہ ايڏي وڏي ڪانہ ٿي لڳي.“ جئڪ چيو.

”متان ڪجهہ بہ ٿي پوي.“

”نہ.“ جئڪ چيو، ”هن کي خطاب گهرجي ۽ ضرور گهرجي.“

"خاطريءَ سان تہ ڪا ڳالھہ ڇئي نہ ٿي سگھجي."

"نہ، ھن کي خطاب گھرجي. اھو ھن جي لاءِ ڪنھن خزاني کان وڌيڪ آھي."

"پنجاھہ ھزار بہ ڪا ٿوري رقم تہ نہ آھي." مون چيو.

"اھو بہ واپار آ." جئڪ چيو. "مان ڪٿي تہ ڪونہ سگھندس، توکي بہ اندازو آھي تہ مان ڪنھن بہ صورت ۾ ڪٿي ڪونہ سگھندس."

"جيستائين تون رنگ ۾ آھين، تہ توکي موقعو آھي ئي آھي."

"نہ." جئڪ چيو. "مون فيصلو ڪري ڇڏيو آھي تہ مان ختم آھيان. باقي رڳو ڪاروبار ئي آھي."

"طبعيت ڪيئن ٿو سمجھين؟"

"نيڪ آھيان." جئڪ چيو. "مون کي ھاڻ ننڊ ئي ڪپندي ھئي."

"تون شايد سٺو مقابلو ڪرين."

"ويڙھہ تہ سٺي ڪبي." جئڪ چيو.

نيرن کان پوءِ جئڪ ٽيليفون تي، پنھنجي زال سان ڪجھہ وقت ڳالھايو. ھو بوٿ ۾ اندر بيھي ڳالھائي رھيو ھو.

"ھتي اچڻ کان پوءِ، ھو پھريون ڀيرو زال سان ڳالھائي رھيو آھي." ھوگن چيو.

"روزانو خط جو لکندو اٿس."

"ھون." ھوگن چيو. "خط تي رڳو ٻہ سينٽ خرچ ٿو اچي نہ."

"ھوگن اسان کي خدا حافظ چيو. بروس، شيدي مالشي، اسان کي گاڏيءَ تي اسٽيشن تي وٺي آيو.

"خدا حافظ، مسٽر برينن." بروسي ريل تي چاڙھيندي چيو. "مون کي پڪ آھي تہ تون ھن کي ليٽائي وجھندين."

"الوداع." جئڪ چيو. ھن بروس کي ٻہ ڊالر ڏنا. ھو ريل ۾ سيٽ جي ڪنڌ وٽي وينو ۽ ٽڪيٽ ٽوپلي جي وڪڙ ۾ رکي ڇڏي. بروس ھن جي ڪافي خدمت ڪئي ھئي. ھن کي نا اميدي ٿي ھئي. جئڪ ڏسي ورتو ھو تہ مان بروس ڏانھن تڪي رھيو ھُئس جو ھٿ ۾ ٻہ ڊالر جھليون بيٺو ھو.

"بل ۾ سڀ ڪجھہ ھيو." ھن چيو. "ھوگن مون کان ھن جي خدمتن جي پوري پوري وصولي ڪئي آھي."

هو دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو هو. هڪ پيرو هو مون ڏانهن وري چيائين،
"مون زال کي ٻڌايو تہ اڄ رات مان شيبليءَ ۾ ڪمرو وٺندس." هن چيو. اهو 'گارجن' جي پر ۾ بلڪل ڪنڌ تي ئي آهي. مان سياٽي صبح تائين گهر وڃي سگهندس."

"خيال تہ سٺو آ." مون چيو. "تنهنجي زال ڪڏهن توکي وڙهندي ڏٺو آهي، جئڪ؟"

"نہ." جئڪ وراڻيو. "هن ڪڏهن بہ مون کي مقابلو ڪندي نہ ڏٺو آهي."

مون سمجهيو تہ مقابلي کان پوءِ هو سڌو گهر وڃڻ چونہ ٿو چاهي، ڇوجو هن کي يقين آهي تہ هن کي چڱي مار ملندي.

شهر ۾ پهچي سڌو شيبليءَ لاءِ ٽئڪسي ڪئي سين. هڪ ڇوڪري اچي اسان جو سامان کنيو ۽ اسان مئنيجر وٽ وڃي بيٺاسون.

"ڪمرن جو ڪهڙو اگهہ آهي؟" جئڪ پڇيو.

"اسان وٽ رڳو ڊبل ڪمرا آهن." ڪلارڪ چيو. "مان توهان کي هڪ ڊبل بيڊ ڪمرو ڏهن ڊالرن ۾ ڏئي سگهندس."

"اهو تہ تمام گهڻو آهي."

"توهان ست ڊالر ڏجو."

"غسل خانو بہ شامل اٿس؟"

"يقينن."

"تون بہ مون سان رهي سگهندين، جيري." جئڪ چيو.

"نہ." مون چيو. "مان پنهنجي سالي جي گهر رهندس."

"منهنجو مطلب توکان پئسا پراڻڻا نہ آهن." جئڪ چيو. مان رڳو ڪرائي جو پورو فائدو وٺڻ ٿو چاهيان. ڪرايو تہ ائين بہ مون کي سمورو ئي ڀرڻو آهي نہ."

"مهرباني ڪري پنهنجو نالو داخل ڪريو." ڪلارڪ رجسٽر وڌائيندي چيو.

"نمبر 238 مسٽر برينن." ڪلارڪ نالا ڏسندي چيو.

اسان لفٽ ۾ مٿي وياسين. ڪمرو تمام سٺو ۽ وڏو هيو. ٻہ بسترا لڳل هيا ۽ ڪمري سان لڳ غسل خانو بہ هيو.

"سٺو آ." جئڪ چيو.

ڇوڪرو، جو اسان کي مٿي وٺي آيو، تنهن پردو هٽائي، سامان اندر آندو. جئڪ ۾ ڪابہ چرپر ڪانہ آئي، سو مون ڇوڪري کي ڪجھہ رقم بخشش طور ڏني. اسان هٿ مُنهن ڌوئي ٽڪ لاٿو. جئڪ چيو تہ ٻاهر هلي ڪجھہ کائجي تہ بهتر.

جمي هٽنلي جي هوٽل تي اسان منجهند جي ماني کاڌي. اتي ڪافي ماڻهو هيا. اڃا اڌ ماني ئي ڪانہ کاڌي سين جو جونِ اندر آيو ۽ اسان سان ٽي وينو. جئڪ گهڻو نہ ڳالهايو.

"وزن ڪيئن اٿئي جئڪ؟" جون، هن کان پڇيو. جئڪ ڏاڍي سٽپي ماني کائي رهيو هو.

"مان ڪپڙن سميت وزن ڪرائي سگهان ٿو." جئڪ چيو. هن ڪڏهن بہ وزن گهٽائڻ جي پرواهہ نہ ڪئي هئي. قدرتي طرح هن جي وزن ۾ واڌ نہ ٿيندي هئي. هو ڪڏهن بہ ٿلهو نہ ٿيو هو. هوگن جي صحت گهر تي هن وزن گهٽايو بہ هو.

"ان ڳالهہ جي توکي ڳڻتي نہ هوندي آهي." جون چيو.

"ها، بلڪل." جئڪ وراڻيو.

اسان منجهند جي مانيءَ کان پوءِ، 'گارڊن' ڏانهن وزن ڪرڻ لاءِ وياسين. مقابلو ٽي وڳي هو. مقابلي جي شرطن موجب وزن هڪ سو ستيتاليهہ پائونڊن جي اندر هجڻ کپندو هو. جئڪ ٽوال ڪلهي تي رکي ڪانٽي تي چڙهيو. ڪانٽو چريو پريو ڪونہ. والڪاٽ بہ ان وقت ترڪيو ۽ ڪيترائي ماڻهو هن جي چوڌاري، دائري ۾ بيٺا هيا.

"ڏسون تہ ڇا وزن اٿئي، جئڪ؟" والڪاٽ جي مئنيجر فريڊ مئن چيو.

"ٺيڪ آ، هن جو وزن ڪريو." جئڪ پنهنجو ڪنڌ والڪاٽ ڏانهن ڪيو.

"ٽوال لاهہ." فريڊ مئن چيو.

"گهڻو ٿيو؟" جئڪ وزن ڪندڙ کان پڇيو.

"هڪ سو ٽيتاليهہ پائونڊ." وزن ڪندڙ ٿلهي همراهہ چيو.

"ڪوڙ وزن گهٽايو اٿئي، جئڪ." فريڊ مئن چيو.

"هن جو بہ وزن ڪر." جئڪ چيو.

والڪاٽ، ڪانٽي تي چڙهيو. هو موڪرن ڪلهن وارو جوان هيو. هن جون ٻانهون پريل پر ٽنگون قدرتي طور سنهيون هيون. جئڪ هن کان اڌ ڳچي مٿي

بيٺو هو.

”هيلو، جئڪ.“ هن چيو. سندس منهن تي ڪجهہ مار جا نشان هيا.

”هيلو“ جئڪ چيو، ”ڪيئن آهين؟“

”نيڪ.“ والڪاٽ چيو. هن چيلهہ تان ٽوال لاٿو ۽ ڪانٽي تي چڙهيو. هن جا ويڪرا پنا ۽ ڪلها، اوهان شايد ئي اهڙا ڪنهن جا ڏٺا هوندا.

”هڪ سؤ چائيتاليهہ پائونڊ ۽ بارنهن آؤنس.“

والڪاٽ هيٺ لٿو، ۽ جئڪ ڏي ڏسي مرڪيو.

”نيڪ.“ جون چيس. ”جئڪ توکان چار پائونڊ گهٽ آهي.“

”جڏهن موٽندس تہ ان کان بہ گهٽ ٿي ويندو.“ والڪاٽ چيو. ”مان وڃان ٿو ماني کائڻ.

اسين واپس ورياسين ۽ جئڪ ڪپڙا مٽايا، ”هي تہ جاڻنو جوان ٿو لڳي.“ جئڪ مون کي چيو.

”لڳي تہ ائين ٿو. چڻ ڪئين ڀيرا مار کاڌي اٿائين.“

”ها.“ جئڪ چيو، ”هن کي ڌڪ هڻڻ ڏکيو نہ آهي.“

”ڪيڏانهن ٿا وڃو؟“ جئڪ ڪپڙا مٽايا تہ جون پڇيو.

”واپس هوٽل.“ جئڪ چيو، ”تو هر ڳالهہ جو خيال رکيو آ؟“

”هائو.“ جون چيو. ”هر ڳالهہ جو بندوبست ڪيو اٿم.“

”مان جهٽ ليٽندس.“ جئڪ چيو.

”مان پوڻي ستين وڳي ڌاري تو وٽ ايندس، ۽ پوءِ هلي ماني کائينداسين.“

نيڪ آ.“

مٿي هوٽل تي پهچي، جئڪ پنهنجو بوٽ ۽ ڪوٽ لاٿو ۽ ليٽي پيو. مان ويهي خط لکيو. هن هڪ بہ ڀيرا ڏٺو. جئڪ کي ننڊ ڪانہ هئي. هو ماٺ ڪيو ليٽيو پيو هو، سندس اکيون کليل هيون. آخر هو اٿي ويٺو.

”تاس جا هڪ بہ هٿ ڪندين؟“ جيري چيو.

”ضرور.“ مون وراڻيو.

هو پنهنجي بئگ ڏانهن ويو ۽ تاس ڪڍي آيو. اسان هڪ بہ راند ڪئي ۽ هو مون کان ٽي ڊالر کٽي ويو، جون در کڙڪايو ۽ اندر هليو آيو.

"تاس ڪندين جون؟" جئڪ هن کان پڇيو.

جون پنهنجو ٽوپلو لاهي ٽيبل تي رکيو. اهو سڄو آلو هو. هن جو ڪوٽ بہ آلو هو.

"مينهن ٿو پوي ڇا؟" جئڪ پڇيس.

"ڇڙو وسي نہ ٿو پر وسڪارو آ." جون چيو. ٽئڪسي ڦاسي پئي، لاچار لهي پنڌ آيو آهيان.

"اڄ تہ هڪ بہ بازي ڪري وٺون." جئڪ چيس.

"توکي تہ هلي ڪجهہ کائڻ گهرجي."

"نہ." جئڪ چيو، "اڄا کائڻ جو ارادو ڪونہ اٿم."

ان ڪري هنن اڌ ڪلاڪ کن راند ڪئي ۽ جئڪ هن کان ڏيڍ ڊالر کٽيو.

"ٺيڪ آ. مان سمجهان ٿو هاڻي هلي ماني کائڻ گهرجي." جئڪ چيو. هو دريءَ ڏي ويو ۽ ٻاهر نهاريائين.

"اڃا وسي پيو؟"

"هائو."

"پوءِ تہ هت هوٽل ۾ ئي ماني کائڻ گهرجي." جون چيو.

"ٺيڪ آ." جئڪ چيو، "هڪ راند ٻي بہ کيڏون ٿا. جيڪو هارائيندو اهو بل ڀريندو."

ٿوري دير کان پوءِ جئڪ اٿي بيٺو ۽ چيائين، "توکي ماني ڪارائڻي پوندي، جون."

اسان ڏاڪڻ هيٺ لهي، وڏي هال ۾ ماني کاڌي.

ماني کائي وري مٿي وياسون. جئڪ ۽ جون وري تاس کيڏڻ لڳا. جئڪ هن کان اڍائي ڊالر کٽيا. جئڪ ڏاڍو خوش پي ٿيو. جون کي هڪ ٿيلهي ساڻ هئي، جنهن ۾ سندس سمورو سامان سٽيو پيو هو. جئڪ پنهنجي قميص ۽ ڪالر لاهي، جرسي ۽ سُئٽر پاتو، تہ جيئن ٻاهر ايندي ٿڌ نہ لڳيس. هن آڪاڙي جا ڪپڙا ۽ جُبو ٿيلهي ۾ وڌو.

"تيار ٿي ويا؟" جئڪ پڇيو. "مان فون تي هيٺ چوان ٿو تہ ڪا ٽئڪسي جهلن."

اسان لفٽ ۾ هيٺ لهي، لابيءَ مان نڪري ٻاهر روانا ٿياسين ۽ ٽئڪسيءَ

تي چڙهي ’گاردن‘ ڏانهن روانا ٿياسين. مينهن زور سان پئجي رهيو هو، پر ان هوندي بہ رستا ماڻهن سان پريا پيا هيا. جڏهن اسان دڳ وٺي ڊريسنگ روم پهتاسين تہ ان کي بہ ماڻهن سان ٽمٽار ڏٺوسين. اها حالت رنگ کان اڌ ميل تائين پي معلوم ٿي. چوڌاري اوندھ هئي. رڳو رنگ ۾ روشني هئي.

"مقابلو هن رنگ ۾ چڱو ٿيندو. چڱو جو ٻاهر ميدان ۾ يا بال- پا ڪ ۾ نہ رکيائون." جون چيو.

"چڱي خلق آئي اٿن." جئڪ چيو.

"هن جاءِ تي هي مقابلو ٿي اهڙو آهي جو ايترو خلق ڇڪيندو جو ’گاردن‘ ۾ ماپي ئي نہ سگهندي."

"موسم جي باري ۾ تہ ڪجھ چئي نہ ٿو سگهجي." جئڪ چيو.

جون ڊريسنگ روم جي در تي آيو ۽ ليٿو پاتائين. جئڪ جبو پايو وينو هو ۽ فرش ڏي ويٺي نهاريائين. جون سان جوڙي مالشين جي بہ ساڻ هئي، جن هن جي ڪلهي وٽان جئڪ ڏانهن نهاريو. جئڪ ڪنڌ ڪٽي مٿي ڏٺو.

"هو رنگ ۾ لٿو آ." هن پڇيو.

"هو هاڻي هيٺ لهي ويو." جون چيو.

اسان نڪتاسين. والڪاٽ ان مهل رنگ ۾ گهڙي رهيو هو. ماڻهن هٿ ڪٽي هن جي ڪيڪار ۽ تعريف ڪئي. هو نوڙين جي وچ مان جهڪي اندر گهڙيو. سڌو ٿي، ٻئي مُڪون گڏي، ماڻهن ڏي ڏسي مرڪيو. پوءِ بند مٺيون لوڏيائين. هن اهڙيءَ ريت ساڳيو عمل رنگ جي چئني طرفن کان ورجايو ۽ پوءِ ويهي رهيو. ماڻهن مان لنگهندي، جئڪ جو وڏيڪ پرجوش آدرياءُ هٿ ڪٽي ڪيو ويو. جئڪ آئرشي هو، ۽ آئرشي هميشہ سٺو آدرياءُ ماڻيندا آهن. آئرشي نيو يارڪ ۾، اتالوي يا يهوديءَ جيان ڪمائي تہ سٺو نہ سگهندو آهي، پر استقبال سٺو ٿيندو اٿس. جئڪ مٿي چڙهيو، ۽ رسين مان ٽپڻ لاءِ جهڪيو. والڪاٽ پنهنجي ڪنڊ کان اٿي آيو ۽ جئڪ جي ٽپڻ لاءِ رسيءَ کي هيٺ ڪيائين. ماڻهن کي هن جو اهڙو عمل ڏاڍو پسند آيو. والڪاٽ، جئڪ جي ڪلهي تي، پنهنجو هٿ رکيو ۽ هڪ سيڪنڊ کن گڏ بيٺا رهيا.

"سو تون هاڻي مشهور پهلوانن مان هڪ ٿيندين." جئڪ هن کي چيو.

"اهو پنهنجي هٿ منهنجي ڪلهي تان لاھ."

"ڪجهہ تہ خيال ڪر." والڪاڻ چيس.

اهو سڀ ڪجهہ ماڻهن لاءِ وڏي ڳالهہ هئي. مقابلي ڪان اڳ ڪيڏاڙي ڪيترو نہ پاڻ ۾ شرافت سان تا گڏجن. ڪيئن نہ هڪ ٻئي لاءِ نيڪ تمنا جو اظهار تا ڪن. جنهن ويل جئڪ پنهنجي هٿن کي پٽيون ٻڌي رهيو هو، تہ سولي فريڊ مئن اسان واري ڪنڊ تي آيو ۽ جون، رالڪاڻ واري ڪنڊ وٽ ويو. جئڪ پنهنجو آڱوٺو پٽيءَ جي چير ۾ وڌو ۽ پوءِ هٿ تي پٽي آرام سان چاڙهي، مون ان کي ويٽيءَ وٽ ٽيپ هڻئين ۽ ٻہ ٽيپون هٿن جي پوئين پاسي تي هڻيون.

"اڙي يار." فريڊ مئن چيو، "اها ٽيپ ڪٿان آندءِ؟"

"ڪپڙي." جئڪ چيو، "نرم آهي نہ؟ ڇڻ نہ ٿيءُ."

جو وقت جئڪ پٽيون پئي چاڙهيون، فريڊ مئن اتي بيٺو رهيو. هڪ ڇوڪرو جو هن جي خدمت چاڪري ڪرڻ وارو هيو، دستانا کڻي آيو ۽ مان هن جي هٿن تي چاڙهي ٻڌي ڇڏيا.

"فريڊ مئن ٻڌاءِ تہ." جئڪ چيو، "والڪاڻ جي قوميت ڪهڙي آهي؟"

"مون کي صحيح خبر نہ آهي." سوليءَ چيو، "آهي مڙيو ئي ڊئنش قسم جو."

"بوهيما جو آهي." جنهن ڇوڪري دستانا آندا هيا، تنهن چيو.

ريفريءَ هنن کي رنگ جي وچ تي سڏيو ۽ جئڪ ان طرف ويو. والڪاڻ مرڪندو آيو. هو مليا، ۽ ريفريءَ ٻنهي جي ڪلهن تي هٿ رکيو.

"هيلو، شهرت." جئڪ والڪاڻ کي چيو.

"ڪجهہ خيال ڪر." والڪاڻ چيس.

"تون پاڻ کي 'والڪاڻ' ڇا لاءِ ٿو سڏائين؟" جئڪ چيو، "خبر ڪانہ اٿئي تہ هو شيدي هو؟"

"ٻڌو!" ريفريءَ چيو ۽ هنن کي ساڳيون روايتي هدايتون ڏيڻ لڳو. وچ ۾ هڪ دفعو والڪاڻ مداخلت ڪئي. هن جئڪ جي ٻانهن جهلي چيو، "جي هي مون کي هيئن جهلي، تہ مان ڪيس ڌڪ هڻي سگهان ٿو؟"

"پنهنجو هٿ پري ڪر." جئڪ چيو، "هن جي ڪا فلم ڪانہ تيار ٿيندي."

هو پنهنجي پنهنجي ڪُنڊن طرف ويا. مون جئڪ جو جبو ڪنيو ۽ هو نوڙيءَ تي نِوڙيو.

هن هڪ ٻہ ڀيرا پنهنجون ڄنگهون اڳتي پوئتي ۽ هيٺ مٿي ڪيون ۽ پير

زور سان هيٺ هنيا. گهنٽي وڳي، ۽ جئڪ آهستي آهستي اڳتي وڌيو. والڪاٽ به هن طرف وڌيو. ٻنهي پنهنجا دستانا پهريل هٿ هڪ ٻئي سان ڇهيا. جيئن ئي والڪاٽ پنهنجا هٿ هٽايا، جئڪ ٽپو ڏيئي سندس منهن تي ٻه مکون وهائي ڪڍيون. جئڪ کان بهتر مکي باز ڪٿي هيو ئي ڪونه. جئڪ جي پويان والڪاٽ وڌندو رهيو. سندس ڪاڏي سيني سان لڳل هئي ۽ سڄو وقت هن اڳتي وڌڻ جي پئي ڪئي. هن کي اها ڄاڻ هئي ته ڪيئن، ڪنهن هنڌ پهچجي ۽ ڌڪ هڻجي. پر جڏهن به هو ويجهو پي ويو ته جئڪ کيس ڪبو ٺونشو وهائي پي ڪڍيو. اهو ڄڻ ته خودڪار نموني ورجائيندڙ عمل هو. جئڪ رڳو کبو هٿ ڪنيو پي ۽ اهو والڪاٽ جي منهن تي ٺهڪيو پئي. جئڪ سڄو هٿ به هنيون پئي، پر والڪاٽ کي اهو ڪلهي يا مٿي تي پي لڳو. پر هو به ٻين ننڍي قد وارن جيان هو. هن هر ان هنڌ جو بچاءُ پئي ڪيو، جتي توهان کيس ڌڪ هڻي پئي سگهيا. منهن تي، کبي هٿ جي ڌڪ جي، هن پرواهه ڪونه پئي ڪئي.

ڇئن رائونڊن کان پوءِ، جئڪ هن کي رتو ڇاڻ ڪري ڇڏيو ۽ هن جو سڄو منهن زخمن سان ڀرجي ويو. پر هر ڀيري والڪاٽ سندس پرسان اچي کيس ايڏيون زوردار مکون پئي هنيون، جو جئڪ کي پاسيرين هيٺان، ٻنهي پاسن کان به ڳاڙها چٽا ٿي پيا. هر ڀيري ويجهي اچڻ تي جئڪ هن کي منهن تي ڪونه ڪو نشان ڪيو پئي. پر والڪاٽ وري کيس ويجهو پوندي هر ڀيري جسم تي اهڙو ٺونشو پئي وهائي ڪڍيو، جو آواز گهنٽيءَ ۾ پئي ٻڌڻ ۾ آيو. والڪاٽ به واهه جو ڳجها وار ڪيا. اهو حال ٽي چڪر پيا به هليو. هنن ڳالهايو به ڪونه پئي. رائونڊن جي وچ ۾ اسان جئڪ جي به چڱي مالش ۽ مهٽ سهٽ ڪئي پئي. هو ٺيڪ نه پئي لڳو. وڙهڻ ۾ به ڪو خاص ڪارنامو ڪونه پئي ڏيکاريائين. هن رنگ ۾ به ڪا خاص چرپر ڪونه پئي ڪئي. باقي ڪاٻيڙو ڌڪ ته ڄڻ پاڻ هرتو عمل هيو. ائين پئي لڳو ڄڻ ڪاٻو هٿ والڪاٽ جي منهن سان لڳو پيو هو ۽ جئڪ کي رڳو ڇورڻ جي خواهش ڪرٽي هئي. ويجهي پوڻ تي جئڪ هميشه خاموش هوندو آهي. هن کي خبر آهي ته پرسان اچڻ تي ڪيئن عمل ڪجي ۽ ائين ڪرڻ جا هن کي گهڻائي وجهه پي مليا، پر هن ائين نه پئي ڪيو. هڪ ڀيري جڏهن هو اسان واري ڪنڊ کان هيا ته مون هن کي والڪاٽ جي ويجهو پوندي ڏٺو. هن پنهنجو سڄو هٿ ڍرو ڇڏي ڏنو، کبو هٿ مٿي

ڪري والڪاٽ ڪي منهن تي ٺونشو هنيو. هٽ تي چڙهيل چمڙي جي دستاني جو هيٺيون سخت حصو، والڪاٽ جي نڪ تي لڳو. والڪاٽ جو رت وهي هليو ۽ هن پنهنجو منهن، جٽڪ جي ڪلهي ۾ لڪايو تہ ڪيئن ان رت جو حصو هن کي بہ ملي. جٽڪ يڪدم ڪلهو هٽايو ۽ سڄي هٽ سان والڪاٽ کي پري ڪري، ڪاٻي هٽ سان ساڳيو ئي عمل دهرايو.

والڪاٽ پنجن رائونڊن کان پوءِ ڏاڍو بيزار ٿيو جٽڪ جي حرڪتن کان نفرت ڪرڻ لڳو. جٽڪ جي منهن تي ڪابہ ڪاوڙ يا غصو ڪونہ هو. هو جو اڳ ڪاوڙبو يا ناراض ٿيندو هو، اهڙو هيل نہ هيو. هو پنهنجي مد مقابل کي مقابلي کان تنگ ۽ بيزار ڪري ڇڏيندو هو. ان ڪري ئي هو ڪدليوس کي ڏڪاريندو هو. ڪڏ هميشہ نئي نوان گر استعمال ڪندو هو، جي جٽڪ کي نہ ايندا هيا. جيستائين پاڻ ۾ سگهہ پائيندو هو، تيستائين جٽڪ پاڻ کي رنگ ۾ محفوظ سمجهندو هو. هو والڪاٽ سان بلڪل کهرو ورتاءُ ڪري رهيو هو. عجيب ڳالهہ اها هئي، جو جٽڪ هر طرح سان ڪلاسيڪي باڪسر يا مڪي باز پئي لڳو. هن ۾ اهي خوبيون هيون بہ.

ستين رائونڊ کان پوءِ جٽڪ چيو، "منهنجو ڪاٻو پاسو ۽ هٽ ڳرو ٿو ٿيندو وڃي."

ان کان پوءِ هن مار کائڻ شروع ڪئي. پهريائين ائين نظر نہ پئي آيو. پر هن جي راند ۾ اڳرائيءَ بجاءِ هاڻي والڪاٽ اڳرائي ڪري رهيو هو. هر ڀيري هو محفوظ هئڻ بجاءِ، وڌيڪ مصيبت ۾ نظر پئي آيو. هينئر هو هن کي ڪٻي هٽ سان پري بہ نہ پي رکي سگهيو. مقابلو تہ ساڳي ئي نموني هلي رهيو هو، پر هينئر رڳو والڪاٽ جا ڌڪ گسڻ بجاءِ، ڪيس زوراور نموني لڳي رهيا هيا. هن جي جسم تي ڏاڍي ڀيانڪ مار پيئي.

"ڪاڻن رائونڊ آ؟" جٽڪ پڇيو.

"يارهون."

"مان نہ ٿو بيهي سگهان." جٽڪ چيو. "منهنجون ڄنگهون جواب ڏيئي رهيون آهن." والڪاٽ ڪوڙ وقت کان ڪيس ڌڪي رهيو هو. هاڻي کان والڪاٽ زوردار وار ڪرڻ لڳو هو. هو بلڪل ڄڻ ٺونشن هڻڻ واري مشين ٿي پيو هو. جٽڪ رڳو روڪڻ ۽ بچاءَ واري ويڙهہ پئي ڪئي. پر هو ڀيانڪ مار کائيندو رهيو.

رائونڊن جي وچ واري وقفي ۾ مون سندس ڇنگهن تي چڱي محنت پئي ڪئي. مهڻ وقت سندس ڇنگهه جون مشڪون ڦڙڪيون پئي. هو ڏاڍو بيمار پئي لڳو.

"ويڙهه ڪيئن ٿي هلي؟" هن جون ڪان پڇيو. ۽ منهن هن ڏي ڪيو جو سچو سچيل هو.

"مقابلو ته هُن جي حق ۾ آهي."

"مان سمجهان ٿو ته مان هلي ويندس." جئڪ چيو. "مان نه ٿو چاهيان ته هي بوهيمي مون کي بس ڪرائي."

مقابلو ائين ئي هلندو رهيو. جيئن هن چاهيو پئي ته هلي. هن سمجهيو پئي ته هو والڪاٽ کي ماري نه سگهندو. هن پاڻ کي هاڻ طاقتور به ڪونه پئي سمجهيو. جيتوڻيڪ هو هيو ٺيڪ ٺاڪ. هن جا پئسا به لڳل هيا ۽ هن پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ، هيءَ ويڙهه ائين ختم ڪرائڻ پي چاهي جيئن هن اڳ ۾ رٿي ڇڏيو هو. هن نه پي چاهيو ته هو بيهوش ٿي وڃي.

گهنڊ وڳو ۽ اسان هن کي ڌڪو ڏيئي رنگ ۾ موڪليو. هو آهستي آهستي ويو. والڪاٽ يڪدم اچي هن جي مٿان ڪڙڪيو. جئڪ هن جي منهن تي کٻي مڪ وهائي ڪڍي. والڪاٽ اها بچائي سندس ويجهو پئجي ويو ۽ هن جي بدن تي ٺونشن جي برسات لائي ڏني. جئڪ هن کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ونڻ ائين هو جيئن هلندڙ ڪرائيءَ کي هٿ وجهجي. جئڪ هن کان ڌار ٿي، سڄي هٿ سان روڪيو پئي. والڪاٽ هن کي کٻي هٿ سان ٺونشو هنيو ۽ هو هيٺ هليو ويو. هو هٿن ۽ گوڏن پر اچي هيٺ ڪريو ۽ اسان ڏي ڏسڻ لڳو. ريفريءَ ڳڻڻ شروع ڪيو. جيئن اسان ڏي تڪيندو ۽ پنهنجو مٿو ڌوڻيندو رهيو. اٺن تي جون هن کي اشارو ڪيو، ڇو جو شور سبب ڳڻپ ٻڌڻ ۾ نه پي آئي. جئڪ اٿي بيٺو. ڳڻڻ وقت ريفري والڪاٽ کي، هڪ هٿ سان پري ڪيون جهليو بيٺو هو.

جڏهن جئڪ سڌو ٿي بيٺو، ته والڪاٽ ڏانهس وڌڻ شروع ڪيو.

"پاڻ سنڀال، جمي!" مون ٻڌو ته سولي فريڊمئن هن کي رڙ ڪري چيو.

والڪاٽ ڪيس ڏسندو جئڪ وٽ آيو. جئڪ کاٻي مڪ ڪيس وهائي ڪڍي. والڪاٽ رڳو پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. هو جئڪ کي پٺيءَ پر رسين تائين

ڪي بہ جھليون بيٺو ھو، جن تي ڪيس ڏڪ لڳا ھيا.

پوءِ ھن ڏڪ ھڻڻ شروع ڪيا. ھن جو چھرو پوائنٽو ٿي ويو. ھنن پنھنجن پاسن کي زور سان مھڻ شروع ڪيو، پوءِ ھٿ ھيٺ ڪري ھن والڪاٽ تي الر ڪئي. والڪاٽ منھن ڍڪي ڇڏيو ۽ جٽڪ سندس مٿي تي مارو شروع ڪري ڏنو. پوءِ ھن ڪھو ھٿ زوردار نموني والڪاٽ تي ھلايو، جو ڪيس نرن تي لڳو ۽ ساڄي مُڪ بلڪل اتي وڃي لڳي، جتي جٽڪ کي والڪاٽ جو ڏڪ لڳو ھو، پتي ڪان ھيٺ والڪاٽ ڪري پيو. ٻئي ھٿ ڏئي پيٽ کي جھليائين ۽ پٽ تي ڦٿڪڻ ۽ لڇڻ لڳو.

ريفري جٽڪ کي پاڪر ۾ ڪري سندس ڪنڌ طرف ڏڪي ويو. جون ٽپي رنگ اندر آيو، چوطرف رڳو رڙيون ۽ گوڙ گھمسان ھيو. ريفري ججن سان ڳالھائي رھيو ھو ۽ پوءِ اعلان ڪرڻ وارو اندر گھڙي آيو. ھن کي ميگافون ھٿ ۾ ھيو ۽ اعلان ڪيو.

"والڪاٽ سان ڪوٽ ڪرڻ سبب جٽڪ ھارايو."

ريفريءَ جون سان ڳالھائڻ لڳو، "مان ڇا تو ڪري سگھان؟ جٽڪ سان ڪوٽ ٿي تہ ان جو فائدو نہ ورتائين. اٿلو ھن جي وڪالت پي ڪيائين ۽ جڏھن ھو ڪرڻ وارو ھو تہ ھرو ڀرو ڪوٽ ڪيائين."

"ڪيئن بہ، راند تہ ھو ائين بہ ھاري ئي چڪو ھو." جون چيس.

جٽڪ ڪرسيءَ تي ويٺو ھو. مون سندس دستانا لاٿا، ۽ ھو ھٿن سان پاڻ کي جھليون ويٺو ھو. جڏھن ڪجھہ آرام ۽ ٺيڪ مليس تہ سندس منھن تان اھنج ۽ پيڙا جا اھڃاڻ گم ٿي ويا.

"وڃ ۽ وڃي چئينس تہ توکي افسوس آھي." جون ھن جي ڪن ۾ چيو، "ائين سٺو لڳندو."

جٽڪ اٿي بيٺو، سندس سڄو منھن پگھر ۾ شل ٿي ويو ھو. مون ھن کي جُبو پارايو. ھن ھڪ ھٿ سان پاڻ کي ڏڪ واري جاءِ تي جھليو ۽ رنگ جي ٻئي ڪنڌ طرف ويو.

ھنن والڪاٽ کي اٿاريو ۽ ڪيس مھٽي سھٽي رھيا ھيا. والڪاٽ واري ڪنڌ تي ڪوڙ ماڻھو بيٺا ھيا. ڪنھن بہ جٽڪ سان نہ ڳالھايو. ھو والڪاٽ مٿان جھڪيو.

"مون کي افسوس آهي." جئڪ چيو. "مون کي توسان ڪوٽ ڪرڻ جي نيت ڪونہ هئي." والڪاٽ ڪجهہ نہ ڪڇيو. هو ڏاڍو بيزار ۽ ناچاق پي لڳو.

"خير، هاڻي تہ تون چئمپين آهين." جئڪ هن کي چيو. "مون کي اميد آهي تہ اهو تنهنجي لاءِ گهڻين خوشين ۽ دلچسپين جو باعث ٿيندو."

"ڇوڪري کي اڪيلو ڇڏ." سولي فريڊمئن چيو.

"هيلو، سولي." جئڪ چيو. "مون کي ڏک آهي جو تنهنجي ڇوڪري سان ڪوٽ ڪيم." فريڊمئن رڳو هن ڏانهن نهاريو.

جئڪ ٽيڙ ڪائيندو، پنهنجي ڪنڌ طرف موٽيو. اسان ڪيس رسين مان ٽپائي، رپورٽن جي ٽيبلن ۽ خلق جي وچ مان ٻاهر ڪڍي آياسين. ان گوڙ مان ڪڍي اسان هن کي ڊريسنگ روم ۾ آندو.

والڪاٽ لاءِ اها وڏي شهرت واري ڪاميابي هئي. ان نموني 'گارڊن' ۾ پئسن جي شرط لڳائي وئي هئي.

ڊريسنگ روم ۾ گهڙڻ سان، جئڪ ليٽي پيو ۽ اکيون ٻوٽي ڇڏيائين.

"اسان کي جلدي هوٽل هلي، ڊاڪٽر گهرائڻ گهرجي." جون چيو.

"منهنجو اندر سڄو ادينگو پيو آهي." جئڪ چيو.

"مون کي ڏاڍو افسوس آهي، جئڪ." جون چيو.

"ٺيڪ آ. ڪائي ڳالهہ ڪانہ آهي." جئڪ چيو.

هو اکيون بند ڪيو ليٽيو پيو هو.

"هنن ٻنهي، هڪ ٻئي کي ٺڳڻ لاءِ سٺي ڪوشش ڪئي." جون چيو.

"تنهنجا دوست مورگن ۽ اسٽين فيلٽ." جئڪ چيو. "تو ڏاڍا عمدا دوست ڪيا آهن."

هو ستو پيو هو. هينئر سندس اکيون کليل هيون. هن جي منهن تي اجا بہ ٿَڪُ ظاهر هو.

"اهو ڪيڏو نہ عجيب آهي، جڏهن پئسي جو معاملو ٿو اچي تہ ڪيترو تڪڙو ۽ صحيح سوچي ٿو سگهجي." جئڪ چيو.

"تون بہ واهہ جو آهين، جئڪ." جون چيو.

"نہ." جئڪ چيو. "اهو تہ ڪجهہ بہ نہ هو."

# فرئنسز ماڪومبر جي مختصر خوش زندگي

منجهند جي مانيءَ جو وقت ٿي ويو هو ۽ هو سڀ ڪائڻ واري تنبوءَ جي ڇَنيءَ ڇت هيٺان ائين ويٺا هيا، ڄڻ تہ ڪجهہ ٿيو ئي نہ هو.

"تون ليمي جو رس پيئندين يا ليمن اسڪواش؟" ماڪومبر پڇيو.

"مان جِملٽ پيئندس." رابرٽ ولسن ٻڌايس.

"مان بہ جملٽ پيئندس. مون کي پيئڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ گهرجي." ماڪومبر جي زال چيو.

"منهنجي خيال موجب اهوئي بهتر ٿيندو." ماڪومبر اتفاق ڪندي چيو.

"هن کي چوءِ تہ ٽي گلاس ٺاهي."

ڇوڪري اڳ ۾ ئي شربت ٺاهڻ جو سانباهو ڪيو. سِٽيءَ جي ٿڌن ڳوٿرين مان بوتلون ڪڍڻ شروع ڪيون، جي اڳ ئي تنبوءَ جي ڇوڏاري جي وڻ هيا، انهن هيٺان هو اتي نري ڳگَ ٿي ويون هيون.

"مون کي هنن کي ڇا ڏيڻ گهرجي؟" ماڪومبر پڇيس.

"پاڻ وٽ تماڪ اڳ ئي گهڻو آهي." ولسن ٻڌايس. "تون خراب ڪرڻ تہ ائينْ ڪونہ چاهيندين."

"جمعدار هنن ۾ ورهائيندو؟"

"چڱي طرح."

اڌ ڪلاڪ کن اڳ، ماڪومبر کي، فتح جي خوشيءَ ۾ نوڪرن، چاڪرن ۽ مزدورن ڪئمپ جي ڪنڌي وٺان، ٻانهن ۽ ڪلهن تي کڻي اچي تنبوءَ وٽ لاٿو هو. بندوقچيـن ان خوشيءَ جي مظاهري ۾ ڪوبہ حصو نہ ورتو هو. جڏهن ڇوڪرن هن کي سندس تنبوءَ اڳيان اچي لاٿو تہ هن سڀني سان هٿ ملايو. هنن کان مبارڪون وصول ڪيون ۽ پوءِ اچي اندر تنبوءَ ۾ پنهنجي بستري تي ويٺو تہ ائين سندس زال بہ اندر آئي. هُن هِــن سان ڪجهہ بہ ڪونہ ڳالهايو ۽ هو هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ ٻاهر گينديءَ ڏانهن ويو. جتان پوءِ ڪائڻ واري تنبوءَ هيٺان ڇانوَ ۽ ٿڌي هوا ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

"نيٺ تو بہ شينهن ماريو." رابرٽ ولسن هن کي چيو. "لعنت پويس هيو بہ واه جو."

مسز ماڪومبر گهوُر سان ولسن ڏانهن ڏٺو. هوءَ بيحد حسين ۽ وڏي سماجي رُتبي واري عورت هئي. هن پنهنجي حسن جي وڏي سنڀال ڪئي هئي. ڪنهن وقت هن، هڪ ڪمپنيءَ کان پنج هزار ڊالر رکو پنهنجا فوٽو صحيح ڪري ڏيڻ جا ورتا هيا. جيتوڻيڪ هن ان ڪمپنيءَ جي پيداوار ڪڏهن بہ استعمال ڪونہ ڪئي هئي. فرئنسز ماڪومبر سان هن کي شادي ڪئي يارنهن سال گذري چڪا هيا.

"واهہ جو شينهن آ، آهي نہ؟" ماڪومبر چيو. هن جي زال هن ڏانهن نهاريو. هن انهن ٻنهي ماڻهن کي اهڙي طرح پئي ڏٺو. ڄڻ تہ هُن ڪين اڳ ڪڏهن ڏٺو ئي ڪونہ هو.

هڪڙو ولسن، سفيد فام شڪاري تہ هن ڪڏهن غور سان ڏٺو ئي ڪونہ هو. هن جو قد پورو پنو، وار ريتيءَ جي رنگ جهڙا، مڇون ڇهنبدار، منهن ۾ شفق جهڙي ڳاڙهاڻ ۽ سندس اکيون هلڪي نيري رنگ جون، جن جي ڪنڊن وٽ ٿورڙا جهڪا سفيد گهنج هيا، جي هن جي مرڪڻ سان کُلي ٿي پيا. هـن هُنَ ڏانهن ڏسي مرڪيو، پر هـِن سندس منهن تان نظرون هٽائي، ڪلهن ڏانهن ڏٺو، جي هن جي ويڪريءَ قميص اندر لهي ويا هئا. قميص جي کاٻي پاسي جتي کيسو هجڻ کپندو هو، اتي چئن سوراخن ۾ ڪارتوس اٽڪيل هيا. هُنَ جون نظرون هن جي ڳاڙهن هٿن تان، پراڻي پتلون تان ۽ مٽيءَ لڳل جوتن تان گذرنديون واپس سندس لڪل چهري تي اچي ڪتيون. هن اهو بہ ڏٺو تہ تنبوءَ واري لڪڙي تي جا ٽوپي رکي هئي، تنهنجي گول پاڇي، هن جي اُس سيڪل مُنهن جي ڳاڙهاڻ کي ڪيئن نہ اڇاڻ ۾ بدلي ڇڏيو هو.

"واه! هي گلاس پورو، تنهنجي شينهن جي خوشيءَ ۾." رابرٽ ولسن گلاس خالي ڪندي چيو. هو هُن ڏانهن ڏسي مرڪيو. پر هن مرڪ جو جواب مرڪ ۾ نہ ڏيندي، پنهنجي مڙس ڏانهن هُرکر وارين نظرن سان ڏٺو.

فرئنسز ماڪومبر قداور ۽ مضبوط قد ڪاٺ جو هو. "جيڪڏهن اوهان کي ڊگهو قد هرو پرو پسند آهي." رنگ سانورو ۽ وار ڪنهن وانجهيءَ جيان ڪتريل، چپ ٿورا سنها ۽ هو نهايت حسين ڄاتو ويندو هو. هن کي ساڳيا ئي

ولسن جهڙا شڪاري ڪپڙا پهريل هيا. پر ڪجهہ نوان هيا. هن جي عمر پنجٽيهہ سال هئي، پاڻ ڪي هميشہ تندرست ۽ توانو رکندو هو. راندين ۾ بہ هن جو چڱو معيار هو. خاص ڪري وڏيءَ مڇيءَ جي شڪار جي ڪارگذاري تہ واکاڻ جوڳي هئي. پر هاڻ ٿورو وقت اڳ خلق جي سامهون هن پاڻ کي بزدل ثابت ڪيو.

"شينهن مارڻ جي خوشيءَ جو جام." هن چيو. "مان تنهنجو ٿورو لاهي نہ سگهندس. جيڪي ڪجهہ تو اڄ ڪيو."

مارگريٽ، هن جي زال، هن کان منهن ڦيري ولسن ڏانهن ڏٺو.

"چڱو ائين ٿيندو تہ شينهن بابت وڌيڪ نہ ڳالهايون." هن چيو.

ولسن هن ڏانهن مرڪڻ کان سواءِ نهاريو. هُن ڀيري هُن ڏانهس ڏسي مرڪيو.

"اڄوڪو ڏينهن بہ عجيب گذريو آهي." هن چيو. "ڇا توکي منجهند جو، تنبوءَ هيٺان ٽوپلو پائڻ نہ گهرجي؟ تو پاڻ پي چيو مون کي."

"پائڻ تہ کپي." ولسن چيو.

"توکي خبر آهي، مسٽر ولسن، تہ تنهنجو چهرو وڌيڪ ڳاڙهو آهي." هن چيو ۽ پيهر ڏانهس ڏسي مرڪيائين.

"پيئڻ جي ڪري." ولسن چيو.

"مان ائين نہ ٿي سمجهان." هن چيو. "فرئنسز ايترو ڪجهہ پيئندو آهي، تنهن هوندي بہ هن جو چهرو ڪڏهن ڳاڙهو ڪونہ ٿيو آهي."

"پر اڄ تہ ڳاڙهو لال آهي." ماڪومبر چرچي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"نہ." مارگريٽ چيو. "چهرو تہ اڄ منهنجو سرخ ٿي ويو آهي. پر مسٽر ولسن جو تہ هميشہ ائين ئي هوندو آهي."

"خانداني اثر اٿس." ولسن چيو. "ڇا اهو بهتر نہ ٿيندو. جو اوهان منهنجي حسن بابت بحث ختم ڪريو. ائين ڪندءِ؟"

"مان تہ شروع ئي اڃا هاڻي ڪيو آهي."

"چونہ. ان کي اتي ئي ختم ڪريون." ولسن چيو.

"بيوقوف نہ ٿيءُ، مارگريٽ." هن جي مڙس چيو.

"ڪائي ڳالهہ نہ آهي." ولسن چيو. "واه جو لعنتي شينهن ماريو اٿئي."

مارگريٽ هنن ٻنهي ڏانهن ڏٺو ۽ هنن محسوس ڪيو تہ ڇاڻ هن روئي

ڏنو. هن کي ان جو ڏپ هيو ئي پر ماڪومبر کي ان جي ڪابہ پرواھ نہ هئي.

"جيڪر ائين نہ ٿئي ها! الا! جيڪر ائين نہ ٿئي ها." ائين چئي هوءَ پنهنجي تنبوءَ ڏانهن اٿي هلي ويئي. هن جي روئڻ جو ڪو آواز تہ ڪونہ پيو آيو، پر هن جي سنهي جارجيٽ جي گُلابي رنگ واري قميص اندر، ڪلهن جي هيٺ مٿي ٿيڻ مان، هو سڀ ڪجهہ سمجهي رهيا هيا.

"عورتون ائين ئي جذباتي هونديون آهن." ولسن قدآور شخص کي چيو، "ڳالهہ تہ رواجي آهي، پر ٿوري گهڻي ڳالهہ بہ هنن جي جذبن تي بار ٿي وجهي."

"نہ." ماڪومبر چيو، "منهنجي خيال موجب آءٌ ان کي سڄي ڄمار وساري نہ سگهندس."

"ڇريو ٿيو آهين. اچ تہ وڏي شڪاريءَ جي شان ۾ ڳالهايون." ولسن چيو، "اهو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏ. هونءَ بہ اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهہ تہ ناهي."

"ڪوشش تہ ڪبي وسارڻ جي." ماڪومبر چيو، "جيتوڻيڪ جيڪي ڪجهہ تو اڄ منهنجي لاءِ ڪيو، اهو البت وسارڻ مشڪل آهي."

"ڪجهہ ڪونهي." ولسن چيو. "اجائي بيوقوفي."

اهڙيءَ طرح هو ٻہر جي وڻن جي گهاٽيءَ ڇانوَ ۾ ويٺا هئا. ٻہرن جي پوئتان، پٿر وڇايا پيا هيا. سائي گاهہ جي ساوڪ، پٿرن سان ڀريل نهر جي ڪناري تائين نظر اچي رهي هئي. نهر جي ٻي پاسي سان ٻيلو شروع ٿي ٿيو. هو ليمي جو رس پي رهيا هيا ۽ هڪ ٻئي سان، اکيون ، ملائڻ کان لنواياءُون پئي. خادم ڇوڪرا منجهند جي مانيءَ لاءِ، ميز کي ناهي، سينگاري رهيا هيا. ولسن سمجهي ويو هو تہ خادم ڇوڪرا، دل ۾ ڇا سوچي رهيا هيا ۽ جڏهن هن ماڪومبر جي خاص اردليءَ کي ماڪومبر ڏانهن ٺوڪ واري انداز ۾ ڏٺو تہ هن يڪدم هن جي زبان سواهليءَ ۾ کين ڇنڀيو. اردلي ڇوڪرو منهن سُسائي ٻي پاسي هليو ويو. "تو ڇا پي چيس؟" ماڪومبر چيو.

"ڪجهہ نہ. چيومانس تہ ڪم ڦڙتيءَ سان ڪر، نہ تہ پندرنهن جي چڪر ۾ اچي ويندين."

"پندرنهن ڇا؟ ڦٽڪا؟"

"جيتوڻيڪ آهي غير قانوني." ولسن چيو، "اسان صرف هنن مٿان ڏنڊ وجهي سگهون ٿا."

"هائو. مان هلنديس. مان هلنديس نہ. فرئنسز؟"

"ڪئمپ ۾ چونہ ترسين ٿي؟"

"ڪڏهن بہ نہ." هن چيو. "اڄ جيان. مان ڪوبہ نظارو ڪنهن بہ قيمت تي، وڃائڻ نہ چاهيندس."

ولسن سوچڻ لڳو ٿورو وقت اڳ. جڏهن هوءَ روئڻ لاءِ هتان وئي هئي تہ ڪهڙي نہ سلجهيل عورت پي لڳي. ڏسڻ ۾ پي آيو تہ هوءَ سمجهي ٿي، احساس اٿس ۽ پنهنجي مڙس جي لاءِ درد اٿس ۽ حقيقت جو احساس پڻ، پر صرف ويهن منٽن ڪانپوءِ ساڳي آمريڪن عورت واري ڪٺورتا سندس چهري تي عيان آهي. لعنت آهي اهڙين عورتن ۾ي. سچي وڏيون لعنتي آهن.

"سياڻي بہ تنهنجي لاءِ وڏو تماشو پيش ڪنداسين." فرئنسز ماڪومبر چيو.

"تون نہ هلندينءَ." ولسن چيو.

"تون وڏي غلطي ڪري رهي آهين." هن ڪيس چيو. "مان تنهنجو ڪارنامو ٻيهر ڏسڻ چاهيان ٿي. تون ڏاڍو پيارو ٿو لڳين. اڄ صبح، جي ڪنهن جو سر اڏائڻ پيارو عمل آهي تہ."

"منجهند جي ماني بہ اچي ويئي." ولسن چيو. "اڄ تون ڏاڍي خوش آهين، ائين نہ؟"

"چونہ هجان. مان هتي ڪا موڳي ٿي ويهڻ تہ ڪانہ آئي آهيان."

"خير، هت بہ اجا موڳائپ جي ڪا ڳالهہ نہ ٿي آهي." ولسن چيو. هو، هتان درياءَ ۾ پيل پٿر ڏسي رهيو هو. درياءَ جي مٿانهين ڪناري جي پوئتان، وڻ نظر اچي رهيا هيا. ۽ هو صبح واري واقعي کي ياد ڪري رهيو هو.

"اوه، نہ نہ." هن چيو. "اجا تائين تہ مزو رهيو آهي ۽ سياڻي توکي ڪهڙي خبر تہ سياڻي جي آمد جو آءُ. ڪيڏيءَ شدت سان انتظار ڪري رهي آهيان."

"اهو ڦاڙهي جو گوشت اٿوَ." ولسن چيس.

"اهو ڳئُونءَ جي گوشت وانگر ٿيندو آهي نہ، جي سيهڙ وانگر نينگ ڏيندا آهن. ائين نہ؟"

"منهنجي خيال موجب تہ اوهان ٺيڪ بيان ڪيو آهي." ولسن چيو.

"اهو ڏاڍو لذيذ گوشت آهي." ماڪومبر چيو.

"ان کي گولي تو هنئين هئي فرئنسز؟" هن پڇيو.

"هائو."

"اهي خطرناڪ تہ نہ آهن يا آهن؟"

"تڏهن، جڏهن هو تو مٿان اچي ڪرن." ولسن هن کي ٻڌايو.

"پوءِ تہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي."

"مارگريٽ، اهو ڪتيءَ وانگر پونڪڻ، چڏين چونہ ٿي. ڪجهہ تہ گهٽاءِ."

ماڪومبر ڦاڙهي جي گوشت کي ڪٽيندي ۽ اونڌي ڪانٽي مٿان. جو، گوشت اندر ويو هو، ڪجهہ تريل پٽاٽا، گجر جو ٽڪر ۽ چٽڻي رکندي، چيو.

"منهنجي خيال موجب گهٽائڻ گهرجي." هن چيو. "چو جو تون فضيلت پرئي انداز ۾ چئي رهيو آهين."

"اڄ رات، شينهن جي خوشيءَ ۾ شيمئپن پيئنداسين." ولسن چيو. "منجهند جو گرمي ڪجهہ وڌيڪ آهي."

"واه شينهن!" مارگريٽ چيو. "مون ڪان تہ شينهن وسري ويو هو!"

رابرٽ ولسن دل ۾ سوچيو تہ هوءَ هن کي، اهڙيءَ طرح ذليل ڪري رهي هئي. ائين نہ؟ يا تون سمجهين ٿو تہ اهوئي ناٽڪ رچائڻ هن جو طريقو آهي. هڪ عورت کي ڪهڙي هلت هلڻ گهرجي، جڏهن کي مس اهو بخوبي معلوم ٿي وڃي تہ سندس مرد ڊڄڻو آهي؟ هيءَ بدبخت تہ ڪا ظالم آهي. پر عورتون سڀ ظالم ٿينديون آهن. اهي حڪومت ڪنديون آهن ۽ حڪمران کي ڪڏهن ڪڏهن ظالم ٿيڻو پوندو آهي، مان تہ هنن جا ڪيئي ظلم ڏسي چڪو آهيان.

"تورو ڦاڙهي جو گوشت ڪٽو." ولسن ڏاڍي عاجزي ڏيکاريندي، چيو.

ان ڏينهن، شام جو دير سان، ولسن ۽ ماڪومبر، ديسي ڊرائيور ۽ ٻن بندوقچين سان ٻيلي ڏانهن نڪري ويا. مسز ماڪومبر ڪئمپ ۾ ئي ترسي پئي. هن سوچيو تہ هن وقت گهڻي گرمي آهي ۽ هوءَ صبح جو سوير، هن سان ويندي. جيئن هو ڪار ۾ وڃي رهيا هيا ولسن ڏٺو تہ هوءَ وڏي وڻ هيٺان بيٺي هئي، گلابي ڪپڙن ۾، هوءَ جي حسين نہ، تہ بہ دل موهيندڙ ضرور لڳي رهي هئي، هن جا ڪارا زلف، نرڙ تان مٿي گڏ ٿي، سندس ڳچيءَ جي پويان وانگوڙو ناهيو بيٺا هيا. سندس چهرو تازگيءَ سان پريل، هن سوچيو جڻ هوءَ سچ پچ انگلينڊ ۾ آهي. جيئن ئي ڪار گهاٽي گاهہ اندر گهڙي ۽ گولائي ڪاٽيندي وڻن وٽان ڦري، تہ هن هٿ لوڏي، ڪين خدا حافظ چيو.

گهاٽن ٻوٽن ۾ هنن کي ڦاڙهن جو وڏو ڌڻ نظر آيو هنن ڪار اتي ئي ڇڏي ڏني ۽ هڪ وڏو نر ڦاڙهو. جنهن جا سڱ ڊگها ۽ ڦهليل هيا. ماڪومبر جي گوليءَ جو نشانو بڻجي ويو. سندس نشانو تعريف جوڳو هيو ۽ ڦاڙهو ڌڪ لڳڻ کان پوءِ هڪ قدم به چري نه سگهيو. باقي ڌڻ وٺي ڀڳو. ۽ هو اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي جي پٺين تي پير رکندا. لتاڙيندا. ڇال ۽ ڇلانگ ڏيندا وٺي ڀڳا ڄڻ هوا ۾ تري رهيا هيا. اهڙو منظر ڪڏهن ڪو خواب ۾ ئي ڏسي سگهي ٿو.

”واه جو نشانو چٽيو اٿئي.“ ولسن چيو. ”آهي به ننڍو نشان.“

”هن جي منڊي سنيالي رکڻ جهڙي آهي؟“ ماڪومبر پڇيو.

”بهترين.“ ولسن چيو. ”جي اهڙا نشان چٽيندو رهين. ته ڪڏهن به ڪا تڪليف نه ڏسندين.“

”ڇا خيال آهي تنهنجو. سياڻي ڪنهن سانَ سان مقابلو ٿيندو؟“

”اميد ته وڏي آهي. هو صبح سوير چرڻ نڪرندا آهن. جي ڀاڳ پڙيو ته ميدان ۾ ئي ملي ويندا.“

”مان اها شينهن واري لعنت لاهڻ ٿو چاهيان.“ ماڪومبر چيو. ”اها ڪا چڱي ڳالهه ته ناهي جو زال مون کي اهو ڪجهه ڪندي ڏسي.“

منهنجي خيال موجب ائين ڪرڻ انتهائي نامناسب آهي. ولسن سوچيو. زال يا ڪو ٻيو يا خود پاڻ ان باري ۾ چوڻ ته هي ڪجهه ٿيو آهي. پر هن چيس. ”مان ته جيڪر ان بابت وڌيڪ سوچيان ئي ڪونه. ڪير به پهريون دفعو. شينهن سان آمهون سامهون ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن حد تائين. پريشان ٿي ٿو سگهي. ٻيو ته جيڪي ڪجهه ٿيڻو هو. سو ته ٿي چڪو.“

پر ان رات. باهه جي پر ۾ وسڪي ۽ مانيءَ جي دؤر کان پوءِ. سمهڻ کان اڳ. فرئنسز. ماڪومبر جيئن ئي پنهنجي بستري تي ليٽيو ته هن ٻاهران ايندڙ آوازن مان محسوس ڪيو ته اهو ڪجهه جيڪو ختم ٿي وڃڻ ڪپندو هو. سو اڃان ختم ڪونه ٿيو هو. اهو نه ڪي ته ختم ٿي چڪو هو ۽ نه ان جي شروعات هئي. اهو سڀ ڪجهه اتي ئي موجود هيو ۽ ان جا ڪيئي اڻ مڃندڙ حصا ڦهليل هيا ۽ هي اهو محسوس ڪري ڏاڍو لڄي ٿيو. پر شرم کان به وڌيڪ. هن پنهنجي اندر ۾. هڪ سرد مهري محسوس ڪئي ڳڏوگڏ هڪ خوفناڪ ڊپ پڻ. ڊپ اتي ئي هو. هن جي دل جي اندر. خال ۾ جت اڳ يقين هوندو هو. ات

اڃي ان بيوفائيءَ واري خوف. جاءِ والاري هٿي ۾ اهڙي خوف هن کي پريشان ڪري ڇڏيو. اجان تائين هو ان خطري جي موجودگي محسوس ڪري رهيو هو.

اهو ڪالهہ رات ڪان وٺي شروع ٿيو هو، جڏهن هن اوچتو شينهن جي گجگوڙ ٻڌي هئي، جو نديءَ جو ڪنارو وٺي اچي رهيو هو. اهو ڏاڍو ڳرو ۽ پوائتو آواز هيو ۽ پڇاڙيءَ وقت، هڏڪين ۾ تبديل ٿي ٿي ويو. هو تنبوءَ ڪان ٻاهر نڪري آيو ۽ جڏهن وري اها گجڪار، فرئنسز ماڪومبر ٻڌي، تڏهن هن کي ڊپ اچي ورايو. هن جي زال جا ننڊ پئي هئي، تنهن جي ساهہ کڻڻ جو آواز، هو بخوبي ٻڌي رهيو هو. ٻيو بہ ڪو ڪونہ هو، جنهن کي هو ٻڌائي، تہ هو ڊڄي رهيو آهي يا هن سان گڏجي ڊڄي. اڪيلائيءَ ۾ هن کي اهو ياد نہ پي آيو تہ ديسي زبان ۾ چوندا آهن ڪيڏو بہ بهادر ماڻهو ٽي دفعا شينهن ڪان ڊڄندو آهي، هڪ ان وقت، جڏهن اهو پهريون دفعو شينهن جا پيرا ڏسندو آهي، ٻيو تڏهن جڏهن هو پهريون دفعو، هن کي گجگوڙ ڪندي ٻڌندو آهي. آخر ۾ جڏهن هو سنڌُس سامهون ٿيندو آهي. صبح جو سوير جڏهن هو هٽ ٻتيءَ جي روشنيءَ ۾ ناشتو ڪري رهيا هيا ۽ سج اڃا ڪونہ نڪتو هو تہ شينهن وري گجگوڙ ڪئي ۽ فرئنسز ائين محسوس ڪيو ڄڻ هو ڪئمپ جي پرسان اچي پهتو آهي.

"ائين ٿو لڳي ڄڻ هو هت اينڊڙ وينڊڙ آهي." رابرٽ ولسن، پنهنجي ناشتي واري پليٽ ڪان منهن مٿي ڪندي چيو، "هن جي گجگوڙ ٻڌ."

"هي ايڏو ويجهو آهي؟"

"ميل ڪن نهر جي مٿين پاسي."

"اسان ڏسي سگهنداسين؟"

"نظر اچي ويندو."

"هن جي گجگوڙ، ايتري فاصلي تان ٻڌڻ ۾ ايندي آهي؟ ائين ٿي ٻڌجي ڄڻ هو خود ڪئمپ ۾ موجود آهي."

"تمام پري ڪان." رابرٽ ولسن چيو، "اهو سچ پچ معجزو آهي، ان جو، ايڏي فاصلي تان ٻڌڻ ۾ اچڻ. اميد تہ ڪو وڏو شيطان هوندو. ڇوڪرن چيو پي تہ هت آس پاس هڪ وڏو شينهن آهي."

"جيڪڏهن مون کي گولي هڻڻ جو موقعو ملي تہ ڪٿي نشان وٺانس؟" ماڪومبر چيو. "جيئن رکجي وڃي."

"مون کي جاڳايئي ڇو نہ." هن چيو. "مان تہ جيڪر ڏاڍي شوق سان ٻڌندي رهان ها."

"هِن حرامزادي کي مارڻو ئي پوندو." ماڪومبر جڪ ڪائيندي چيو.

"ڏاڍو چڱو. ان لاءِ ئي تہ تون هت آيو آهين، ؟"

"هائو. پر مان وڃان ٿو سست ٿيندو. هن جي اهڙي گجگوڙ منهنجي اعصابن تي اثر انداز ٿي چڪي آهي."

"تہ پوءِ جيئن ولسن چئي تہ هن کي ماري، هن جي گجگوڙ ختم ڪر."

"هائو پياري." ماڪومبر چيو. "تنهنجي لاءِ چوڻ تہ سولي ڳالهہ آهي، نہ؟"

"تون ڊڄين تہ ڪونہ ٿو نہ؟ يا ڊڄين ٿو؟"

"نہ ڊڄان تہ نہ ٿو. پر سڄي رات هن کي گجگوڙ ڪندو ٻڌي، البت همت ڇڏائيندي ٿي وڃي."

"تون وڏي مهارت سان هن کي پورو ڪندين." هن چيو. "مون کي يقين آهي تہ تون مارينديئس. مان ان گهڙيءَ لاءِ بيتابيءَ سان منتظر آهيان."

"نيرن ڪائي وٺو تہ روانا ٿيون."

"اجا تہ پوري روشني بہ ڪانہ ٿي آهي. رات جي هيءَ گهڙي تہ ائين بہ فضول آهي."

ايتري ۾ شينهن وري گجگوڙ ڪئي، هن جي ڇاتيءَ اندران گڙگڙاهٽ ۽ نڙيءَ مان ڪهُنيل آواز نڪتو. آواز جون متاهيون لهرون ڄڻ تہ ڌرتيءَ کي ڌوڏي رهيون هيون ۽ اوچتي ئي اها گجگوڙ، وڏي شوڪاري ۽ زوردار هڏڪيءَ سان ختم ٿي وئي.

"ڄڻ تہ هت پرسان ئي گجي رهيو آهي." ماڪومبر جي زال چيو.

"او منهنجا الله!" ماڪومبر چيو. "هن موذي آواز کان مون کي ڪيڏي نفرت آهي."

"ڪيڏو نہ ان گجگوڙ ۾ اثر آهي."

"اثر، اهو خوفناڪ آهي." ماڪومبر چيو.

رابرٽ ولسن پنهنجي بدصورت خوفناڪي ۽ وڏي 505 گيس رائيفل کڻي اچي پهتو ۽ سندس چپن تي اُچاتري کل هئي.

"اچو." هن چيو. "توهان جي اردليءَ کي اوهان جي شپرنگ فيلڊ ۽ وڏي

بندوق آهي، هر چيز ڪار ۾ پئي آهي. توهان ڪي نهرا ڪارتوس آهن؟"

"هائو."

"مان بہ تيار آهيان." مسز ماڪومبر چيو.

"هن جو اهو هُل هُلاچو بند ڪرڻو آهي." ولسن چيو، "تون اڳيان ٿي ويھہ. ميم صاحبہ مون سان پوئتان ئي ويهي رهندي."

هو ڪار ۾ سوار ٿيا ۽ صبح صادق جي پهرين روشنيءَ ۾ نديءَ جو مٿاهون پاسو ڏئي، وڻن جي وچان روانا ٿيا. ماڪومبر رائيفل کي کولي ڏٺو، هُن نهريون شيهي واريون گوليون ڏسي اطمينان ڪيو. رائيفل بند ڪري سلامتيءَ واري ڪَل چاڙهي ڇڏي. هن ڏٺو تہ هن جو هٿ ڏڪي رهيو هو. پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهي، گولين مٿان هٿ ڦيرايو ۽ قميص جي سوراخن ۾ پيل ڪارتوسن کي آڱرين سان ڇهي ڏٺو. هن پوئتي مُڙي ڏٺو جتي ولسن، درين ڪان سواءِ، سيٽ تي سندس زال سان گڏ ويٺو هو. ٻئي ڪوڙي کل کلي رهيا هيا. ولسن ٿورو اڳتي جهڪي آهستي پڇڪيو، "پکي ڏسين ٿو هيٺ پيا لهن. ان جو مطلب تہ، نينگر پنهنجي شڪار کي ڇڏي ويو آهي."

نديءَ جي هن پار، ماڪومبر ڏٺو پريان ڳجهون گول چڪر ڪاٽي، هيٺ لهي رهيون هيون.

"شايد اهو موقعو ٻڄي جو آرام ڪرڻ ڪان اڳ، هُو پاڻي پيئڻ لاءِ هت اچي." ولسن پڇڪيو، "هيڏانهن هوڏانهن چتائي ڏسندو رهہ."

هو گاڏي آهستي آهستي هلائي رهيا هيا. نديءَ جو ترو پٿرن سان ڀريل هو ۽ اتان هڪ وڏو گول چڪر ڪاٽي، وڻن جي وچان ڦرندا گهرندا وڃي رهيا هيا. ماڪومبر جي نظر پرين ڪناري تي هئي، جو هن ولسن جي هٿ جو پنهنجيءَ ٻانهن تي زور محسوس ڪيو. ڪار بيهي رهي.

"اهو بيٺو اٿئي." هن پڇڪو ڀڌو، "سامهون، ساڄي پاسي، هيٺ لهہ ۽ نشانو وٺ. واهہ جو شينهن اٿئي."

ماڪومبر بہ هاڻي شينهن کي ڏسي ورتو هيو. هو سڌو بيٺو هو، سندس ڪنڌ هنن ڏانهن ڦريل هو. صبح جي ٿڌي هير هن جي ڪنڌ جي ڪارين بشڪن کي لوڏيندي، هنن ڏانهن سامهون سڌي اچي رهي هئي. شير، وڏو ٻبر شير، نهر جي مٿانهين ڪناري تي، صبح جي نيري روشنيءَ ۾ صاف پاڇي جيان نظر اچي

رهيو هو. هن جا ڪلها مضبوط ۽ پائيپ جيڏو جسم صاف لڏي رهيو هو.

"ڪيترو مفاصلو ٿيندو؟" ماڪومبر پنهنجي رائيفل سنڀاليندي پڇيو.

"اٽڪل پنجهتر وال. هيٺ لهه ۽ مارينس."

"اتان ئي ڇونه، جت وينو آهيان؟"

"ڪار ۾ ويهي شينهن نه ماربا آهن." هن ولسن ڪي، پنهنجي ڪن ۾ پٽڪندي ٻڌو. "هيٺ لهه، هو ڪو تو لاءِ سڄو ڏينهن ڪونه بيٺو هوندو؟"

ماڪومبر اڳين سيٽ وٽ، گولائيءَ واريءَ وٽيءَ مان، ڏاڪي تي پير رکي، هيٺ لٿو. شير ائين ئي بيٺو رهيو ۽ وڏي رعب سان، سواءِ ڪنهن فلڪ جي سامهون پنهنجي ڌن ۾ ڪنهن چيز ڏانهن ڇتائي ڏسي رهيو هو. هو ڪنهن وڏي طاقتور گينڊي جيان نظر اچي رهيو هو. انسان جي بوءِ، هن تائين، هوا جي مخالف طرف هجڻ سبب، پهچي ڪونه پي سگهي. هو ان چيز کي ڇتائي ڏسڻ جي ڪوشش به ڪري رهيو هو ۽ ڪنڌ به هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائي رهيو هو. مدمقابل ڏانهن نهاريندي، پَوَ ۾ نه پر ان خيال کان ان جي سامهون هوندي هو پاڻي پيئڻ لاءِ ڪيئن، نهر ڪناري وڃي، ته ايتري ۾ هن ڏٺو ته ان ڌُنڌلي پاڇولي مان ڪو ماڻهو ڇڙي جدا ٿيو ۽ هو پنهنجي ڪنڌ کي ڦيري، وڻن جي آڙ وٺڻ لاءِ سريو ته ايتري ۾ هن زوردار ٺڪاءُ ٻڌو ۽ نهري گوليءَ جو ڌڌڪي سان سندس پاسي ۾ چٽڪ چڪ ٻڌجي ويو هو. هن جي پيٽ ۾ اوچتو ڇڻ ٽانبا پکڙجي ويا. هن قدم کنيا پر ڳرا ۽ وزني، هيڏانهن هوڏانهن لڏندو. پريل پيٽ سان، وڻن جي وچان، ڊگهي گاهه ڏانهن، آڙ وٺڻ لاءِ وڌيو ۽ ان مهل هڪ ٻيو ڌڌڪو ٿيو جو هوا کي چيريندو، هن جي پرسان لنگهي ويو. ايتري ۾ وري زوردار ٺڪاءُ ٿيو ۽ هن ڌڪ محسوس ڪيو جو هن جي هيٺين تاڪين وٽ اچي لڳو ۽ هن جي تاڪين کي چيريندو ويو. هن جو وات گرم ۽ گجيءَ واري خون سان ڀرجي ويو ۽ هن وني وڏي گاهه ۾ ٽپو ڏنو ته جيئن هو ليٽي پاڻ کي لڪائي سگهي ۽ ان چيز جي ويجهي اچڻ تي، هو ان مٿان حملو به ڪري سگهي ۽ ان ماڻهوءَ کي پڪڙي، سندس خاتمو آڻي.

ماڪومبر جڏهن ڪار مان، هيٺ لٿو هن کي اهو اندازو نه هو ته شينهن ڇا سمجهي رهيو آهي. هن صرف اهو ڏٺو ته هن جا هٿ ڏڪي رهيا هيا ۽ جڏهن هن ڪار کان پري وڃڻ چاهيو ته هن محسوس ڪيو سندس ٽنگن ڇرڻ کان ڇڻ

جواب ڏئي ڇڏيو هو. سندس سٽرون ڇڻ تہ برف جيان ڇمي ويون هيون ۽ سندس مشڪون، ڦڙ ڦڙ ڪري رهيون هيون. هن رائيفل مٿي ڪنئين شينهن جي ڳچيءَ ۽ ڪلهن جي وچ ۾، جوڙ جو نشان ورتي. رائيفل جي گهوڙي کي دٻايو. ڪجهہ بہ نہ ٿيو. جيتوڻيڪ هن ايڏو زور سان دٻايو جو هن محسوس ڪيو تہ آگر نہ ڀڄي پوي. اتي هن کي ياد آيو تہ رائيفل تي سلامتيءَ واري ڪَل چڙهيل آهي ۽ جيئن هن رائيفل هيٺ ڪري، ڪَل کي لاهڻ چاهيو تہ هي هڪ قدم اڳتي هليو ويو ۽ شينهن هن کي، ڪار جي ڏنڊ واري پاڇي مان نڪرندو ڏسي، ڊگ ڀرڻ شروع ڪيا. جيئن ماڪومبر نشانو وٺي گولي هڻئين تہ اهڙو آواز ٿيو ڇڻ گولي پوري هنڌ لڳي هئي پر شينهن جي قدمن ۾ ڪا بہ لرزش نظر نہ آئي ۽ هو ائين ٽپي ڀڄندو رهيو. ٻي گولي هڻئين پر هر ڪنهن ڏٺو تہ اها صرف شينهن پوئتان ڌوڙ اڏائيندي ويئي. هن وري گولي هڻئين، اهو ياد ڪري تہ هن کي نشانو ڪجهہ هيٺ ڀرو وٺڻو آهي. سيني محسوس ڪيو تہ گولي نشاني تي لڳي آهي ۽ جيستائين هو وري گهوڙو چاڙهي، شينهن بہ وڏو ڇال هڻي وڃي گاهہ ۾ پهتو.

ماڪومبر اتي ئي ڪنهن بيمار جيان بيٺو رهيو. سندس هٿ ۾ گهوڙو چڙهيل رائيفل هئي، سي ڏڪي رهيا هيا. هن جي زال ۽ رابرٽ ولسن سندس ڀر ۾ بيٺا هيا. سندس بہ بندوقچي بہ هن سان گڏ بيٺا هيا، جي پنهنجي زبان ۾ ڳالهائي رهيا هيا.

"منهنجي گولي تہ لڳي اٿس." ماڪومبر چيو، "بہ دفعا مان ڇنيو اٿمانس."

"تو واقعي هن کي ڇنيو آهي، پر تنهنجي گولي هن کي اڳيان لڳي آهي." ولسن سواءِ اتساهہ جي چيو. بندوقچي ويڳاڻا تي ماٺ پئجي ويا.

"توکي هن کي مارڻو هو." ولسن چوندو رهيو، "هاڻي ڪجهہ وقت ترسڻو پوندو ۽ پوءِ هلي ڏسينداسين تہ ڇا ٿيو آهي."

"تنهنجو ڇا مطلب آهي؟"

"هن جي ڪِري لڳون تنهن ڪان اڳ هن کي ڪجهہ وقت ڇڏڻو پوندو تہ جيئن گوليون پنهنجو اثر ڏيکاري وڃهن."

"واہ جو شير آهي." ولسن چيو، "جيتوڻيڪ هو لڳو ڏاڍي خراب جڳهہ تي آهي."

"جڳهہ ڇو خراب آهي؟"

"تيستائين هن کي ڏسي نہ سگهنداسين، جيستائين هلي هن جي مٿان نہ بيهون."

"اوه." ماڪومبر چيو.

"اچ تہ هلون." ولسن چيو.

"ميم صاحبہ هت ڪار ۾ ئي ويهي رهندي. اسان هلي رت جا نشان ڏسون."

"مارگريٽ، تون هت ترس." ماڪومبر پنهنجي زال کي چيو. هن جا چپ خشڪ ٿي ويا هُيا ۽ هن لاءِ ڳالهائڻ بہ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو.

"ڇو؟" هن پڇيو.

"ولسن ٿو چوي."

"اسين وڃي ٿا ڪجهہ نظر ڦيرايون." ولسن چيو. "توهان هت ترسو. هت تہ اوهان هتان ڪان بہ چڱيءَ طرح ڏسي سگهندؤ."

ولسن، ڊرائيور سان سواهلي زبان ۾ ڳالهايو. هن ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چيو، "حاضر سائين."

هو اپي ڪناري واري چاڙهي چڙهي، نديءَ جي وچان، پٿرن تي چڙهندا، بوٽن جي پاڙن جي سهاري هو وڃي نهر جي هن پر پهتا ۽ ڳولهيندي وڃي ان جڳهہ تي بيٺا، جتان شينهن ڊگ پريو هو ۽ ماڪومبر جي پهرين گولي لڳي هيس. ان جڳهہ تي خون جا ڪارا چٽا گاهہ جي مٿان ظاهر هيا، جي بندوقچن ڏيکاريا جي سڌا، نديءَ ڪناري جيڪي وڻ هيا، انهن جي پوئتان ٿي ويا.

"هاڻي ڇا ڪريون؟" ماڪومبر پڇيو.

"هاڻي اسان جي مرضي تہ ڪانہ هلندي." ولسن چيو. "ڪار هت اچي نہ سگهندي. ڪنارو چڙهائيءَ وارو آهي. ٿورو وقت هن کي ڇڏيون تہ چڱو آهي زخم کيس ڪمزو ڪن، پوءِ هلي تون ۽ مان هن کي ڳولهينداسين."

"ڇا هن گاهہ کي باهہ نہ ڏيون؟"

"ڪافي سائو آهي."

"ساڙيا بہ موڪلي نہ ٿا سگهون؟"

ولسن هن ڏانهن قدر واري نگاهہ سان ڏٺو. "بيشڪ، موڪلي سگهون ٿا." هن چيو. "پر آهي خون ڪرڻ جي مترادف. ڏس نہ، اسان کي خبر آهي تہ

شينهن زخمي آهي. ساڻي سان ڪنهن تندرست شينهن ڪي تہ تون ٻاهر ڪڍي سگهين ٿو، ۽ هو آواز جي اڳتان هلندو رهندو، پر زخمي شينهن حملو ڪندو آهي. هن ڪي تہ تون ڏسي بہ نہ سگهندين، جيستائين تون وڃي سڌو هن جي مٿان نہ ڪڙڪين. هو جتي لڪل هوندو، اتي اهڙي نموني پنڊپهڻ ٿي ويو هوندو، جو تنهنجي وهم گمان ۾ بہ نہ ايندو تہ اتي ڪو سيهڙ بہ لڪي سگهي ٿو. تون اهڙي جڳهہ تي ڇوڪرن کي اهڙي ناٽڪ رچائڻ لاءِ ڪيئن موڪليندين، ڪونہ ڪو تہ ضرور ڦٽجي پوندو."

"بندوقچي ڇا ڪندا؟"

"انهن کي اسان سان هلڻو آهي. اهو هنن جو فرض آهي. توکي خبر آهي تہ انهيءَ فرض نباهڻ لاءِ تہ هنن معاهدي تي صحيح ڪئي آهي. جيتوڻيڪ هو بہ مطمئن نظر ڪونہ ٿا اچن. ائين نہ؟"

"مان پاڻ بہ اندر وڃڻ نہ ٿو چاهيان." ماڪومبر چيو. اهي لفظ نڪري وڃڻ کان پوءِ هن کي احساس ٿيو تہ هن ڇا چيو.

"مان پڻ." ولسن خوش ٿيندي چيو، "سچ تہ ٻيو ڪو رستو ئي ڪونهي."

يڪدم ٻيو خيال ايندي ئي هن ماڪومبر ڏانهن ڏٺو ۽ ڏٺائين تہ هو ڪيئن نہ ڏڪي رهيو هو ۽ سندس منهن تي مايوسي ڇانيل هئي.

"بيشڪ، توکي تہ وڃڻو ئي ڪونہ آهي. توکي خبر آهي تہ مان ان لاءِ ئي نوڪري تي رکيو ويو آهيان. ان ڪري ئي تہ مان ايڏو مهانگو آهيان."

رابرٽ ولسن جنهن جي سڄي ڄمار، شينهن ۽ انهن جا پيدا ڪيل مسئلا سلجهائڻ ۾ گذري هئي، جنهن ماڪومبر لاءِ ڪڏهن بہ ڪجهہ نہ سوچيو هو، سواءِ ان جي تہ هو هڪ سودائي ۽ ڏاڙي هو، تنهن اوچتو ئي محسوس ڪيو تہ ڄڻ هن هوٽل جي ڪنهن غلط دروازي کي کوليو هو، جنهن اندر ڪو تمام مفموم فعل ٿي رهيو هو.

"ڇا مطلب آهي تنهنجو؟"

"ڇونہ ان کي اتي ئي ڇڏي ڏيون؟"

"تنهنجو مطلب آهي تہ دل ۾ ائين سمجهون تہ هن کي گولي لڳي ئي ڪانهي؟"

"نہ، فقط وساري ڇڏيون."

”ائين نہ ٿيندو.“

”ڇونہ؟“

”ڀھريون تہ ھو ڏاڍي عذاب ۾ ھوندو. پيو تہ متان ڪو بيخبريءَ ۾ ھن متان اچي پوي.“

”ائين آھي.“

”پر توکي تہ ان لاءِ ڪجھہ بہ ڪرڻو نہ آھي.“

”مان جيڪر ڪجھہ ڪرڻ چاھيان.“ ماڪومبر چيو. ”پر توکي خبر آھي تہ مان ڪجھہ ڏڄي ويو آھيان.“

”جڏھن ھلياسين تہ مان اڳ ۾ ٿيندس.“ ولسن چيس، ”ڪونگوني پيرا ڪڍندو، تون منھنجي پوئتان، پري پري رھجانءِ. ٿي سگھي ٿو تہ ھن جي گجڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي، جڏھن ھن کي ڏسون تہ ٻئي متس گولي ھلائينداسين. ڪابہ ڳڻتي نہ ڪر. مان تنھنجي مدد لاءِ ھر وقت تيار ھوندس. سچي ڳالھہ اھا آھي ۽ توکي خبر آھي تہ تنھنجو ھلڻ ڪو ضروري ڪونھي. اھو وڌيڪ سٺو بہ ٿيندو. تون وڃين ميم صاحبہ سان گڏ ڇو نہ ٿو ويھين، جيستائين مان ھن کي پورو ڪري وٺان؟“

”نہ، مان ھلندس.“

”نيڪ آھي، ولسن چيو، ”جي تنھنجي دل نہ ٿي چاھي تہ پوءِ نہ ھل. اھو ھاڻي منھنجو فرض آھي. توکي تہ خبر آھي.“

”مان ھلڻ چاھيندس.“

ھو وڻ ھيٺان ويھي سگريٽ ڇڪڻ لڳا.

”جيستائين ھت ويٺا آھيون، تون ڇونہ وڃين بہ لفظ ميم صاحبہ سان ڳالھائي اچين؟“ ولسن پڇيو.

”نہ.“

”مان واپس وڃي ھن کي چئي ٿو اچان تہ ھوءَ صبر ۽ سڪون سان ويٺي رھي.“

”ڏاڍو چڱو.“ ماڪومبر چيو. ھو اتي ويٺو رھيو. سندس ڪڇن ھيٺان پگھر وھي رھيو ھو. سندس وات خشڪ ۽ پيٽ ۾ ڳنڍڙيون پئجي رھيون ھيون ۽ ھو اھڙي ھمت جي تلاش ۾ ھو. جنھن جي اچڻ سان ھو جيڪر ولسن کي چئي سگھي تہ ھو اڪيلوئي، ھن کان سواءِ، وڃي شير کي ختم ڪري. ھن کي اھا

خبر نہ هئي تہ ولسن ڪجهہ ناراض آهي ڇو جو هن ڪي، ان جي شروع واري حالت جو اندازو ڪونہ هو ۽ هن ئي هـُـنَ ڪي پنهنجي زال ڏانهن موڪليو هو. هي اتي ويٺو ئي هو تہ ولسن واپس اچي ويو، "مان تنهنجي وڏي بندوق آندي آهي." هن چيو. "اجها هيءَ وٺ. هن ڪي ڪافي وقت ڏنو اٿئي. منهنجي خيال موجب اچ تہ هلون."

ماڪومبر بندوق ورتي ۽ ولسن چيس.

"منهنجي پوئتان پنجن والن جي فاصلي تي، ساڄي طرف ڪان هلندو اچ ۽ ائين ڪجانءِ، جيئن مان چوانءِ." تنهن ڪان پوءِ هن سواهلي زبان ۾ ٻن بندوقچن کي، جي خوف ۾ ورتل هئا، ڪجهہ چيو.

"هلو تہ هلون." هن چيو.

"مان تورو پاڻي پيئان؟" ماڪومبر پڇيو. ولسن، وڏيءَ عمر واري بندوقچيءَ کي اشارو ڪيو، جنهن جي پٺي ۾ پاڻيءَ جو دٻو ٻڌل هو. هن پٽو کولي، دٻي جي ٻُنجي کولي، ماڪومبر جي حوالي ڪيو. ماڪومبر دٻو وٺي محسوس ڪيو تہ ان ۾ ڪافي وزن هيو ۽ پٽو هن جي هٿن ۾ ڏاڍو کهرو ۽ بد زيبو ٿي لڳو. هن دٻو پاڻي پيئڻ لاءِ مٿي ڪيو ۽ سامهون گاهہ ڏانهن نهاريو، جنهن پوئتان، سڌين چوٽين وارا وڻ هيا. ٿڌي هوا لڳي رهي هئي، جنهن ۾ بوٽا آهستي آهستي لُڏي رهيا هئا. هن بندوقچيءَ ڏانهن نهاريو ۽ ڏٺائين تہ هو بہ دپ ۾ پيلو ٿي ويو هو.

پنجٽيهہ وال گاهہ ۾ اندر، شينهن پاڻ کي زمين مٿان پٽاري ڇڏيو هو. هن جا ڪن پوئتي هيا ۽ هن جي چر پر صرف ڊگهي، ڪاري ۽ ڇڳي دار پڇ جي چوٽڙيءَ جي هيٺ مٿي ٿيڻ تائين محدود هئي. جيئن ئي هو ان گاهہ جي آڙ ۾ پهتو تہ ڦري حملي لاءِ تيار ٿي ويٺو ۽ هن کي پريل پيٽ ۾ جو زخم رسيو هو، تنهن هن کي عليل ڪري ڇڏيو هو ۽ ڦڦڙن واري زخم ڪري تہ هن کي ڪمزوري وڪوڙي ويئي هئي، ڇو جو هر ساهہ جي ڪڻڻ سان، هن جو وات، رت سان پرجي ٿي ويو. هن جا پاسا، رت سان، آلا ۽ گرم ٿي ويا هيا ۽ هن جي هيڊي چمڙيءَ جي اندر، شيهي جي گولين سوراخ ڪري وڌا هيا. تن تي مکيون اچي مڙيون هيون. هن جون وڏيون پيليون اکيون، ڪاوڙ ۾ سسيل، سامهون ڪتل هيون، جي ساهہ ڪڻڻ سان بند پي ٿي ويون ۽ هن جا چنبا، نرم سيڪيل زمين اندر گهڙي

ويا هيا. هن جو سڄو درد، علالت، نفرت ۽ هن جي باقي بچيل طاقت گڏجي، آخري حملي لاءِ، جمع ٿي وئي هئي. هو ماڻهن جا آواز ٻڌي رهيو هو ۽ انتظارڪري رهيو هو ته جيئن ئي گاهه اندر گهڙن تي هو سموري قوت جمع ڪري، هنن مٿان حملو ڪري. هنن جا آواز جيئن هن جي ڪنن تي پيا ته هن جي پيچ جي چوٽي هيٺ مٿي لڏي رهي هئي ۽ جيئن ئي هو گاهه جي پرسان پهتا ته هڪ هڏڪي ڏئي، هن وٺي حملو ڪيو.

ڪونگوني، پوڙهو بندوقچي، سڀ کان اڳ ۾ رت جا نشان وٺيو تي هليو. ولسن جي نظر گاهه ۾، هر چرپر تي هئي. وڏي بندوق تيار. پيو بندوقچي آواز جي ٽوهه ۾ رڌل هو ۽ سامهون به نظر ڪيو هلي رهيو هو. اڃا هو گاهه ۾ گهڙيا مس ته ماڪومبر شينهن جي رت سڪائيندڙ هڏڪي ٻڌي ۽ گاهه ۾ ڪنهن جي تکڙي ڪاهه ڏٺي. اوچتو هن محسوس ڪيو ته ڇڻ هو پٺي رهيو هو. بدحواس ٿي پٺي رهيو هو، خوف ۾ پٺي رهيو هو، نهر جي طرف.

هن ولسن جي رائيفل جو نڪاءُ ٻڌو ۽ ڪڏ بيو نڪاءُ ٻڌو، منهن ڦيري ان طرف ڏٺو ته شينهن جنهن جي اڌ منڍي گم هئي ۽ ڏاڍو هيبتناڪ ٿي لڳو. ولسن ڏانهن رڙهندو گاهه منجهان اچي رهيو هو. سرخ فام ماڻهوءَ، بدشڪل رائيفل جو گهوڙو چاڙهي، سڌو نشانو ورتو ۽ رائيفل جي ناليءَ مان هڪ بيو نڪاءُ نڪتو ۽ رڙهندڙ ايڏو وڏو وزني شينهن اتي ئي ڄمي ويو. سندس اڌ ڪٽيل منڍي پاسي تي لٽڪي پئي. ماڪومبر جيڪو پٺي اچي کليل ميدان ۾ بيٺو هو، ۽ هن جي هٿ ۾ گهوڙو چڙهيل رائيفل هئي، تنهن ڏانهن ٻن سياه ۽ هڪ سفيد فام ماڻهوءَ نفرت سان ڏٺو ۽ هن سمجهيو ته شينهن مري ويو. هي ولسن ڏانهن آيو ۽ هن جو ايڏو وڏو قد، ڇڻ ته هن کي، شرمائي رهيو هو.

ولسن هن ڏانهن ڏٺو ۽ چيائينس.

”ڪجهه تصويرون ڪڍندين؟“

”نه.“ هن چيو.

هنن پاڻ ۾ صرف ايترو ڳالهايو. جيستائين هو موٽر ڪار تائين پهتا، تنهن کان پوءِ ولسن چيو:

”واه جو شينهن آهي. ڇوڪرا پاڻيهي کل لاهي صاف ڪندا. تيستائين اسين هت ڇانوري ۾ ترسون ٿا.“

ماڪومبر جي زال نہ هن ڏانهن ڏٺو ۽ نہ ماڪومبر ئي پنهنجي زال ڏانهن نهاريو. هو ٻئي پوئين سيٽ تي ويٺا هيا ۽ ولسن اڳيان ويٺو هو. هڪ دفعو هن پنهنجي زال جو هٿ ورتي، پنهنجي هٿ ۾ جهليو. پر هن پنهنجو هٿ هن کان ڇڏائي ورتو. هن جي نظر اتان سڌو بندوقچن تي پئي پئي، جي شينهن جي کل لاهي رهيا هيا ۽ هن سمجهي ورتو تہ هن جي زال اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ورتو هو. اتي ويٺي ئي، هن جي زال ٿورو اڳتي جهڪي، ولسن جي ڪلهي تي هٿ رکيو. هن منهن ڦيرايو تہ هن اڳتي وڌي، هيٺ سيٽ تي جهڪي، هن جي وات تي چمي ڏني.

"اڙي!" ولسن وڌيڪ ڳاڙهو ٿيندي چيو.

"مسٽر رابرٽ ولسن." هن چيو، "سهڻا، سرخ چهري وارا مسٽر رابرٽ ولسن." ائين چئي هوءَ وري ماڪومبر جي پرسان ويهي رهي ۽ پري، نهرجي پرسان جتي شينهن پيو هو، نهارڻ لڳي. شينهن پٺيءَ ڀر پيو هو. جيئن ئي بندوقچي هن جي کل لاهي رهيا هيا تہ هن جون سفيد مشڪون ۽ ماس سان سجيل اڳيون ٽنگون ۽ سفيد ڏٻن وارو پيٽ ظاهر پي ٿيو. آخرڪار بندوقچي، شينهن جي کل لاهي ڪٽي آيا، جا ڏاڍي وزنيءَ آلي هئي ۽ پويان اچي کل سوڏا ويهي رهيا. چڙهڻ کان اڳ کل گول ويڙهي ڇڏيائون. ڪار هلڻ شروع ڪيو. ڪئمپ ۾ پهچڻ تائين، ڪنهن بہ ڪنهن سان، هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو.

شينهن وارو سمورو قصو اهوئي هو. ماڪومبر سمجهي نہ سگهيو تہ شينهن، جلهہ ڪرڻ وقت، ڇاپي محسوس ڪيو. يا جڏهن 505 رائيفل جي گولي جا هن جي ٻوٽ ۾ توب جي رفتار سان اچي لڳي يا اهو ڇا هيو جنهن هن کي ان جي پوئتان اچڻ لاءِ پي مجبور ڪيو، جڏهن ٻي چيريندڙ گولي، ڪڙڪاٽ ڪري هن جو پويون اڌ پرزا ڪري ڇڏيو ۽ هو ان ڪڙڪو ڪندڙ چيز جي پوئتان گيسڙيون پائيندو پي آيو. ولسن کي ڄاڻ هئي ۽ هن صرف انهن لفظن سان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو. "مردود، واه جو شينهن آهي!" پر ماڪومبر کي اها خبر پئجي نہ پي سگهي تہ ولسن جو انهن سڀني جذبن بابت ڪهڙو رايو هو. پنهنجيءَ زال بابت تہ هن ڇا پي سمجهيو، اها بہ هن کي ڄاڻ نہ هئي، سواءِ ان جي تہ هوءَ، هن سان تعلقات ٽوڙي چڪي هئي.

هن جي زال تہ اڳ بہ ڪيئي دفعا تعلق ٽوڙي چڪي هئي. پر اهو گهڻو

وقت ڪونہ هليو هو. هو وڏو شاهوڪار هو ۽ اجان وڏيڪ مالدار ٿيڻ جا منجهس اهڃاڻ هيا. هن کي پڪ هئي تہ هوءَ هن کي هاڻ ڪڏهن بہ ڇڏي نہ سگهندي. جن بہ ڳالهين جي هن کي ڄاڻ هئي، انهن مان اها بہ هڪ هئي. هن کي گهٽين ڳالهين جي ڄاڻ هئي، موٽر سائيڪلن بابت پر اهو شروع وارو زمانو هو، موٽرڪارن بابت، بدڪن جي شڪار بابت، مڇيءَ مارڻ بابت، ڏنيرو، ٿيلهي ۽ سامونڊي مڇي، ڪتاب، زالن مردن جي پيدن سان پريل، ڪيئي ڪتاب، اٿلي ڪتاب، ميدان ۾ ڪيڏڻ واريون رانديون، ڪتن بابت گهوڙين لاءِ ايترو ڪجهہ نہ. پنهنجي پيسن جي سنڀال ۽ اهڙيون ٻيون ڪيئي ڳالهيون جي دنيا جي وهنوار بابت ۽ اها ڳالهہ بہ تہ هن جي زال هن کي ڇڏي نہ سگهندي. هن جي زال پنهنجي وقت جي ڏاڍي خوبصورت عورت هئي ۽ اجا بہ آفريڪا ۾ هوءَ بيحد حسين عورت هئي، پر پنهنجي ملڪ ۾ هاڻ هوءَ ايتري خوبصورت عورت ڪانہ هئي جو هوءَ هن کي ڇڏي پنهنجي لاءِ هن کان وڌيڪ بهتر رشتو جوڙي سگهي. اها هن کي بہ بخوبي خبر هئي ۽ هُن کي بہ پڪ هئي، هوءَ هن کي ڇڏي ڏيڻ جو موقعو ضايع ڪري چڪي هئي، اها هن کي پليءَ پت ڄاڻ هئي. جيڪڏهن هو عورتن لاءِ ڪمائتو مرد هجي ها تہ هن کي بہ فڪر ستائي ها تہ متان هن کان وڌيڪ ڪنهن خوبصورت عورت کي ڦاسائي، زال ٻڌائي پر هن کي چڱي ريت معلوم هو ۽ ان ڪري هن کي فڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪانہ هئي. ان ڪان وڌيڪ هن ۾ ٿوري گهٽي ڳالهہ کي نظر انداز ڪرڻ جهڙي خوبي بہ هئي، جيڪڏهن اها هن جي دغا بازي نہ هئي تہ.

ڪيئن بہ هو، انهن ڪامياب شادي شده جوڙن جيان ڄاتا سڃاتا ويندا هيا، جن لاءِ ائين تہ ڪيئي دفعا افواهہ اٿندا هيا، تہ ڄاڻ ٽُٽا، پر حقيقت ۾ هنن ۾ ڪڏهن بہ اهڙي واضح ڦوٽ ڪونہ پيئي ۽ سماجي خبرن جي ڪالمن ۾ هنن بابت خبرون ڇپجنديون رهيون تہ هو پنهنجي ڪامياب ازدواجي زندگيءَ کي وڌيڪ خوشگوار بنائڻ لاءِ آفريڪا جي اونداهي کنڊ ڏانهن، شڪار جي مهم تي ويل آهن. مارٽن جانسن، سئنيما جي سونهري پردي تي ڪين، پوڙهي سمبا شينهن، ساڻ ۽ ٽيمبو هاٿيءَ جي پوئٽان ويندي ڏيڪاريو ۽ قدرتي تواريخ جي عجائب گهر لاءِ ڪيترن ئي قسمن جون ڇيزون جمع ڪندي ڏيکاريو. هن ساڳيئي ليکڪ گهٽ ۾ گهٽ ٽي دفعا لکيو هو تہ هو الڳ ٿيڻ جي قريب اچي

ٿيا آهن ۽ هو واقعي ٿيا بہ هيا. پر هو وري پاڻ ۾ پرچي ويا هيا. هنن کي پنهنجا لاڳاپا برقرار رکڻ لاءِ ٺوس سبب موجود هيا. ماڪومبر، مارگريٽ جي دلفريب حسن کي ڇڏي نہ ٿي سگهيو ۽ مارگريٽ، ماڪومبر جي بي انتها دولت کي لت هڻي نہ ٿي سگهي.

صبح جا ان وقت ٿي لڳي رهيا هيا. فرئنسز ماڪومبر جڏهن شينهن بابت ويچارڻ ڇڏيو تہ يڪدم ننڊ اچي ويس. هو اوچتو ئي جاڳي پيو، پر وري گهيرٽ وٺي ويس. اوچتو ئي اوچتو هو اٿي ويٺو، خواب ۾ زخمي شينهن هن مٿان بيٺو هو. هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي هئي ۽ هو چپ ڪري ڪجهہ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن اوچتو محسوس ڪيو تہ سندس زال، تنبوءَ اندر پيل کٽ تي ڪانہ هئي، ان ڳالهہ سان هو سڄا سارا ٻہ ڪلاڪ جاڳندو رهيو.

ايتري وقت گذرڻ کان پوءِ سندس زال تنبوءَ اندر گهڙي، مڇر داني مٿي ڪري، ڏاڍي آرام سان اچي بستري تي ليٽي.

”ڪيڏانهن وئي هئينءَ؟“ ماڪومبر اونده ۾ پڇي س.

”هيلو.“ هن چيو. ”تون جاڳين پيو؟“

”ڪيڏانهن وئي هئينءَ؟“

”هاڻي ٻاهر ويس، تازي هوا کائڻ.“

”ڪاڏي هونديءِ دوزخ جي هوا.“

”جاني، تون ڇا ٿو مون کان چورائڻ چاهين؟“

”تون وئي ڪيڏانهن هئينءَ؟“

”تازي هوا کائڻ.“

”ان ٻچڙائيءَ جو تو اهو نئون نالو رکيو آهي. ڪتي آهين.“

”خير، تون بزدل آهين.“

”ٺيڪ آهي.“ هن چيو. ”پوءِ ڇا ٿي پيو.“

”ڪجهہ نہ، جيستائين منهنجو تعلق آهي، پر مهرباني ڪري مون سان نہ ڳالهاءِ. منڙا مون کي ننڊ ٿي اچي.“

”تون سمجهين ٿي تہ مان هر ڳالهہ برداشت ڪندس.“

”مون کي خبر آهي تہ ڪندين، جاني.“

”مون کان برداشت نہ ٿيندو.“

"مهربان، پيارا، وڏيڪ نہ ڳالهاءِ. مون کي ننڊ ٿي اچي."

"ائين وري ڪڏهن نہ ٿيندو. تو واعدو ڪيو هو، تہ وري اهڙي ڳالهہ نہ ڪندينءَ."

"تو واعدو ڪيو هو."

"هائو جاني، منهنجو پاڻ اهوئي ارادو هو. پر سير جو لطف ڳالهہ ڪان وٺي ختم ٿي ويو. ڳالهائڻ تہ نہ گهرجي اسان کي ان باري ۾. ائين نہ؟"

"موقعو سو توکي مليو، باقي ان بچڙائيءَ کان باز رهڻ تنهنجي لاءِ محال آهي."

"هاڻ ڇڏ ان ڳالهہ کي پيارا، مون کي ننڊ ٿي اچي."

"مان ڳالهائيندس."

"تہ پوءِ منهنجو ڏک نہ ڪجانءِ جي مون کي ننڊ وٺي وڃي." هوءَ واقعي سمهي پئي.

سج ابرڻ کان اڳ هو ٽئي ناشتي جي ٽيبل تي اچي گڏيا. فرئنسز ماڪومبر محسوس ڪيو تہ زندگيءَ ۾ جن بہ انسانن کان هن نفرت ڪئي آهي، تن سڀني کان وڌيڪ هن، رابرٽ ولسن کي پي ڌڪاريو.

"ننڊ چڱي آئي؟" ولسن گهگهي آواز ۾، پائيپ ۾ تماڪ ڀريندي پڇيس.

"تون سمهين؟"

"ڏاڍي مزي سان." سفيد فام شڪاريءَ چيس.

حرامزادا، ماڪومبر چيو، بي ادب حرامي.

موٽڻ مهل هُن، هِنَ کي جاڳائي وڌو آهي شايد. ولسن هنن ٻنهي ڏانهن بي پرواهيءَ سان ڏسندي چيو. خير هو پنهنجي زال کي، اصل جڳهہ تي ڇونہ ٿو قابو ڪري؟ هو ڇا ٿو سمجهي تہ مان ڪو ڇوني جو نهيل ديوتا آهيان. اهو هن جو فرض آهي تہ هن مٿان ضابطو رکي. اهو هن جو پنهنجو ڏوهہ آهي.

"تنهنجو ڇا خيال آهي، سانُ ملي ويندو؟" مارگريٽ زردالن جي پليٽ پري سرڪائيندي پڇيو.

"موقعو ملي ويندو." ولسن چيس ۽ هن ڏانهن مرڪي نهاريو.

"تون ڪئمپ ۾ ڇونہ ٿي ترسين؟"

"ڇا بہ ٿي پوي مان نہ ترسندس." هن ٻڌايس.

"تون ڇونہ ٿو هن کي چهلين، تہ هوءَ ڪئمپ ۾ ترسي." ولسن، ماڪومبر کي چيو.

"هاڻي تنهنجو حڪم هلندو." ماڪومبر بي پرواهيءَ سان چيس.

"اسان مان نہ ڪو تہ حڪم هلائي ۽ نہ ڪائي بيهودگي ڪري، فرئنسز" مارگريٽ ڏاڍي وٽندڙ لهجي ۾ چيو.

"تون هلڻ لاءِ تيار آهين." ماڪومبر پڇيس.

"ڪنهن بہ وقت." ولسن هن کي ٻڌايو. "تنهنجي مرضي آهي تہ ميم صاحبہ هلي؟"

"منهنجي مرضي هجڻ يا نہ هجڻ سان ڪو فرق پوندو ڇا؟"

جهنم ۾ پون، رابرٽ ولسن سوچيو. وچي ڏوڙ پائين. اڳتي اهو سڀ ڪجهہ ائين ٿيندو. خير هاڻ اهو ائين ئي هلندو.

"فرق تہ ڪونہ پوندو." ولسن چيو.

"توکي پنهنجي پڪ آهي تہ تنهنجي دل ائين نہ ٿي چاهي، تہ تون هن سان گڏ ڪئمپ ۾ رهين ۽ مان اڪيلو، سانَ جو شڪار ڪرڻ وڃان." ماڪومبر پڇيس.

"مان تہ ائين نہ ڪندس." ولسن چيس، "تنهنجي جاءِ تي مان هجان تہ جيڪر ايڏي ساڙ سان نہ ڳالهايان."

"مان ساڙ مان نہ ٿو چوان، مان بيزار ٿيو آهيان."

"بيزار ٿيڻ، برو لفظ آهي."

"فرئنسز، مهرباني ڪري ڪا عقل جي ڳالهہ ڪر." هن جي زال چيس.

"مان ڪافي عقل سان ٿو ڳالهايان." ماڪومبر چيو، "اهڙو ڪنو کاڌو تو ڪڏهن کاڌو آهي؟"

"کاڌي ۾ ڪا خرابي آهي؟" ولسن آهستي پڇيو.

"انهيءَ ڪان وڌيڪ نہ، جا هر ڳالهہ ۾ آهي."

"توکي تہ مان سبق پڙهائي ڇڏيان. ماديءَ مُنهان." ولسن آهستي چيس، "پر هت ٽيبل تي هڪڙو ڇوڪرو ڪم ڪري رهيو آهي، جو ڪجهہ انگريزي سمجهندو آهي."

"ڇوڪرو پوي جهنم ۾"

ولسن يڪدم اٿي بيٺو ۽ پائيپ مان دونهان ڪڍندو، آهستي آهستي قدم کڻندو هليو ويو، بندوقچي جو هن جي اوسيئڙي ۾ بيٺو هو، تنهن سان سواهلي زبان ۾ چار لفظ ڳالهايا. ماڪومبر ۽ سندس زال ٽيبل تي ويٺا رهيا.

ماڪومبر پنهنجي پرسان رکيل ڪافيءَ جي پياليءَ کي گهوري رهيو هو.

"پيارا، جيڪڏهن تون ڪو تماشو ڪرڻ گهرين ته مان پوءِ ڇڏي وينديمانءِ." مارگريٽ آهستي چيس.

"نه، تون نه وينديندءَ."

"تون ائين ڪري ڏس ته خبر پونديءِ."

"تون مون کي نه ڇڏيندينءَ."

"نه، مان نه ڇڏي ويندس پر توکي به شرافت سان هلڻو پوندو."

"مان شرافت سان هلان؟ اهو طريقو آهي مون سان ڳالهائڻ جو؟ مان ڇال سڏاريان."

"هائو، تون ڇال سڏار."

"تون ڇونه ٿي پنهنجي ڇال سڏارين؟"

"مان گهڻي وقت کان ڪوشش ڪري رهي آهيان، تمام گهڻي وقت کان."

"مون کي ان ڳاڙهي چهري واري سوئر کان نفرت آهي." ماڪومبر چيو، "مون کي هن جي شڪل کان به بيجان ٿي اچي."

"سچي، هو ڏاڍو پيارو اٿئي."

"بڪواس بند ڪر." ماڪومبر رڙ ڪري چيس. ايتري ۾ ڪار هنن ڏانهن ايندي، ڪاڏي واري تنبوءَ وٽ اچي بيٺي. ڊرائيور ۽ به بندوقچي هيٺ لهي بيٺا. ولسن گهمندي گهمندي زال مڙس ڏانهن نهاريو جيءَ ٽيبل اڳيان وينا هيا.

"شڪار تي هلو ٿا؟" هن پڇيو.

"هائو." ماڪومبر چيو ۽ اٿي بيٺو. "هائو."

"بهتر ٿيندو ته پاڻ سان ڪو گرم اوڇڻ آڻيو. ڪار ۾ ٿڌ لڳندوَ." ولسن چين.

"مان ته پنهنجو جئڪيٽ ڪڍان ٿي." مارگريٽ چيو.

"ڇوڪري اڳ ۾ ئي ڪنيو آهي." ولسن ٻڌايس. هو ڊرائيور سان گڏ اڳيان ٿي وينو. ماڪومبر ۽ سندس زال، خاموش پويان سيٽ تي ٿي وينا.

اميد ته هن بيوقوف فقير جي دل ۾ اهو خيال نه ايندو، جو پويان ئي منهنجي ڪوپڙي نه اڏائي ڇڏي. ولسن دل ۾ سوچيو. عورت ائين به شڪاري مهم ۾ آزار ٿيندي آهي.

ڪار نديءَ جي جابلو گهاٽ وٽان، پٿرن کي پيهندي، صبح جي ٿڌيءَ

روشنيءَ ۾ نديءَ جي ٻيءَ پر واري چڙاهي چڙهي وڃي وڻن جي جهڳٽن ۾ بيٺي، هتي هڪ ڏينهن اڳ ولسن، رستو سڌو ڪرائي ڇڏيو هو.

ولسن صبح جي دلڪشي محسوس ڪئي. گاڏيءَ جا ڦيٿا جيئن ئي ماڪ پنل گاهه ۽ ننڍن ٻوٽن کي لتاڙيندا پي ويا ته چيتاڙيل پنن جي خوشبوءَ پکڙجي ٿي ويئي. اها بوءِ ڪنهن جهنگلي خوشبودار ٻوٽن جيان ٿي هئي. هن کي ماڪ جي صبح واري سوڳنڌ، ڏاڍي وڻندي هئي. جيئن ئي ڪار، اڻ لتاڙيل رستي تان وڃي رهي هئي ته چيپاٽيل ٻوٽا ۽ وڻن جا ٽڙ جي صبح جي ڏنڊ ۾ ڪارا نظر اچي رهيا هيا، ڏاڍو حسين منظر پيش ڪري رهيا هيا. پويان وينل ٻنهي ڇڻن کي هن پنهنجي دل مان ڪڍي، وساري ڇڏيو هو. هو صرف سانَ بابت سوچي رهيو هو. سانَ، جن بابت هو سوچي رهيو هو، سي ڏينهن جو سارو وقت، گهاٽيءَ گپ ۾ پيا هوندا هيا، جتي هنن مٿان گوليءَ سان نشانو وٺڻ ناممڪن هو، پر رات جو هو ٻاهر کليل ميدان ۾ گاهه چرندا هيا. جو هو ان ڏيڻ ۽ سانن جي وچ ۾ ڪار سوڌو اچي سگهي ته پوءِ ماڪومبر کي کليل ميدان ۾ هنن تي گولي هلائڻ جو بهتر موقعو ملي سگهندو. ماڪومبر سان گڏ هو سانَ جويا ڪنهن جو به شڪار، ڪنهن گهاٽي جهنگ ۾، ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هو، پر هو هڪ پيشور شڪاري هو ۽ ڪيترا دفعا هن جو عجيب عجيب شڪارين سان پالو پيو هو. جي اڄ هنن سانُ ماريو ته سياڻي گينڊي جي فرمائش ٿيندي ۽ هي غريب وڃي ها، ان خطرناڪ کيل ۾ الجهندو ۽ ڪهڙي خبر جا ٿئي عورت سان هن جي هاڻ ڪا دلچسپي ته رهي ڪانه هئي ۽ ماڪومبر به برداشت ڪري ويندو. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته هو اڳ به گهڻو ڪجهه برداشت ڪري چڪو آهي. غريب بڪاري، هن کي اهو سيڪجهه سهڻ جو ڏانءُ آهي. ڪيئن به اهو سڀ ڪجهه ان ويچاري جوشيلي جوان جو پنهنجو ڏوهه آهي.

هي رابرٽ ولسن، شڪاري مهم تي وڃڻ وقت هميشه ٻاڻ سان ٻٽي کٽ کڻندو هو ته جي بخت، يا وري ڪري ته ان ويڪري کٽ جو فائدو ماڻي سگهي. هن هميشه ڪن خاص گراهڪن کي شڪار ڪرائڻ ۾ مدد پي ڪئي، جيڪي تيز طرار ۽ تماشبين هوندا هيا ۽ هنن سان جيڪي عورتون ساڻ هونديون هيون، سي تيستائين ان مهم تي کيل خرچ سولو نه سمجهنديون هيون، جيستائين هو اچي رنگ واري شڪاريءَ سان ڪي گهڙيون گڏ نه گهارين. هو انهن سيني کان

جڏهن پري هوندو هو تہ نفرت ڪندو هو. جيتوٽيڪ ڪن ڪن ڪي هو وقتي طور پسند بہ ڪندو هو. پر جيئن جو هن جي گذر سفر جو دارومدار سارو انهن گراهڪن تي هو. تنهن ڪري جيستائين هو انهن جي ملازمت ۾ هوندو هو تہ هنن جي مقرر اخلاقي قدرن ڪي، پنهنجي لاءِ بہ ساڳيو ئي سمجهندو هو.

اهي ساڳيا هن جا بہ اخلاقي قدر هوندا هيا. سواءِ شڪاري اصولن جي. شڪار بابت هن جا پنهنجا اصول هيا ۽ هن جي گراهڪن کي انهن اصولن جي پوئواري ڪرڻي پوندي هئي. جي نہ، تہ پل وجي ڪو ٻيو ڳولهي لهن جو هنن کي شڪار ڪرائي. هن کي ان جو احساس هيو تہ هو سڀ هن جي انهن اصولن ڪري، عزت ڪندا هيا. جيتوٽيڪ هي ماڪومبر عجيب مخلوق هو. لعنت پوي، جو هو واقعي نہ هيو. هاڻي سندس زال، واه زال، هائو زال، هون زال. خير هن تہ سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو هو. هن منهن ڦيري هنن کي ڏٺو ماڪومبر منهن سڄايون غصي ۾ ويٺو هو. مارگريٽ هن ڏانهن ڏسي مرڪي. اڄ هو هميشہ کان وڌيڪ جوان، معصوم ۽ تازگيءَ سان پر نظر اچي رهي هئي. هن جي دل ۾ ڇا پئي وهيو واپريو، تنهن جي ڪل خدا کي. ولسن سوچيو گذريل رات هن ڳالهايو گهٽ، پر هُن ڪم ۾ هن جي مهارت ڏسي لطف پي آيو.

موٽر ڪار چاڙهي چڙهي وڻن وچان ويندي وجي، گاهہ سان ڇانئيل ميدان ۾ پهتي ۽ ڪناري ڪناري هلندي رهي. ڊرائيور آهستي ڪار هلائي رهيو هو ۽ ولسن گاهہ واري ميدان ۾ هيڏي وڏي ۽ وچ ۾ گهوري گهوري ڏسي رهيو هو. گاڏي بيهاري هن دوربينيءَ سان، گاهہ واري ميدان کي چڪاسي ڏٺو. ڊرائيور کي اشارو ڪيائين ۽ گاڏي هوريان هوريان هلڻ شروع ڪيو. ڊرائيور جانورن جون کوٽيل کڏون لنوائيندو ۽ ماڪوڙين جي ٺاهيل مٽيءَ جي دڙن کان پاسو ڏيئي ڦرندو، هلي رهيو هو. اوچتو جيئن ئي گاڏيءَ ميدان جو ڪليل پاسو ٽپيو تہ ولسن رڙ ڪئي،

”الله، هو تہ بيٺا آهن!“

جيڏانهن ڏنائين پي اوڏانهن اشارو ڪيائين ۽ ڪار تيز ڊوڙڻ شروع ڪيو ۽ ولسن جلدي جلدي سواهلي زبان ۾ ڊرائيور کي ڪجهہ چيو. ماڪومبر وڏا ڪارا ٽي جانور ڏٺا. جي جڻ تہ پنهنجي ڦولهہ ۾ گول مٽول، ٽي سياهہ جنگي گاڏين جيان نظر اچي رهيا هيا ۽ چراگاه جي پرينءَ پاسي کان ڊڪندا پي ويا.

هنن جون ٻچيون هڪ هنڌ بيٺل ۽ هنن جو جسم ڍڪيندي ساري جو سارو، هيٺ مٽي تي رهيو هو. هنن جا ڪارا ويڪرا سڱ سندن مٿي تي چڙهيل تہ ڪپي ويا هيا ۽ هنن جي ڍڪڻ سان منجهن ڪابہ چر پر ڪونہ ٿي ٿي.

"هي ٿي پوڙها سانَ آهن." ولسن چيو، "اسان هلي هنن مٿان پونداسين، جيستائين هو گپ ۾ ڦاسن."

ڪار پنجيتاليهہ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ميدان ۾ ڊڪي رهي هئي.

ماڪومبر سانن ڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺو ۽ هو ويا ٿي آهستي آهستي وڏا ٿيندا ۽ هاڻ هو چٽيءَ طرح هڪڙي وڏي سانَ جو رک جهڙو رنگ، وارن کان سواءِ، خارش زده چمڙي ڏسي رهيو هو ۽ هن جي ٻچي چڙهيل تہ سندس ڪلهن ۾ گهڙي ويئي هئي. جيئن ئي هو ڊڪي رهيو هو تہ سندس سڱن جي سياهيءَ تجلا پي ڏنا. هو ٿورو بين جي پويان هو، جي پنهنجي ٽيبون هٽندڙ ٿور ۾ چڙهيل تہ ساڳي ڏاڪي ۾ پوئجي ويا هيا. ڪار چڪر کاڌي، چڙهي تہ ٽپو ڏيئي سڌي ٿي ۽ هن سانَ جي ايڏي وڏي، ٽيبون هٽندڙ ٿولهہ ڏٺي. هن جي ڇڏين وارن واريءَ چمڙيءَ ۾ گپ پريل هئي. ايڏن ويڪرن سڱن جي مالڪ جو ويڪرين ناسن وارو ڊگهو بوٿ اڳيان پکڙيل هو. هو اجا پنهنجي بندوق مٿي ڪرڻ وارو هو تہ ولسن رڙ ڪيس، "ڪار مان وينې نہ، بيوقوف." هو ولسن کان ڪو ڊڄي تہ ڪو نہ پيو پر هن کان هن کي نفرت هئي. جيئن ئي ڪار کي بريڪ لڳو تہ هوءَ ڪيئي جهٽڪا کائي، هر ڏيندي وڃي هڪ هنڌ بيٺي. ولسن هڪ پاسي کان ۽ هو ٻي طرف کان ٿاٻا کائيندو هيٺ لٿو. زمين اجا بہ ڪار سان گڏ هلي رهي هئي. جيئن ئي سانُ پاسو وٺي ڀڳو، هن گوليون هڻڻ شروع ڪيون ۽ گولين جو آواز اهڙو اچي رهيو هو چڙهي تہ اهي سڀ سانَ ۾ اندر وڃي رهيون هيون. هن بہ بندوق جون سڀ گوليون هلائي، بندوق خالي ڪري ڇڏي. آخر ۾ هن کي ياد آيو تہ گوليون تہ هن کي، سان جي اڳين حصي ۾، ڪلهن وٽ هڻيون هيون. جيئن هو ٿاٻڙندي ٿاٻڙندي بندوق ڀري رهيو هو تہ هن ڏٺو تہ سانَ ڪري پيو. هو گوڏن ڀر ڪريو هو، هن جو ايڏو وڏو سر لڙڪي پيو هو. باقي سانَ هن ڏٺا تہ ان ئي رفتار سان ڊڪي رهيا هيا. هن جيڪو سان اڳيان هو تنهن کي گولي هئين، جا هن کي لڳي. هن ٻيهر گولي هنيس پر اها گسي ويئي ۽ ايتري ۾ هن ولسن جي بندوق جو ٺڪاءُ ٻڌو ۽ ڏٺائين تہ سانَ دون ڀر اچي ڪريو.

”هن ٻي کي وٺ.“ ولسن چيس، ”هاڻي، تون شڪاري لڳين ٿو.“

پر ٻيو سانُ پنهنجيءَ ساڳيءَ ئي رفتار سان ڊگ پڇندو وڃي رهيو هو ۽ هن جي گولي ڌوڙ اڏائيندي، گسي ويئي. ولسن جي گولي بہ گسي، ڌوڙ اڏاٽي ۽ ڪجهہ نهي ويو. ولسن رڙ ڪيس، ”اچ، گوليءَ جي مار کان گهٽو پري آهي.“ هن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وري اچي ڪار کي چنبڙيا. ڪار جي رفتار سان گڏ هو بہ زمين جي جهاڪن ۾ لڏي رهيا هيا ۽ ويا تي سانَ کي سوڙها پوندا جو پنهنجي ساڳي رفتار سان تلهي ڳچيءَ سان ٽيبون هڻندو، سڌو تي پڇندو پيو ويو.

هو هن جي پوئتان هيا ۽ ماڪومبر پنهنجي بندوق کي گولين سان پري رهيو هو. خالي گوليون هيٺ تي ڦٽي ڪيائين ۽ جي گولين وجهندي بندوق بند پي تي ويئي تہ وري ان کي ڪوليندو ويو تي پريندو. جيئن ئي سان جي ويجهو اچي پيا تہ ولسن رڙ ڪئي، ”جهل“ ۽ ڪار گهلبي رڙهندي وئي ۽ ذري گهٽ اوچتو بريڪ لڳڻ سبب اونڌي ٿيڻ کان بچي وئي ۽ جهٽڪي اچڻ سان ماڪومبر وڃي پرينءَ پر ڪريو. گهوڙو چاڙهي، ڊڪندي سانَ جي ڪاريءَ پنيءَ جي اڳين حصي جو نشان وٺي، گولي هلائي، هڪ، وري ٻي، وري ٽين. گوليون بہ سڀ هن کي لڳيون پر، پر هن ڏنو تہ اثر ڪنهن بہ ڪونہ ڏيکاريو. پوءِ ولسن گولي هڻين ۽ آواز هن کي ذري گهٽ ٻوڙو ڪري ڇڏيو ۽ هن ڏنو تہ سانُ ٿاٻو کاڌو. ماڪومبر چتائي نشان وٺي گولي هڻين ۽ اتي ئي سانُ گوڏن پر اچي ڪريو.

”ڏاڍو سٺو.“ ولسن چيو، ”واه جو ڪم ڪيئي، ٽئي پورا ٿيا.“

ماڪومبر کي چڻ تہ نشي جا خمار چڙهي ويا.

”ڪيتريون گوليون تو هلايون؟“ هن پڇيس.

”صرف ٽي.“ ولسن چيس، ”پهريون سانُ تہ تو ماريو. جيڪو وڏي ۾ وڏو هو. باقي ٻن کي پوري ڪرڻ ۾ مان تنهنجي ڪجهہ مدد ڪئي. ڊپ پي ٿيو تہ ڪٿي هنن کي ڪا لڪڻ جي جڳهہ نہ ملي وڃي. ماريو تہ سيني کي تو، مان تہ صرف آخري صفائي پي ڪئي. اڄ واه جو تو نشان ڏيکاريا.“

”هل تہ ڪار وٺ هلون.“ ماڪومبر چيس، ”مون کي اڄ لڳي آهي.“

”اڳ ۾ ان سانَ کي پورو ڪريون.“ ولسن جواب ڏنس. سان گوڏن پر جهڪيو وينو هو ۽ هنن کي پاڻ ڏي ايندو ڏسي، غصي ۾ وٺي ڪنڌ کي ڌوڻيو ۽ ڪاوڙ ۾ اڪيون ڪڍي، هڪ وڏي رنڀ ڪئي.

"ڏسجانءِ جيئن هو اٿي نہ." ولسن چيس، "شيهي واري گولي بندوق ۾ وجهي، ڳچيءَ وٽ ڪن جي پاڙ ۾ هڻينس."

ماڪومبر سان جي ايڏيءَ وڏيءَ، غصي ۾ لهرائيندڙ ڳچي ۾ چٽائي نشان وٺي گولي هڻين. گوليءَ لڳڻ سان هن جو پهاڙ جيڏو سر، اڳيان اچي ڌرتيءَ تي ڪريو.

"هي ڏاڍا بهادر آهن، ڏسڻ ۾ بہ عجيب آهن. آهن نہ؟"

"هل تہ هلي پٺون." ماڪومبر چيو. اڄ جهڙي خوشي هن پنهنجي سڄي ڄمار ۾ ڪڏهن بہ محسوس ڪانہ ڪئي هئي.

ڪار ۾ ماڪومبر جي زال ويٺي هئي، سندس منهن جو رت ئي سڪي ويو هو. "جاني، اڄ واه جو تو پاڻ ملهايو." هن ماڪومبر کي چيو، "پر واه جو اڄوڪي سواري بہ هئي."

"ڏاڍا جهاڪا هيا؟"

"ڏاڍي خوفنائتي، پنهنجي ساري عمر ۾ مان ڪڏهن بہ ايڏي نہ ڊني آهيان."

"اڄو تہ سڀ ڪجهہ پيئون." ماڪومبر چيو.

"بيشڪ." ولسن چيو، "پهريائين مير صاحب کي ڏي." هن سڌو گهگهيءَ مان وسڪيءَ جو ڍڪ پريو ۽ ڳيت ڏيڻ مهل ٿورو ڪنڌ ڏڪاي و. هن گهگهي ماڪومبر ڏانهن وڌائي، جنهن پوءِ ولسن کي ڏني.

"ڏاڍي پوائتي ۽ جوش ڏياريندڙ هئي." هن چيو، "ان تہ مون کي ڏاڍو متي ۾ سور وجهي ڇڏيو آهي. مون کي خبر ڪانہ هئي تہ توهان کي، ڪار ۾ ويهي شڪار ڪرڻ جي اجازت آهي."

"اسان مان تہ ڪنهن بہ ڪار ۾ ويهي، گولي نہ هلائي آ." ولسن رکائپ سان چيس.

"منهنجو مطلب آ تہ ڪار ۾ ويهي، هنن جو پيڇو ڪرڻ."

"رواجي طرح ائين نہ ڪبو آهي." ولسن چيس، "جيتوڻيڪ ائين ڪندي بہ مون کي شڪار جي اصولن پٽاندڙ پي لڳو. انهيءَ نموني گاڏي هلائڻ ۽ ان ميدان ۾ جنهن ۾ ڪيئي ڪڏون کوبا ۽ ٽنگ آهن، پيادل شڪار ڪرڻ ۾ وڌيڪ خطرا هيا. سانَ جي چاهن ها تہ هر دفعي جڏهن بہ اسان گولي پي هلائي تہ هو اسان مٿان حملو ڪري پي سگهيا. هنن کي بہ اسان هر موقعو ڏنو. جيتوڻيڪ ڪنهن بي سان اها ڳالهہ ڪبي ڪونہ. اهو واقعي غير قانوني آهي، جيڪڏهن

تنهنجو مطلب اهو آهي تہ."

"مون کي اهو نامناسب پئي لڳو." مارگريٽ چيو، "ايڏن وڏن، لاچار ۽ بيوس جانورن جو موٽر ڪار سان پيڇو ڪرڻ."

"واقعي؟"

"اهي ڇا چوندا، جي نئروبيءَ کي انهن جو پتو پوي؟"

"هڪ تہ منهنجو شڪار پروانو منسوخ ڪيو ويندو، ٻيا بہ ڪي اڻوندڙ واقعا."

ولسن گهگهيءَ مان ڏک پريندي چيس، "مون کي شايد پوءِ هي ڏنڊو بہ ڇڏڻو پوي."

"سچ پچ؟"

"ها. سچ پچ."

"واه." ماڪومبر چيو ۽ سموري ڏينهن ۾ اها هن جي پهرين مرڪ هئي. "هاڻي توکي بہ هن مُٺ ۾ بند ڪبو."

"فرئنسز، توکي بہ عجيب طريقو آهي، هر ڳالهہ کي پنهنجي نموني سوچڻ ۽ سمجهڻ جو." مارگريٽ چيو. ولسن ٻنهي ڏانهن ڏٺو ۽ دل ۾ سوچيو، جيڪڏهن چئن اکرن جي نالي وارو مرد، ٽن اکرن جي نالي واريءَ عورت سان شادي ڪري تہ سندن ٻارن جو نالو ڪيترن اکرن وارو هوندو. پر هن کين ٻڌايو، "هڪڙو بندوقچي اجا گم آهي، توهان محسوس ڪيو آهي؟"

"الله! نہ." ماڪومبر چيو.

"اڙي اهو اچي پيو. جتي اسان پهرين سانَ کي ڇڏيو، شايد اتي ئي هو گاڏيءَ مان ڪري پيو هوندو."

هن ڏانهن ايندڙ، ڪرڙوڊ بندوقچي هو. هن کي پرت پريل ٽوپي، خاڪي رنگ جي پتلون قميص ۽ ربڙ جي چپل پيل هئي ۽ هو منڊڪائيندو اچي رهيو هو. هن جي منهن ۾ غم ۽ اکين ۾ بيزاري پي نظر آئي. جيئن هو پهتو تہ پنهنجي سواهلي زبان ۾، ولسن کي رڙ ڪري ڪجهہ چيو ۽ سيني ڏنو تہ سفيد فام شڪاريءَ جو منهن لهي ويو.

"هي ڇا پيو چوي؟" مارگريٽ پڇيس.

"چوي پيو تہ پهريون سانُ اٿي، ٻوڙن ۾ هليو ويو." ولسن چيو ۽ هن جو آواز ڪنهن جذبي کان خالي هو.